# سنڌي ٻولي:
# مختلف لساني پهلو

ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو

(مقالا)

ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2012ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (175)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو (مقالا)

| | |
|---|---|
| تحقيق: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ڇاپو پهريون: | 2012ع |
| ٽائيٽل: | اسد الله ڀٽو |
| تعداد: | هڪ هزار |
| قيمت: | 200/- روپيا |
| ناشر: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ |
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

**Catalogue Reference**
Fahmida Hussain, Dr,
Sindhi Language: Various Linguistic Aspects
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-81-9

Sindhi Language: Various Linguistic Aspects [Articles]

| | |
|---|---|
| by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | First, 2012 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | 200/- |
| Composed by: | Hussain Ahmed Memon |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary,<br>Sindhi Language Authority<br>National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printer: | Peacock Printers, Karachi |

هيءُ ڪتاب، تاج جويو، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچيءَ مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# فهرست


- ناشر نوٽ 5
- پنهنجي پاران 7
- سنڌي گرامر جا مسئلا 13
- سنڌي ٻوليءَ جون فطري خوبيون ۽ سنڌي گرامر 56
- ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ـ هڪ جائزو 67
- بيهڪ جون نشانيون 76
- سنڌي صورتخطيءَ جا ڪي حل طلب مسئلا 90
- صورتخطي ۽ هِجي جو علم Orthography 113
- علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت 126
- شاهه لطيف جي ٻولي: هڪ نقطه نظر 145
- ادب ۾ لفظ جي اهميت 166
- فيمنزم جو لساني پهلو 176
- آٽوميٽڪ رومن ٽرانسلٽريشن 190

# ناشر نوٽ

سنڌي ٻوليءَ بابت اڀياس ۾ کوجنا جا ڪيترائي رُخ آهن، جن تي اسان جا نوجوان محقق ۽ يونيورسٽين مان ايم فل/ پي. ايڇ ڊي ڪندڙ شاگرد نئين انداز ۾ تحقيق ڪري، سنڌي ٻوليءَ بابت عام طور مشهور غلط يا صحيح مفروضا رد يا قبول ڪرڻ لاءِ نتيجا ڪڍي سگهن ٿا. انهيءَ ڏس ۾ جن پهلوئن تي انهن مستقبل جي محققن کي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي تاريخ ۽ اشتقاقن جو علم، سنڌي لفظن جي درست ۽ معياري هِجي يا صورتخطيءَ بابت مونجهارن جو حل، سنڌي وياڪرڻ جي اصلوڪين خوبين کي نروار ڪرڻ ۽ هن ٻوليءَ جي منفرد خصوصيتن کي ٻين پينر ٻولين سان ڀيٽي نمايان ڪرڻ، سنڌيءَ ۾ باقاعده لغت نويسيءَ جي قاعدن قانونن جي پيروي ڪري لغتون ٺاهڻ، ادب جي پرک ان جي ٻوليءَ ذريعي ڪرڻ يا تخليقڪار ۽ سندس تخليق ذريعي ان جي ٻوليءَ جون خوبيون خاصيتون، ظاهري ۽ لڪل معنائون جاچڻ جو عمل وغيره شامل آهن... انهن سڀني پهلوئن تي تحقيق لاءِ اتساهڻ جي مقصد سان لکيل مقالن کي هن ڪتاب ۾ سهيڙيو ويو آهي.

ڏٺو ويو آهي تہ تحقيق ڪرڻ لاءِ شاگرد موضوعن جي تلاش ۾ هوندا آهن ۽ اڪثر سنڌي ادب جي مختلف صنفن جي ارتقائي جائزي، مختلف قديم يا جديد شاعرن يا اديبن جي خدمتن يا ڪن خصوصي پهلوئن کان سواءِ تقابلي مطالعي وغيره بابت تحقيق ڪرڻ چاهيندا آهن. شاهہ لطيف تي تحقيق ڪرڻ جي خيال کان بہ اهي سندس ڪلام ۾ شاعرائين خوبين نظرين، فلسفن ۽ تصوف جي سلسلن جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاسي پوندا آهن... پر سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جي

لاءِ ڪوبہ تيار ڪونہ هوندو آهي. نہ ان جي صوتيات تي نہ صرفيات تي، نہ ان جي معنويات تي ۽ نہ ئي نحويات تي ڪوجنا ڪرڻ لاءِ ڪو دل ۾ڏي سگهندو آهي!

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ ارتقا جو موضوع بس چند نظرين کان اڳتي وڌي نہ سگهيو آهي. موهن جي دڙي جي لکت جي پاڄ لاءِ ڪو سنڌي جديد لسانيات جي علم ۽ ڪمپيوٽر جي ڄاڻ ذريعي ڪا پيش رفت ڪرڻ جي قابل نہ ٿي سگهيو آهي. سنڌي تحرير يا لکت جي ارتقاء بابت کوجنا صرف اڳوڻن ڪتابي ذريعن مان ڪاپي پيسٽ ڪري ڪئي ٿي وڃي. برهمي، ديوناگري، گرمکي، خواجڪي، واڻڪي، خداواديءَ کي پڙهي سگهڻ جي صلاحيت بنا ئي انهن ۾ ماترائن جي هئڻ نہ هئڻ تي بحث ٿيندا رهيا آهن. سنڌيءَ لاءِ معياري لپيءَ جي مقرر ٿيڻ مهل رچرڊ برٽن، ايلس، اسٽئڪ ۽ ٽرمپ جي ڏنل دليلن کي جيئن جو تيئن ورجايو ويندو آهي. معياري لپي مقرر ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل اٺ رڪني ڪميٽيءَ جي ميمبرن بابت اجايا بحث ڪيا ويا آهن تہ ڪير ڪير شامل هو ڪنهن جي ان وقت ڪيتري عمر هئي وغيره.... ان سموري عمل (process) ۾ خود عربي- سنڌي لپيءَ جي مقرر ڪرڻ بابت علمي سبب ۽ ان جي ڄاڻ خير ڪا ملندي.

ان پسمنظر ۾ هي ڪتاب عمومي طور سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق ڪندڙن لاءِ ۽ خصوصي طور يونيورسٽين ۾ تحقيق لاءِ نوان موضوع تلاش ڪندڙن لاءِ هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي. اسان کي اميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس ۾ هڪ سنو اضافو ثابت ٿيندو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# پنهنجي پاران

سنڌي ٻولي قديم زماني کان جديد زماني تائين پنهنجي وجود ۽ بقا جي جنگ وڙهندي آئي آهي. هن سڪي ستابي ڌرتيءَ سنڌ، ڪاهي ايندڙ قومن، ڌرمي / مذهبي گروهن، ۽ مختلف دورن ۾ ٻاهران لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ آبادڪارن (رضاڪارانه طور آيل يا ڏکجي آيل) جي ٻولين سان مهاڏو اٽڪايو هوندو. ساڻن لهه وچڙ سبب سنڌي ٻوليءَ گهڻو ڪجهه ڏنو ۽ ورتو هوندو. ڪڏهن مختلف فاتحن پنهنجيون ٻوليون زوريءَ ٿاڦيون ۽ مڙهيون هونديون ته ڌرمي/ مذهبي اهميت رکندڙ ٻوليون غالب به پيون هونديون. وڏي پيماني تي ٿيل لڏپلاڻ (migration) کان پوءِ آڳاٽي توڙي ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌيءَ مٿان ڪن ٻولين جو اثر اٿتر رهيو هوندو. اهڙي صورتحال ۾ سنڌي ٻوليءَ پاڻ بچائيندي، انهن ٻولين تي ڪهڙو اثر وڌو اهو اسان جو موضوع ڪونهي، پر خود سنڌيءَ ڪهڙا ڪهڙا اثر قبول ڪيا، انهيءَ تي ضرور غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سنسڪرت، عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻوليون مختلف دورن ۾ سرڪاري طور تي يا مذهبي ۽ سياسي غلبي سبب سنڌيءَ سان مقابلي ۾ رهيون آهن ۽ اها حقيقت آهي ته سنڌيءَ انهن ٻولين جا تمام گهڻا اثر ورتا آهن. خاص ڪري لفظي خزاني (Vocabulary) ۾ سنڌيءَ انهن سمورين ٻولين کان تمام گهڻو حاصل ڪيو آهي، پر اها به حقيقت آهي ته انهن لفظن کي ان پنهنجي مزاج ۽ اصولن موجب نهڪائي استعمال ڪيو آهي ۽ پنهنجي بنيادي جوڙجڪ ۽ ستاءَ ۾ تبديليءَ جي ڏس ۾ سنڌيءَ وڏي مزاحمت ڪئي آهي ۽ پنهنجي پاڻ کي هر قسم جي تسلط ۽ تبديليءَ کان بچايو آهي. سنڌيءَ جي اها بناوت يا جوڙجڪ ايتري ته فطري طور ڳوڙهي ۽ مضبوط آهي جو سالن کان ڪڏهن ان کي سنسڪرت جي بناوت سان ته

ڪڏهن عربي فارسيءَ جي قاعدن قانونن سان نهڪائڻ جي ڪوشش جي باوجود ان جون بنيادي فطري اصلوڪيون خوبيون ۽ خصوصيتون بنهه ڌار ۽ منفرد روپ ۾ ڪر ڪنيو بيهو رهن ۽ مختلف ٻولين جا وياڪرڻي ماهر، ڪٿي نہ ڪٿي اهو چوڻ تي مجبور ٿيو پون تہ "اها خاصيت شايد ڪنهن آڳاٽي اصلوڪي ٻوليءَ مان رهجي ويل آهي". يا "اُها خوبي ڪيس ٻين ٻولين کان ممتاز ڪري ٿي." يا "اُن بناوٽ جو سبب سنڌيءَ جو ڪو آڳاٽو ديسي روپ آهي"۔ ايئن ڪوبہ مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي تہ سنڌيءَ ۾ اهي خاصيتون ان ڪري آهن جو اها هڪ ٻاڻاٽي اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن پنهنجي بنيادي سٽاءَ کي سانڍي رکيو آهي ۽ اهو ايترو تہ پڪو پختو آهي جو ان کي ڪير لوڏي نٿو سگهي. افسوس جهڙي ڳالهہ تہ اها آهي تہ اڄ بہ معلومات جا سمورا ذريعا، انٽرنيٽ تي موجود websites ۽ پرنٽيڊ انسائيڪلوپيڊيائون سنڌيءَ کي هند۔ آريائي (Indo_Aryan) ٻولي ٿا لکن، جڏهن تہ آرين جي آمد لاءِ خود انهن جي ڏنل تاريخن کان بہ اڳ سنڌوماٿر جي تهذيب ۽ لکت جون ثابتيون بہ انهن ئي ويب سائيٽن ۽ ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ ٻڻ بنياد بابت تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) جا ماهر پيا تحقيق ڪندا، موهن جي دڙي جي مهرن جي لکت جي پاڄ (decipherment) تي بہ ڪوششون پيون ٿينديون، پر جيڪا ڳالهہ اسان جي هٿ وس آهي، انهيءَ تي تہ اسين تحقيق ڪري سگهون ٿا. اها آهي، سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ سٽاءُ۔ يعني وياڪرڻ يا گرامر. انهيءَ کي صحيح نموني سان سمجهڻ سان اسين سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي ساخت کي ٻين ٻولين جي ساخت سان ڀيٽي ان جون اصلوڪيون (indigenous) خوبيون نروار ڪري نتيجا ڪڍي سگهون ٿا. ان جي لفظي ذخيري ۾ نج سنڌي لفظن جي مدد سان علم اشتقاق ۽ تاريخي ارتقا (Etymology) جي ذريعي ان جي قدامت ظاهر ڪري سگهون ٿا.

لکت ۾ سنڌيءَ جي درست استعمال جي ڏس ۾ سنڌي گرامر جي ڄاڻ بيهڪ جي نشانين جي سمجهہ کان علاوه درست صورتخطي يا هِجي ۾

لکڻ بہ اهميت رکي ٿو انهيءَ مسئلي تي پڻ وڏي توجهہ جي ضرورت آهي.
ٻوليءَ جي سکياءَ، ترقيءَ ۽ درست استعمال لاءِ لغتن جو وڏو ڪردار هوندو آهي. اهي نہ صرف ڪنهن ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي محفوظ ڪن ٿيون، بلڪ ان جي لفظن جي صحيح هِجي، وياڪرڻي حيثيت ۽ اشتقاقن بابت بہ ضروري ڄاڻ مهيا ڪرڻ جو ذريعو ٿين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي روايت تي روشني وجهڻ سان خود ٻوليءَ جي ماضيءَ ۾ ٿيل ارتقاء جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ علم لغت ۽ لغت سازيءَ (Lexicology & Lexicography) جي ڄاڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن مستقبل ۾ صحيح ۽ معياري انداز ۾ لغتون جوڙي سگهجن.

ادب ٻوليءَ جي ترقيءَ جو ضامن هوندو آهي. ادب ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جي ذريعي نہ صرف خود تخليقڪار کي سمجهڻ جو موقعو ملي ٿو پر سندس ٻوليءَ ڏانهن رويي کي بہ سمجهي سگهجي ٿو ۽ خود ٻوليءَ جو اڀياس بہ ڪري سگهجي ٿو.

شاهہ لطيف جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جي لفظن، اصطلاحن، بناوٽن ۽ لساني جوڙجڪ کي سمجهڻ جو هن وقت موجود اهم ترين دستاويز آهي، جنهن جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، مزاج ۽ استعمال جي طريقن جو علمي اڀياس ڪري سگهجي ٿو. شاهہ جو رسالو هڪ اهڙو ’معيار‘ آهي، جنهن تي سنڌي ٻوليءَ جي سمورن لهجن ۽ اپ لهجن يا محاورن جي پرک ڪري سگهجي ٿي، ان ڪري ضروري آهي تہ شاهہ لطيف جي ٻوليءَ جو بہ گهرائيءَ سان مطالعو ڪجي ۽ ٻئي سموري ادب جو بہ ان پهلوءَ کان تجزيو ڪري ڏسجي.

سماجي لسانيات کي ويهين صديءَ جي وچ ڌاري هڪ نئين علم طور متعارف ڪرايو ويو ۽ ان حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان اول ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘ جي موضوع تي پي ايچ ڊي مرحوم ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي ڪئي هئي. سماج ۾ مختلف طبقن/ پرتن جي ٻوليءَ جي اڀياس ذريعي پڻ سنڌي ٻوليءَ جا مختلف رُخ معلوم ڪري سگهجن ٿا.

سماج جي هڪ جُز طور عورتن جي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ يا عورتن بابت سماج جي رويي کي ٻوليءَ جي اڀياس ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش هڪ طرف سماجي لسانيات جو موضوع آهي ته ٻئي طرف 'فيمنزم' جو به موضوع آهي. انهيءَ حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڀيرو "فيمنزم جو لساني پهلو" بحث هيٺ آيو آهي. اهي سمورا موضوع گڏي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

تلهي ليکي چئي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڪيترن ئي حوالن سان بحث ڪري ڪن اهم پهلوئن ۽ مختلف مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي، جنهن سان اميد آهي ته سنڌيءَ بابت تحقيق جا ڪي نوان موضوع ۽ نوان رخ، نوجوان محققن کي اتساهيندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

# سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو

# سنڌي گرامر جا مسئلا

اها حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ خطي ۾ ٻولي صدين جي سفر ۾ گهٽائي لفظ اصطلاح ۽ ڪي بناوتون حاصل يا ترڪ ڪري ٿي، پر ان جي سٽاءُ ۽ ساخت ۾ اوستائين ڪا وڏي تبديلي نہ ٿي اچي، جيستائين ماڻهو اها اصلوڪي ٻولي ڳالهائڻ ڇڏي، مڪمل ڪا ٻي ٻولي نہ اختيار ڪري وٺن. سنڌي ٻوليءَ سان بہ ائين ئي ٿيو آهي جو اها ڪيترين ئي ٻولين سان لهہ وچڙ ۾ آئي، انهن کان ڪيترائي لفظ اُڌارا ورتائين، ڪيترا لفظ متروڪ ٿي ويا، پر سندس بنيادي ساخت ۽ سٽاءُ جوڙجڪ ۽ بناوٽ ۾ ڪا وڏي تبديلي ڪانہ آئي.

ٻولين جي انهيءَ بنيادي ساخت ۾ جيڪي اصول ڪارفرما هوندا آهن، انهن کي بيان ڪرڻ جي علم کي گرامر / وياڪرڻ چيو ويندو آهي، انهن کي عربيءَ ۾ صرف ۽ نحو بہ چيو ويندو آهي. چوتہ ان ۾ لفظن ۽ جملن جي بناوتن جي باري ۾ اصول بيان ٿيندا آهن. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هر ڪا ٻولي پهرين وجود ۾ آئي، ان جو گرامر ان جي اندروني جوڙجڪ (frame work) ۽ نظام (organization) جي سمجهڻ سمجهائڻ لاءِ پوءِ جوڙيو ويو.

سنڌيءَ ۾ باقاعده گرامر لکڻ جو رواج تہ انگريزن جي دور ۾ پيو (اڳ ۾ جيڪڏهن سنسڪرت، پراڪرت وغيره جا گرامر هئا تہ بہ انهن جو سنڌيءَ سان ڪو سڌو لاڳاپو ڪونہ ٿو ٿئي) هن وقت تائين ڪيترائي گرامر جا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، پر اهي سڀ ٻوليءَ جي بنياد بابت ڪنهن نہ ڪنهن نظريي ۾ يقين رکي لکيا ويا، ان ڪري خود سنڌي ٻوليءَ کي سندس اصلوڪي صورت موجب پرکي، لسانيات جي اصولن مطابق ڪو گرامر ڪونہ جوڙيو ويو. ويهين صديءَ ۾ تشريحي (Descriptive) ۽ جوڙجڪ وارا (Structural) گرامر لکڻ جو رواج پيو ۽ اهي Transformational, Practical ۽ Generative پهلوئن کان لکيا ويا، جيڪي ٻوليءَ جي تعميري ۽ تخليقي سگهہ کي بيان ڪن ٿا ۽ ان ۾ واڌارو آڻين ٿا، پر سنڌيءَ ۾ ائين ٿي نہ سگهيو

آهي. هن مقالي ۾ سنڌي گرامر جي ارتقا ۽ ان جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڪيترائي نظريا موجود آهن، جن کي دهرائڻ کان سواءِ تلهي ليکي چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ کي ڪي عالم هند آريائي ته ٻيا غير آريائي ٻولي قرار ڏين ٿا. هند آريائي ٻولي مڃڻ ناتي سنڌيءَ جو رشتو ناتو سنسڪرت سان سڌو يا اڻ سڌو ڳنڍيو وڃي ٿو ۽ غير آريائي حوالي سان هڪڙا ان کي دراوڙي دفعي جي ته ٻيا نج ديسي اصلوڪي ٻولي قرار ڏين ٿا ۽ ٽيان وري ان کي سامي (Semetic) گروهه سان لاڳاپين ٿا. اهڙي قسم جا نظريا ان ڪري به وجود رکن ٿا جو انهن عالمن کي انهن ٻولين سان ڪانه ڪا هڪجهڙائي سنڌيءَ ۾ نظر آئي. اها هڪجهڙائي ساڳئي خطي ۾ رهڻ ۽ هڪ ٻئي سان واهپي سبب به ٿي سگهي ٿي. ان قسم جي هڪ ٻئي کان ڌار نظريا رکندڙ عالمن جڏهن سنڌي گرامر تي ڪم ڪرڻ لاءِ قلم کنيو ته انهن ان کي پنهنجي نظريي جي روشنيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي... آءٌ انهن جي نيڪ نيتيءَ يا خلوص تي ڪو شڪ ڪرڻ گناهه ٿو سمجهان. ڇاڪاڻ جو انهن جو ڪم علمي هو ۽ سندن اڳيان جيڪي مثال هئا، انهن کي سامهون رکي انهن ڪم ڪيو.

سنڌيءَ جي هند آريائي هئڻ واري نظريي ۾ يقين رکڻ وارن جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ناهڻ جو ارادو ڪيو ته شعوري يا غير شعوري طور انهن سنسڪرت- پراڪرت- اپڀرنش- وراچڊ اپڀرنش واري ارتقائي سفر کي سامهون رکي، سنڌيءَ جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ کي انهيءَ حوالي سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنسڪرت پراڪرت جي وياڪرڻين جي ڏنل اصولن موجب ان کي ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهن مان ڪن کي سنڌي ٻوليءَ جي بناوت کي انهن اصولن تي ٺهڪائڻ (يا فٽ ڪرڻ) ۾ ڏکيائي پيش آئي ته انهن ان کي ڪنهن اصلوڪي ديسي (aboriginal) ٻوليءَ جو اثر چئي نظرانداز ڪيو ته ڪٿي ڪٿي انهيءَ لاءِ جواز به گهڙيا... سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي باقاعدگيءَ سان

ڪم جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي، جنهن جو تفصيل سان ذڪر اڳتي ڪندس....

انگريزن جي ئي دور ۾ سنڌيءَ جي موجوده صورتخطي ٺهي، ان کان پوءِ جيڪي گرامر جوڙيا ويا اهي يا تہ عربي "صرف و نحو" جي اصولن کي سامهون رکي جوڙيا ويا يا وري انگريزي گرامر کي معيار بڻايو ويو. نتيجي ۾ جيڪي ڳالهيون انهن ٻن ٻولين سان نهڪي نہ ٿي آيون، انهن کي ٻوليءَ جون نہ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙيون خاصيتون يا شاعرانيون خوبيون چئي نظرانداز ڪيو ويو يا غيراهم بنايو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اردو ٻوليءَ جو واهپو وڌڻ جي ڪري هاڻي "اردو قواعد" جي معيار مطابق ڪي گرامر جوڙڻ جي ڪوشش پڻ ٿي آهي، خاص ڪري اردودان طبقي کي سنڌي سيکارڻ لاءِ اهڙا گرامر ٺاهيا ويا آهن.

بقول ڊاڪٽر غلام علي الانا جي هن وقت تائين سنڌي وياڪرڻ جي موضوع تي گهٽ ڪري ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سر گريئرسن جي جڳ مشهور ڪتابن جو ترجمو ئي پيش ٿيو آهي... جيڪڏهن سنڌي وياڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهہ اضافو ٿيو آهي تہ اهو وري عربي ۽ فارسي وياڪرڻ جو چربو آهي. (مهاڳ: گريئرسن: ترجمو فهميده)

ان سموري عمل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي انفرادي خصوصيتن کي اجاگر ڪرڻ جي ايتري ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي، جيتري ڪرڻ گهربي هئي. هتي آءٌ مختصر طور تي سنڌيءَ ۾ گرامر لکڻ جي تاريخ کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌيءَ جون اهي ڳالهيون نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس، جيڪي هن ٻوليءَ جي پنهنجي خصوصيت آهن، جن ۾ ئي هن جي سونهن لڪل آهي. ڪئين صدين کان مختلف حملہ آورن، نقل مڪاني ڪري ايندڙن جي ٻولين، ڌرمن ۽ مذهبن جي اثر سببان سوين بلڪ هزارين لفظ شامل ٿي وڃڻ جي باوجود، سنڌي ٻوليءَ پنهنجي اها انفراديت قائم رکي آهي، جيڪا ان جي گرامر کي صحيح رُخ ۾ سمجهڻ سان سمجهي سگهبي.

1_ A Grammar of Sindhi Language
By: Mr. Wathen

سنڌي ٻوليءَ جو پهريون گرامر جو ڪتاب، جنهن جو ذڪر اسان کي مختلف حوالن ۾ ملي ٿو، سو هو Wathen's Grammar جنهن کي اڳيان رکي ڪيپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجو ڪتاب جوڙيو A Grammar of the Sindhi Language، هن جو اهو ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ هو جڏهن اڄا سنڌيءَ جي موجوده صورتخطي ڪانه ٺهي هئي. انهيءَ گرامر تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي تفصيل سان لکي چڪو آهي.

مسٽر واٿن جو گرامر سنڌي ٻوليءَ جو پهريون باقاعدي ڇپيل گرامر چئي سگهجي ٿو. هن گرامر کي ڊاڪٽر ٽرمپ نحوي حوالي سان ڪٿل سمجهي ٿو ۽ پاڻ پنهنجي گرامر ۾ ان کوٽ کي پورو ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي اٿس. سندس چوڻ مطابق هن گرامر ۾ نحويات (Syntax) جي حوالي سان گهڻي محنت ڪيل نظر نٿي اچي.

2_ A Grammar of the Sindhi Language*
By: Captain G. Stack

هن گرامر ۾ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ کي انگريزي گرامر جي معيار تي پرکيو ۽ ڳالهائڻ جي جزن (Parts of Speech)، لفظن جي ڦيرن ۽ گردانن (Inflections and declensions) کي بيان ڪندي هو انگريزي گرامر جي اصطلاحن سان ٺهڪائيندو آيو. هن جيئن ته اهو ڪتاب يورپي عملدارن کي سنڌي سيکارڻ جي مقصد سان 1847ع ۾ لکيو ۽ 1849ع ۾ ڇپايو هو، جيڪي ٿورو گهڻو بين هندستاني ٻولين کان به واقف هئا، ان ڪري انهن سان ڀيٽ ڪري سنڌيءَ جي ڪن مختلف خصوصيتن تي روشني وڌي، جن ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال، متعدي مجهول جي فاعلي حالت جو استعمال شامل آهن. مثلاً لکي ٿو:

"ڪيچ ڪاڏو جوڳين، سنڌ ڪاڏي نوڳين"

---

* خوشقسمتيءَ سان هاڻي اهو گرامر سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2011ع ۾ ڇپايو ويو آهي.

Cutch has been eaten by devotees and Sindh by imposters. (p22)

هن بناوت جهڙي بناوت ٻين ٻولين (خاص ڪري يورپي ٻولين مان لئٽن) ۾ استثنيٰ ڪي ڪانہ ملي. يا ورجاءُ وارا بالواسطہ فعل ۽ ڪيترن ٻين نڪتن کي هن سنڌيءَ جون خوبصورتيون (beauties) سڏيو البت نحويات جي سلسلي ۾ هن گهڻو تفصيل سان ڪونہ لکيو آهي.

پوءِ 1853ع ۾ موجوده صورتخطي ئهڻ کان پوءِ انهيءَ صورتخطيءَ ۾ 1872ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجو گرامر جوڙيو جنهن جو نالو آهي:

**3_ A Grammar of Sindhi Language***

هن ڪتاب جي شروع ۾ تعارف واري ڀاڱي ۾ ٽرمپ سنڌيءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان لاڳاپو بحث هيٺ آندو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هن سنڌيءَ جو گرامر لکڻ مهل انهن ٻولين جي گرامر کي ضرور معيار بڻايو آهي. هو اها دعويٰ تہ ڪري ويٺو تہ:

The Sindhi is pure Sanskritical language, more free from foreign elements than any other of the North Indian vernaculars, (Introduction, page7)

يعني سنڌي خالص سنسڪرتي ٻولي آهي، جيڪا اتر هندستان جي ٻين ديسي ٻولين جي ڀيٽ ۾ ٻاهرئين عنصر کان آزاد آهي.

پر هو ان ۾ موجود ڪيترن نمونن تي حيران ضرور ٿي لکيائين:

The Sindhi is by no means an easy language, it is on the contrary beset with more intricacies and difficulties than any of its Prakrit sisters... for Sindhi has preserved a great many forms for which we look in vain in the cognate idioms. (Introduction, Page2)

يعني سنڌي ڪنهن بہ ريت سولي ٻولي ڪانهي، بلڪ ان ۾ ڪيتريون پيچيدگيون ۽ ڏکيائيون آهن، جيڪي سندس ٻين پراڪرت

* ٽرمپ جو گرامر پڻ ترجمو ڪرائي اثارٽيءَ پاران 2011 ۾ شايع ڪرايو ويو آهي.

پيئرن ۾ ڪونہ آهن. ڇوتہ سنڌيءَ ڪيترين اهڙين صورتون قائم رکيون آهن، جيڪي ٻين جاتل ٻولين ۾ نٿيون ملن.

هن کي ان ٻوليءَ جي وياڪرڻي بناوٽ جي سونهن جو اعتراف ڪرڻو پيو.

> The Sindhi has preserved most important fragments of it and created for itself a grammatical structure which surpasses in beauty of execution and internal harmony. (int. pg.3)

ترجمو: سنڌيءَ ڪيترين تمام اهم خاصيتون سنڀالي رکيون آهن، جن سندس اهڙي وياڪرڻي سٽا کي قائم رکيو آهي، جيڪا پنهنجي اندروني آهنگ ۽ استعمال ۾ اعليٰ سونهن رکي ٿي.

ٽرمپ پراڪرت جي وياڪرڻي ڪرمديشو جي اپڀرنش جي حوالي سان ٺاهيل گرامر جا اصول سنڌيءَ سان لاڳو ڪري، ان کي هڪ منفرد ٻولي قرار ڏنو. ٻوليءَ جي انهيءَ انفراديت ۽ اچارن ۾ ٻين آريائي ٻولين کان فرق لاءِ هن انهيءَ پراڻي ٻوليءَ کي ذميوار ٺهرايو جيڪا سندس لفظن ۾ aboriginal (اصلوڪي) هئي. جنهن جو نہ ڪو نالو نڪو ڪو تفصيل ملي ٿو. انهيءَ کي هو آرين جي اچڻ کان اڳ جي ٻولي ڪوٺي ٿو. سندس خيال هو تہ پراڻن پراڪرت وياڪرڻين ان کي غير آريائي لفظن مان residuum (بچيل) سڏيو هو جن مان خاص طور حالتن وارين پڇاڙين (case_ terminations) جي، سنسڪرت جي وياڪرڻي اصولن سان ڀيٽ ڪيائين.

هو لکي ٿو تہ "حالت مفعولي سببي (Accusative) کي سنڌيءَ واحد ۽ جمع ۾ بنهہ ختم ڪري ڇڏيو آهي. خصوصاً اپڀرنش واري مرحلي تي. (ص 112)

ٽرمپ جي انهيءَ ڳالهہ مان صاف ظاهر آهي تہ هو سنڌيءَ کي اپڀرنش جي ارتقائي صورت مڃيندي ان جي اصولن تي پرک ڪري رهيو هو."

> "We shall now first investigate the remnants of the ancient case_terminations. In the arrangement of

the cases we shall follow the common order, which has been instituted by the old Sanskrit grammarians, in order to facilitate the internal comparison. (pg.42)

ترجمو: اسين هاڻي قديم حالت وارين پڇاڙين بابت کوجنا ڪنداسين. حالتن جي ترتيب ۾ اسين اهوئي رستو وٺنداسين جيڪو پراڻن سنسڪرت جي وياڪرڻين ورتو هو ته جيئن پيٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

مثال طور هو سنڌيءَ ۾ حالت جريءَ جي هڪ قسم ablative case جو بيان ڪري ٿو. جنهن ۾ اسم ۾ "آن" پڇاڙي گڏي ويندي آهي. مثلاً واحد "گهران" "دران"، "مروان" ۽ جمع ۾ "گهرنئان"، "مرنئان" وغيره... هوان case) affix) پڇاڙيءَ جي اصل اسم سان گڏجڻ کي پالي پراڪرت سان ڀيٽي، لکي ٿو:

This case_termination corresponds exactly to the Pali Prakrit Ablative case_termination by elision of final thin Sanskrit ablative 't', in Sindhi the final long vowel has been nasalized. (pg.117)

معني: اها حالت واري پڇاڙي پالي پراڪرت جي اهڙي حالت جريءَ واري پڇاڙي "آ" سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪا سنسڪرت جي اهڙي پڇاڙيءَ ۾ "ت" کي حذف ڪري ٺهيل آهي. سنڌيءَ آخري ڊگهي سر (يا حرف علت) کي گهڻو ڪري چڙهيو آهي.

هاڻي ڏسو ته اصل سنسڪرت ۾ پڇاڙيءَ ۾ "ت" هئڻ جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪا غائب ٿي وئي. وري پالي پراڪرت ۾ اها "آ" جي صورت ۾ ملي ٿي، ان مان سنڌيءَ جي لفظن جي پڇاڙي "آن" کي نڪتل ڏيکارڻ لاءِ چوي ٿو ته سنڌيءَ ان پالي پراڪرت واري "آ" کي ڊگهو گهڻو آواز بنائي "آن" ڪيو. هلو اها ڳالهه هڪ طرف رکو! هو وري اچي ٿو سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي جنهن ۾ اها نشاني "آون" آهي ان کي به ساڳئي بڻ بنياد مان ثابت ڪرڻ لاءِ چوي ٿو ته پراڪرت ۾ آخر ۾ "دَو" هو جنهن مان "د" حذف

تي وئي. باقي بچيو "آو" جنهن کي اترادي سنڌين نڪ مان ادا ڪري "آون" ڪيو- جيئن "گهرئون"، "درئون" وغيره ۾ آهي... اهو ٿيو زوريءَ ڇڪي وچي ملائڻ! ۽ اهو ڳچ وقت کان ٿيندو پيو اچي (مثال لاءِ ڏسو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پاران شاه جي رسالي ۾ ڏنل معنائون جتي هرهڪ لفظ کي زوريءَ ڇڪي سنسڪرت مان ڪڍيو ويو آهي).

اهي ته اسمن جون صورتون آهن، جيڪي ڪنهن حالت ۾ ڦيرو کائين ٿيون. پر سنڌيءَ ۾ ته اهڙا حرف جَر (Postpositions) به آهن، جن ۾ اها "آن" (يا اترادي "آون") نشاني اچي ٿي. مثلاً: مان، کان، تان وغيره (مئون، کئون، تئون). هو سنڌيءَ جي انهن حروف جر جهڙا متبادل آريائي ٻولين ۾ خاص ڪري سنسڪرت- هنديءَ ۾ نه ٿو ڏسي. ته به انهن جي باري ۾ ڪجهه نه ٿو چوي... اتي وري انگريزي گرامر کان مدد ٿو وٺي. لفظ جي اهڙي حالت جري جنهن ۾ اهڙو ڪو حرف جر اچي ان کي هو ablative case ٿو سڏي ۽ کان مان ۽ تان جي استعمال کي انهيءَ حالت ۾ ٿو ڳڻي، جڏهن ته "سان" جي بي جان شين سان استعمال کي instrumental case ٿو چوي...

اهي "آن" وارا حرف جر خاص سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت طور مڃڻ گهرجن. ڊاڪٽر جارج شرٽ اهڙن "آن" وارن لفظن کي دراوڙي ٻوليءَ جي خصوصيت قرار ڏنو هو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ۾ حوالو ڏئي بحث ڪيو آهي ته:

"ٻن لفظن "کان" ۽ "آن" مان شرٽ ٻڌائڻ چاهي ٿو ته "آن" سنڌ ۾ اڳ موجود هئي، مگر اها دراوڙي ٻولين جي هئي. ڇاڪاڻ ته اجا بروهڪي ٻوليءَ ۾ موجود آهي." (ص 10) ڊاڪٽر بلوچ ان ڳالهه کي رد ڪري ٿو. منهنجو خيال آهي ته ان کي ڪنهن به ٻي ٻوليءَ جي خصوصيت چوڻ بدران خالص سنڌي خصوصيت قرار ڏئي گرامرن ۾ ان کي داخل ڪرڻ گهرجي.

ماهرن آريائي ٻولين ۾ حالت اضافت کي حالت جريءَ ۾ ڳڻيو ته اسان جي گرامر جي ماهرن به اها ڳالهه سنڌيءَ لاءِ قبول ڪندي، سنڌيءَ جون حالتون گهٽائي ڇڏيون (اها ڳالهه پيرومل پڻ پنهنجي ڪتاب "وڏو سنڌي وياڪرڻ" ۾ ڪئي آهي، جنهن تي اڳيان هلي بحث ڪنداسين).

ٽرمپ کي سنڌيءَ جو حرف اضافت "جو" ڪنهن به ريت سنسڪرت پراڪرت يا ٻين آريائي ٻولين سان نهڪندڙ ڪونه لڳو ته هن اجهو هيئن وضاحت ڪئي:

"پالي پراڪرت ۾ سيہ" ۽ "سس" هو ٻوءِ اهو ٿيو عام "ڪو" (سنسڪرت "ڪ").

وري اڳتي لکي ٿو:

"With transition of the tenuis c-k, in totha media (j)." (Trumpp: pg 119)

مطلب ته بدلجڻ واري عمل ۾ بيصوت "ٿ" جو آواز "ڪ" جي برابر ٿيو ۽ پوءِ چوٿون وسيلي "ج"!

اهڙيءَ ريت "جو" کي زوريءَ سنسڪرت جي "ڪو" مان ته ڪڍيائين، پر ان جي ڦيري ۾ هڪ هنڌ سنسڪرت جي ڏيءَ هنديءَ کان مختلف واٽ کي بيان ڪونه ڪيائين.

سنڌي مذڪر واحد حرف اضافت "جو" جمع ۾ "جا" ٿيو ۽ مؤنث واحد "جي" جمع ۾ "جيون" ٿيو پر هنديءَ (۽ اردوءَ) ۾ "جيون" جو متبادل "ڪيان" نه پر "ڪي" ئي رهيو. (مثال "هن جي ڪاري ٻلي" "اس ڪي ڪالي بلي" ٿيندو پر "هن جون ڪاريون ٻليون- اس ڪي ڪالي بليان ('ڪي' واحد ۽ جمع ۾ ساڳيو رهيو) اهي اضافتون جن لفظن سان لڳن ٿيون اهي اسم هجن يا ضمير، اهي انهن جي ڦيري سان نهڪي ٿيون اچن. سنڌيءَ جي ان اصلوڪي خاصيت جو بہ گرامر ۾ ذڪر هئڻ گهرجي.

| واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|
| سنڌي | هندي | سنڌي | هندي |
| جو | = ڪا | جا | = ڪي |
| جي | = ڪي | جيون | = ڪي |

اها ته ٿي عام ڳالهہ جيڪا ڏسڻ ۾ ٿي اچي، پر سنڌيءَ ۾ حالت اضافت جا ڪيترا مثال اهڙا ملندا، جن ۾ حرف اضافت ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو

آهي (حالت جريءَ جا ٻيا بہ ڪيترا مثال اهڙا ملندا، جن ۾ حرف جر ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي). انهن جو ذڪر ٽرمپ ڪري ضرور ٿو پر انهيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت طور سمجهڻ بدران صرف شاعريءَ ۾ استعمال سمجهي ٿو. مثال طور شاهہ لطيف جون هي بناوٽون ٿو ڪڍي:

| | | |
|---|---|---|
| واحد: | مون ور تون هي تون<br>تو اوڏا مون ڏور<br>ڏکيءَ ڏک مَ ڏيج | (مون= منهنجو)<br>(تو= توکي، مون= مون کان)<br>(ڏکيءَ= ڏکيءَ کي) |
| جمع: | ليڙنِ لُڪَ مَ لڳ<br>اُسَ مَ لڳي اوٺئين | (ليڙن= ليڙن کي)<br>(اوٺئين= اوٺين کي) |

(ٽرمپ ص 452 ۽ 453)

ڏنو وڃي تہ "مون" ۽ "تو" (يا هُن) اهڙا ضمير خالص جا مثال آهن، جيڪي فعل متعدي معروف جي فاعلي حالت (مفعولي ۽ جريءَ ۾ پڻ) زمان ماضيءَ سان استعمال ٿيڻ مهل ٻٽي اکر وارو ڪم ڪن ٿا، جنهن ۾ هڪڙو حرف جر جهڙوڪر اڳيئي لڪل موجود آهي. ان کي ٽرمپ Instrumental ٿو سڏي، پر اڳتي ٻين ائين ڪونہ ڪيو آهي. ان بناوٽ کي اسان جي گرامر ۾ ڪڏهن سمجهائڻ جي ڪوشش ئي ڪانہ ٿي آهي، نتيجي ۾ انهن جو غلط استعمال بہ عام آهي.

لفظ "مون" کي فعل متعديءَ سان ماضيءَ ۾ استعمال ڪبو تہ هيءَ صورت ٿيندي: "مون لکيو" يا "مون چيو"... هندي ۽ اردوءَ ۾ ان جو ترجمو ڪري ڏسو تہ اهو ٿيندو "مين ني لکا" يا "مين ني ڪها" (اهو صرف متعدي فعل سان ٿيندو آهي) اتي جيڪو حرف جر "ني" آهي اهو ٻين بہ اڪثر آريائي ٻولين ۾ موجود آهي. هاڻي ان کي گرامر جي ڪتابن ۾ نہ سمجهائڻ ڪري خود سنڌيءَ جا مختلف لهجا ڳالهائڻ وارا معياري لهجو ڳالهائڻ ۽ لکڻ مهل غلط استعمال ڪندا آهن. سنڌيءَ جي معياري لهجي ۾ ضمير متڪلم واحد "آءٌ" (جمع "اسين") آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ متعدي فعل سان "مون" ٿيو وڃي. جڏهن تہ سنڌيءَ جي اترادي لهجي ۾ ضمير متڪلم "مان"

آهي (جمع "اسان") جيڪو لازمي توڙي متعديءَ ۾ ساڳيو رهندو آهي. هاڻي ڄاڪاڻ جو انهيءَ فرق کي گرامر جا ڪتاب ڇٽو نٿا ڪن. انهيءَ ڪري ڪيترا ماڻهو "مون" کي "مان" جو متبادل سمجهي "آءٌ لکيو" يا "آءٌ چيو" لکي ۽ چئي ويندا آهن ۽ ان کي غلط بہ ڪونہ سمجهيو ويندو آهي. ساڳيو فرق "اسين" ۽ "اسان" ۾ آهي، ضمير حاضر واحد "تو" ۽ "تون" جمع "توهين" ۽ "توهان" ۾ آهي. اترادي "مان" "اسان" ۽ "توهان" لازمي ۽ متعدي فعل سان ٻنهي حالتن ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا. پر معياري وارو "آءٌ" يا "اسين" ۽ "توهين"- ٻنهي صورتن ۾ استعمال ڪونہ ٿيندا "اسين چيو"، "توهين لکيو" وغيره غلط ٿيندو. وري جيڪڏهن انهن ضميرن کي لازمي فعلن سان لاڳو ڪبو تہ فعل ۾ ڪانہ ڪا متصل پڇاڙي (ضميري پڇاڙي) لڳائڻي پوندي:

آءٌ/ مان آيس/ آيم (س/ م)، اسين/ اسان آياسين (سين/ سون) وغيره.

اهي ڳالهيون جيڪڏهن سنڌي گرامرن ۾ آهن بہ تہ چٽيءَ طرح سان سمجهايل ڪونهن. انهن کي اهميت سان بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي.

وري اچون ٿا ٽرمپ جي ڏنل مثالن تي:

پهرئين ۽ ٻئي مثال ('مون ور تون هي تون' ۽ 'تو اوڏا مون ڏور') ۾ "مون" "تو" جي اها ٻئي لفظ هئڻ واري خوبي ڏسي سگهجي ٿي، جنهن ۾ هتي حرف اضافت ۽ حرف جر لڪل آهن. ('منهنجو' ۽ 'توکي' ۾) ٽئين مثال "ڏکيءَ ڏک مَ ڏيج" ۾ لفظ "ڏکيءَ" جي حالت مفعولي بہ آهي تہ جري بہ. جنهن کي انگريزيءَ ۾ oblique چئبو آهي. ان جي استعمال کي سؤلن لفظن ۾ اٿلايون تہ مطلب ٿيندو "(تون) مون ڏکيءَ کي ڏک نہ ڏيج"... جملي جو لڪل فاعل آهي 'تون' ۽ مفعول آهي "مون ڏکي" جنهن ۾ "ءَ" ملائي ان جي حالت بدلائي وئي آهي ۽ ظاهري طور حرف جر نظر نہ ٿو اچي... ساڳي ڳالهہ جمع وارن مثالن لاءِ چئي سگهجي ٿي- "ليٽڙنِ" جي "نِ" هيٺيان زير جو استعمال ۽ "اونئين" ۾ "ئين" پڇاڙي "کي" لڪل حرف جر ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. ڇا

انهيءَ قسم جي بناوٽن تي ڪنهن بہ گرامر ۾ بحث ڪيو ويو آهي؟ ٽرمپ صرف شاعريءَ ۾ اهڙو استعمال ڇٽي ذڪر ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ اڪثر اسم، ضمير، صفت ۾ ڪنهن خاص سُر/ اعراب (زير زبر پيش) وغيره جي استعمال سان حالتن ۾ تبديلي آڻبي آهي. جيئن حالت مڪاني Locative) (case ۾ ٽرمپ جا ڏنل مثال آهن.

| | |
|---|---|
| وٽِن وينا ڪانگ | (وٽِن= وٽن تي) |
| ديڳين دوڳ ڪڙهن | (ديڳين= ديڳن ۾) |
| وڃان تي وٽڪارِ | (وٽڪارِ= وٽڪار ڏانهن) |
| ٻيا درَ ڏٺي ٻينِ، آيسِ تنهنجي دَرِ | (ٻينِ= ٻين ڪي، دِرِ = درَ تي) (ص 460) |

عام ٻوليءَ ۾ پڻ چئبو آهي تہ "آءٌ گهرِ ٿو وڃان" يا "ڪالهہ ڳوٺِ ويو هئس" ان ۾ "گهر" ۽ "ڳوٺِ" لفظن جي حالت مڪاني آهي، جنهن ۾ طرف/ جاءِ ڏيکاريندڙ حرف جر لڪل آهي ۽ اسم جي حرڪت بدلائي وڃي ٿي، ان کي آريائي، غير آريائي ثابت ڪرڻ بدران خاص سنڌي خاصيتون سمجهي ان تي تفصيل سان گرامرن ۾ لکڻ جي ضرورت آهي.

ٽرمپ ڪجهہ ٻيا مثال هي ڏنا آهن:

سهٽيءَ ڪي سيد چئي وڏو قربَ ڪُهي- (هن ۾ "قربَ" برابر آهي "قرب سان" جي)

اسم ۾ "سان" حرف جر جي ملڻ سان جيڪا حالت ٺهي ٿي، هو ان کي instrumental case ٿو سڏي، پر ڏنو وڃي تہ هن سٽ ۾ "قربَ" لفظ جي حالت فاعلي آهي (سؤلن لفظن ۾ هيءَ سٽ ٿيندي "قربَ سهٽيءَ کي ڪهي وڌو... سيد چوي") فعل "ڪهي وڌو" ۽ مفعول "سهٽي" اٿس، جنهن جي هتي حالت مفعولي جري آهي، جنهن کي ٽرمپ عام جري حالت (Dative case) لکيو آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ Syntax جي سري هيٺ جڏهن ڳالهائڻ جي انن لفظن تي اچي ٿو تہ سندس اڳيان انگريزي گرامر معيار طور موجود آهي، ان

ڪري سڀ کان پهرين سنڌيءَ ۾ definite article جي نہ هئڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري.. سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڀلا ضروري آهي ڇا تہ جيڪو ڪنهن هڪ ٻوليءَ جي بناوت ۾ هجي سو ٻيءَ ۾ بہ هجي!

ان کان پوءِ ضميرن جي بيان ۾ هو سنڌيءَ ۾ ضمير غائب Third Person Pronoun جي جاءِ تي ضمير اشارو (Demonstrative) استعمال ڪرڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري، لکي ٿو:

There is no personal pronoun of the Third person (singular and plural) in Sindhi, its place being generally supplied by the demonstrative. (pg 467)

ٽرمپ "هي" ۽ "هو" کي ضمير اشارو ٿو ڪوٺي this, that جي مفهوم ۾، پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي لفظ پنهنجو هڪ مڪمل ڦيرو رکن ٿا ۽ مذڪر مؤنث ۾ تبديل ٿين ٿا (هيءَ، هوءَ) زوراڻتي انداز ۾ definite طور اِهو اِها اِهي اُهي (اجهو اجها، اجهي صورتون بنهہ نج سنڌي آهن، جن جو هڪ لفظ ۾ متبادل نہڪو هنديءَ ۾ ۽ نہ انگريزيءَ ۾ ملندو) وغيره صورتن ۾ ڳالهائي سگهجن ٿا، جيڪي متعدي فعل سان حالت فاعليءَ يا مفعوليءَ ۾ "هِن"، "هُن"، "هِنن" "هُنن") توڙي جريہ اضافتي حالتن ۾ استعمال ٿين ٿا، جڏهن تہ this, that سان اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿي ٿئي سواءِ جمع ۾ these & those ٿيڻ جي جن جون ٻيون حالتون ساڳيون he, she, it جهڙيون آهن، ان ڪري انهن سان ڀيٽڻ ئي غلط هو....

ضمير موصول (Relative pronoun) ۽ جواب موصول (Co_relative) جي پڻ سنڌيءَ ۾ پنهنجي واٽ آهي، ان ڏس ۾ ٽرمپ شاهہ جي بيتن مان هي مثال ڏنا آهن:

سو وڻ سيئي ڪن، جو وڻ جڙي جن سين

---

ٿن جنهين جي تانگهہ، سي سجڻ هليا سفر
(ص 467)

ٽرمپ ان ڏس ۾ صرف ضميرن ٽائين پاڻ کي محدود رکيو "جو" ۽ "سو" "جنهين" ۽ "سي" جي باري ۾ لکيو آهي.

ٽرمپ اهڙين صفتن relative and co_relative adjectives جي مختصر ڳالهه به ڪري ٿو پر اهڙن ظرفن (adverbs) جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪري ڇا اسان وٽ ڪنهن گرامر ۾ اها ڳالهه بيان ٿيل آهي ته صفت ۽ ظرف جون به اهڙيون ئي relative ۽ co_relative صورتون آهن. جيئن ضميرن جون ٽين ٽيون. اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ ڏئي سگهجن ٿا. جيڏو- تيڏو جيترو- تيترو (صفت) يا جيڏانهن- تيڏانهن، جڏهن- تڏهن (ظرف) وغيره وغيره.

ضميري پڇاڙين Pronominal suffixes کي ضمير متصل به چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ انهن تي تفصيل سان لکيو آهي. هو اسمن ۽ حروف جر (postpositions) ۽ ظرفن (adverbs) ۽ فعل سان انهن جي لڳڻ جو بيان ڪري ٿو پر انهن جي استعمال جي اصول کي بيان نه ٿو ڪري. ان ڪري خصوصاً فعلن جي ڦيرن ۾ انهن جي استعمال جي خبر ڪانه ٿي پوي. مثلاً جيڪڏهن "م" ضمير متڪلم جي نشاني آهي. جيئن "لکيم" معنيٰ مون لکيو ته پوءِ لازمي فعل سان متڪلم لاءِ "س" ڇو ٿي لڳي. جيئن "ڊوڙئس" معنيٰ آءٌ ڊوڙئس. (جڏهن ته ڪن ٻين صورتن ۾ "س" ضمير غائب جي نشاني آهي. مثلاً "اٿس" ۾) وري انهن ٻنهي جي جمع ۾ صورت ڏسو ته "لکيوسين" ۽ "ڊوڙياسين" ۾ ٻنهي هنڌ پڇاڙي "سين" آهي (مکيه فعل ۾ فرق آهي "يو" ۽ "يا" جو). اها ڳالهه معياري ٿوڙي اترادي لهجن سان لاڳو ٿئي ٿي. اترادي ۾ لازمي فعل سان به متڪلم لاءِ "م" جو استعمال ٿيندو آهي، جيئن "آيم"، "ڊوڙيم" وغيره... پر جمع ۾ "آياسين"، "ڊوڙياسين" (يا آياسون ۽ ڊوڙياسون) ۾ ساڳي ضميري پڇاڙي 'س' سان آهي...

اهي مسئلا سنڌي گرامر جا آهن، اهي ڪهڙن اصولن موجب سمجهائبا، اها ڳالهه به طي ٿيڻ کپي. اهي خالص سنڌي بناوٽون آهن ته انهن جو باقاعدي چارٽ هر گرامر جي ڪتاب ۾ سمجهائڻ سان ڏيڻ کپي.

ضميري پڇاڙين جي ڏس ۾ به ٽرمپ لکي ٿو:

> The use of these suffixes constitutes quite a peculiar feature of Sindhi language and distinguishes it very advantageously from all the kindred idioms of India, which are destitute of pronominal suffixes. (page 225)

ترجمو: انهن پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت آهي، جيڪا ان کي هندستان جي ٻين ٻولين ۾ ممتاز ڪري ٿي، جيڪي اهڙين ضميري پڇاڙين کان محروم آهن.

اڳتي ڊاڪٽر ٽرمپ انهن کي فارسي ۽ پشتو جي ڪن اهڙين نشانين سان هم آهنگ ٿو چوي. سنڌيءَ جي دراوڙي ٻولي هئڻ واري نظريي جو داعي ڊاڪٽر جارج شرٽ انهن پڇاڙين جي استعمال کي دراوڙي ٻولين سان هم آهنگ ٿو ڪري، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ رد ڪري داردي ٻولين سان ٿو لاڳاپي. (بلوچ: ص 10 ۽ 11)

اهي نشانيون ڪنهن سان ٻه ملن ۽ هم آهنگ هجن، انهن کي سنڌيءَ جي خصوصيت سمجهي، انهن کي گرامر ۾ باقاعده سمجهائڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ ضرورت ان ڳالهه جي ٻه آهي تہ ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر کي ترجمو ڪري، ان کي گرامر جي ارتقاءَ ۾ اهم جاءِ ڏجي. *

صفت جي درجن (degrees) جي باري ۾ پڻ سنڌيءَ جو لاڳاپو مختلف ٻولين سان هيئن ٿو سمجهي.

> The Sindhi, as well as the cognate idioms, has lost the power to form a comparative and superlative degree after the manner of Sanskrit (and Persian) by means of adjective suffixes, and it is very remarkable that the Semetic way of comparison has been adopted. (Trumpp: page 156)

* اهو ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ڪيو آهي ۽ ان جي ٽرانسلٽريشن وليرام ولڀ ڪئي آهي، جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2011ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.

يعني: سنڌيءَ توڙي ٻين ڇاتل محاورن مان سنسڪرت (۽ فارسي) وانگر صفتي پڇاڙين لڳائڻ وارو نمونو گم ٿي ويو آهي ۽ هتي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته ڀيٽ/ تفضيل لاءِ ان سامي طريقو اختيار ڪري ورتو آهي.

اهو لکڻ وقت ٽرمپ کي صفتن لاءِ انگريزي جوڙ est/er ۽ فارسي "تر" ۽ "ترين" ذهن ۾ آهن. ان ڏس ۾ آءٌ وري به اهو چوندس ته هو سنڌيءَ ۾ ڀيٽ يا تفضيل جو پنهنجو انداز وساري ٿو ويهي. جيڪو اسين اڄ به استعمال ڪندا آهيون. (چڱو- چڱيرو- چڱيرڙو وغيره ۾ "رو" ۽ "ڙو" پڇاڙيون).

**4. سنڌي وياڪرڻ- منشي اڌارام ٿانورداس-** ڇاپو ارڙهون سن 1912ع. گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو بمبئي. سرڪاري تعليم کاتو. جيتوڻيڪ مختلف تاريخن ۽ تذڪرن ۾ هن وياڪرڻ جي ڇپجڻ جو سن 1892ع لکيل آهي. پر مون کي جيڪو ڇاپو هٿ آيو اهو 1912ع ۾ ڇپيل ڪتاب آهي، جنهن جو اهو ارڙهون ڇاپو آهي.

هي ڪتاب سادي ٻوليءَ ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ لکيل آهي، ان ڪري ان ۾ ان وقت گرامر پڙهائڻ لاءِ مروج عام ڳالهيون ڪيل آهي ته، ڳالهائڻ جا لفظ اٺ آهن. پوءِ هرهڪ جي باري ۾ مثالن سان سمجهايل آهي.

هن ڪتاب ۾ اسم جون ڪل پنج حالتون ٻڌايل آهن. فاعلي مفعولي، اضافت، جري ۽ ندا- (اهي ٿي حالتون هاڻي به اسڪولن ۾ پڙهايون وڃن ٿيون) انهن حالتن ۾ مذڪر، مؤنث، واحد، جمع صورتن ۾ ڦيرا سمجهايل آهن.

صفت جي حوالي سان هر ڪو انگريزيءَ وارين degrees يا درجن سان ڀيٽي ائين ٿو چوي ته ان جا ٽي درجا ته آهن، پر انهن لاءِ ڪي مقرر پڇاڙيون ڪين آهن. مثلاً جيئن انگريزيءَ ۾ آهن good, better, best ۾، ڀيٽ/ تفضيل (comparative) لاءِ er ۽ est مبالغي (superlative) لاءِ (يا فارسيءَ ۾ "تر" ۽ ترين وغيره).

پر سنڌي گرامر کي انگريزي گرامر جي نموني تي پرکيل آهي. انهيءَ ساڳي روايت تي هلندي اڌارام ٿانورداس به لکي ٿو ته:

"حقيقت ڪري سنڌيءَ ۾ صفت تفضيل ۽ صفت مبالغي ڏيکارڻ لاءِ ڪي مقرر پڇاڙيون ڪين آهن، جيئن پارسي- شاستري ٻولين ۾ آهن. پر رڳو تفضيل ۾ موصوف جي پٺيان حرف جر "کان" گڏ اچي، پوءِ ڪٿي صفت خالص اچيندا آهن ۽ صفت مبالغي ۾ "سيني کان" يا "سيني ۾" لفظ صفت خالص جي اڳيان اچيندا آهن."

هاڻي اسان کي خبر آهي ته هرويرو ائين ڪونهي چڱو- چڱيرو يا چڱيرڙو خالص سنڌي مڪاني بناوتون آهن، جن کي هرويرو نظرانداز ڪيو ويو آهي.

منشي اڌارام ٿانورداس مختلف جاين تي صفتن جا ڦيرا به ڏيکاريا آهن. ايتري قدر جو صفتن طور استعمال ٿيندڙ انگن جا ڦيرا به سمجهايا اٿس. جيئن، هڪڙو (فاعلي) هڪڙي (مفعولي) هڪڙن (جمع فاعلي/ مفعولي) وغيره (ٻه — ٻن — ٻنهي وغيره).

ساڳي ڳالهه اڻپورن انگن/ ڀاڱن لاءِ به ٻڌائي ٿو ته سوا- ڏيڍ مان- سوايو ڏيڍو- اڍايو- پيڻو پيڻي، پيڻن وغيره.

اهي ڳالهيون اسان جي هاڻوڪن گرامرن ۾ بنهه سمجهايل ڪونهن. هو ضمير ۽ انهن جا ڦيرا به سمجهائي ٿو. ضمير موصول ۽ جواب موصول جو به ذڪر ڪري ٿو. جيڪي پڻ مختلف حالتن ۾ ڦرن ٿا. هو ضمير اشاري مان ضميري صفتون ٺهڻ جو آسان طريقو به ٻڌائي ٿو:

| بنياد | انداز | قد | قسم |
|---|---|---|---|
| اي | ايترو | ايڏو | اِهڙو |
| او | اوترو | اوڏو | اوهڙو |
| جو | جيترو | جيڏو | جهڙو |
| سو | تيترو | تيڏو | تهڙو |

ضميري پڇاڙين تي تمام مختصر ۽ منجهيل لکيو اٿس.

فعل جا قسم، ڦيرا ۽ بناوٽون بہ مختصر نموني سمجهايون اٿس.

هن ڪتاب ۾ ڳالهائڻ جا اٺ لفظ سمجهائڻ کان پوءِ هڪ صفحي تي باب آهي "نحو جي بيان ۾ آهي". هو ان ۾ جملي جا مکيہ ڀاڱا فاعل، فعل ۽ مفعول بيان ڪري پريوگن جو بيان ڪري ٿو جنهن ۾ ڪرمڻي، ڪرتري ۽ ڀاوي پريوگن جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪو ننڍڙن اسڪولي ٻارن کي سمجهائڻ درست نہ هو ۽ نہ اڄ آهي، بلڪ ڪاليج سطح تي ان کي آڻجي تہ بهتر ٿيندو.

**5. سنڌي ٻوليءَ جو نئون وياڪرڻ**۔ جهمنمل نارومل وسناڻي، هن گرامر جو ليکڪ شڪارپور جي هاءِاسڪول جو استاد هو جنهن A Dictionary of Sindhi Derivatives پڻ جوڙي هئي. هن ڪتاب جو هڪ جهونو ڇاپو محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا کان مليو جنهن تي سن 1892 لکيل آهي ۽ اُهو گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو ڇپرايو. ان جي "منڍ" ۾ ليکڪ پاران جيڪو وچور ڏنو ويو آهي. ان مان لڳي ٿو تہ ڪيپٽن اسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرمپ، کان پوءِ ٽيون گرامر جو ڪتاب مرحوم ميان محمد نالي صاحب لکيو جنهن کانپوءِ منشي اڌارام وارو ننڍو وياڪرڻ جوڙيو ويو جنهن جي لاءِ موصوف لکي ٿو تہ "اهو اڃا هلي پيو". هي ڪتاب لکڻ جو جواز ڏيندي لکي ٿو:

> "ڪپتان اسٽاڪ جو وياڪرڻ ديوناگري اکرن ۾ لکيل آهي ۽ هاڻي هلندڙ آئيوٽا آهي عربي سنڌي، تنهنڪري اهو وياڪرڻ گهڻي ڪم ۾ نہ ايندو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب جي وياڪرڻ ۾ توڙي علميت جو گهڻو بحث آهي تہ بہ وڏو ۽ طويل آهي، ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، تنهنڪري سنڌي پڙهندڙن کي ڪم نٿو اچي سگهي. مرحوم ميان محمد وارو ڪتاب هاڻي اڻلڀ آهي، منشي اڌارام وارو ڪتاب اوائل جا قاعدا ٿو ڏئي ۽ وڏن ڇوڪرن جا احتياج لاهي نٿو سگهي... هاڻي اهڙو وياڪرڻ کپي

جنهن ۾ ٻوليءَ جي بنياد بابت بہ ذڪر هجي، ۽ اهڙو پورو
پنو هجي، جو عام ڪم ۾ اچي."

هن گرامر جوڙڻ لاءِ ليڪڪ ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامرن ڪانسواءِ مرائي ۽ گجراتيءَ جا گرامر پڻ سامهون رکيا ۽ اٺڪل ڇهہ گرامر سنسڪرت ۽ پراڪرت زبانن جا رهنمائيءَ لاءِ رکيا ۽ refer ڪيا. جيتريقدر مواد جي ڳالهہ آهي تہ هن باقاعدي ان نظريي سان لکيو آهي تہ سنڌي ٻولي هڪ سنسڪرتي ٻولي آهي، ان ڪري ان جو وياڪرڻ بہ انهيءَ جي پوئيواري ڪري ٿو. هن نظريي کي ئي اڳتي هلي ڪاڪي ڀيرومل ورجايو آهي ۽ ٻين صاحبن قبول ڪيو آهي.

هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ شعوري ڪوشش ڪري اڳ مروج ڪن عربي اصطلاحن سان سنسڪرت بنياد وارن اصطلاحن کي بہ رکيو ويو آهي. مثلاً عنوان هن ريت ڏنل آهن: ـ "نام يا اسم"، "لنگ يا جنس"، "لنگ نر ـ پلنگ ۽ لنگ مادي ـ ستري لنگ" (جنس مذڪر ۽ جنس مذڪر) "وچن يا عدد": "ايڪ وچن يا عدد واحد"، "بهوچن يا عدد جمع"، "وشيشڻ يا صفت" وغيره. هن گرامر ۾ مصنف گهڻو ڪري اڳوڻن گرامرن کان گهٽي مدد وٺي پوءِ پنهنجي طرفان واڌارو ڪيو آهي. ڳالهائڻ جا جزا، حالتون، ڦيرا وغيره بہ گهڻو ڪري ساڳيا ئي آهن.

6. **سنڌي وياڪرڻ** (ٻہ ڀاڱا)ـ ڪشنچند گلاب سنگهہ گدواڻي 1914ع ۾ ننڍن ٻارن لاءِ هي گرامر ڇاپيو ويو. ان ۾ پهريون دفعو لکندڙ اها ڳالهہ ڪئي تہ:

"هن وقت جيڪي وياڪرڻ جا ڪتاب موجود آهن، تن ۾
فقط وياڪرڻ جون حقيقتون ڏنل آهن، پر ٻارن کي
ڪيئن اهي سمجهائجن، تنهن بابت ڪا ترتيب ڏنل نہ
آهي."(صفحو1، مٿيون)

هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ اهو ٻڌايل ڪونهي تہ اسم ڇا آهي، ضمير ڇا آهي يا انهن جا قسم ڪهڙا آهن، بلڪ جملن مان اهي ڏار ڪري

ڏيکاريل آهن ۽ پوءِ نتيجو بيان ڪيل آهي تہ "سيني نالن کي اسم چون ٿا".
ياد ڪريو تہ "ضمير اسم جي بدران ڪم اچي ٿو" وغيره.

ٻئي ڀاڱي ۾ وري سيني اٺن ڳالهائڻ جي لفظن جون وصفون ڏنل آهن

هي پهريون موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيل وياڪرڻ آهي، جنهن ۾ حالتون (Cases) ڏنل آهن ۽ تمام سٺي نموني سان سمجهايل آهن. حالتون، فاعلي مفعولي جري، اضافت ۽ ندا بيان ڪيل آهن. پر ٻڌائي ٿو تہ سنسڪرت ۾ اٺ حالتون آهن. پوءِ سنسڪرت ۽ انگريزي گرامرن ۾ موجود حالتن جا نالا ڄاڻائي مثال بہ ڏنا ويا آهن. پر سمجهاڻي ڏنل ڪانهي تہ اهي ڪيئن ٺهيون.

| انگريزي | سنڌي | سنسڪرت | |
|---|---|---|---|
| Nominative | حالت فاعلي | ڪرنا ويڪتي | گوپال پڙهي ٿو |
| Objective case | حالت مفعولي | ڪرم ويڪتي | گوپال ماني کائي ٿو |
| Instrumental case | حالت جري | ڪرڻ ويڪتي | گوپال ڪپ سان انب وڍيو |
| Dative case | حالت جري | سپردان ويڪتي | گوپال ڪشني کي رپيو ڏنو |
| Ablative case | حالت جري | اپادان ويڪتي | گوپال ميزَ تان ڪتاب کنيو |
| Possessive case | حالت اضافت | سنبندي | هي گوپالَ جو ڪتاب آهي |
| Locative case | حالت جري | اڌيڪرڻ ويڪتي | هي ڪتاب پيتيءَ ۾ رک |
| Vocative case | حالت ندا | سنبوڌن ويڪتي | اڙي رامَا! هيڏانهن اچ |

هو لکي ٿو تہ "انهن پنجن حالتن کان سواءِ باقي اسان حالت جريءَ جي دفعي ۾ آنديون آهن... سنسڪرت ۾ اهي جدا جدا آهن، پر سنڌيءَ ۾ سڀ حالت جريءَ ۾ اچن ٿيون."

سوال آهي تہ ڇو؟؟ اها هڪ سنڌيءَ جي خصوصيت آهي تہ ان کي ڌار حالتن ۾ ڇو نہ بيان ڪجي. (انهن جا نالا سولي سنڌيءَ ۾ گهڙيا سگهجن ٿا) خاص حالت اپادان (Ablative case) جو تہ گرامرن ۾ خصوصي طور بيان ڪرڻ گهرجي. ڇوتہ اها حرف جر جي پڇاڙي 'آن' (کان مان تان سان) اسين اسمن ۾ بہ استعمال ڪندا آهيون.

گهرَ مان - گهران

نڪ مان - نڪان

جڏهن تہ حالت مڪاني (Locative) ۾ بہ اسين اسم سان حرف جر واري پڇاڙيءَ طور حرڪت بدلائي ڇڏيندا آهيون يا ٻي ڪا پڇاڙي ملائيندا آهيون، تہ پوءِ ڇونہ ان کي ڌار ظاهر ڪجي. جيئن:

هو گهرِ ويو آهي.

آءٌ راتوڪو هتي ويٺو آهي.

آءٌ راتِ آيو آهيان.

هن ڪتاب ۾ ضميري پڇاڙين جو بہ مختصر احوال آهي.

هن ڪتاب ۾ زمانن کي تمام تفصيل سان سمجهايو ويو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هن وقت تائين مون جيڪي گرامر ڏٺا آهن، انهن مان سيني کان سؤلو ۽ ڀرپور ڪتاب اهوئي آهي ۽ پوءِ جا لکيل سمورا گرامر انهيءَ کي سامهون رکي لکيل آهن. اهو هڪ بنيادي ڪتاب آهي ۽ تمام ٻي ريا تي لکيل آهي، جنهن کي نئون گرامر جوڙڻ لاءِ ضروري سامهون رکڻ گهرجي.

**8. Linguistic Survey of India**

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي نهڻ کان پوءِ، جيڪو وڏو اهم ڪتاب سنڌي گرامر تي روشني وجهي ٿو سو آهي سر جارج گريئرسن جو ڪتاب Linguistic Survey of India Vol_8 Part1 (جنهن جو سنڌي ترجمو مون

ڪيو هو جنهن کي سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ ڇاپيو آهي.)

ڊاڪٽر ٽرمپ وانگر گريئرسن به سنڌيءَ کي هند آريائي/ سنسڪرت جي ڄائي سمجهي، ان جي گرامر کي پرکيو آهي... ان ڪري هن کي به ڊاڪٽر ٽرمپ وانگر ڪيتريون بناوٽون سمجهه ۾ نه آيون آهن ته انهن کي محض شاعراڻي بناوت ڪوٺي ٿو مثلاً لفظن جي حالتن لاءِ لکي ٿو ته.

The accusative of the personal pronouns must be marked by the postposition dropped in poetry.

(گريئرسن: ص 225)

ترجمو: ضمير خالص جي حالت مفعولي سببيءَ ۾ حرف جر گم ٿيڻ واري ڳالهه شاعريءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

مثال طور شاهه جي هيءَ سٽ ڏسو:

"مون گهر مون پرين جي اچڻ جو وارو"

لکي ٿو ته هن سٽ ۾:

مون= منهنجي۔ ان ڪري حالت اضافت (Genetive) ۾ آهي.

گهرِ= گهَر ۾۔ ان ڪري حالت مڪاني (Locative) آهي.

پريِن= پرين جي۔ حرف اضافت کي حرف جر طور قبول ڪندي، ان جي حالت جري (Dative) ٿو ٻڌائي.

پر هو لڪل حرف جر جي ڪري حالت فاعلي، مفعولي ۽ جري وغيره ۾ لفظن جي صورت کي سمجهائي نه ٿو سگهي.

مٿي مون ڊاڪٽر ٽرمپ پاران ضمير موصول relative ۽ co_ relative جي حوالي سان هڪ نڪتو اٿاريو هو ته اهڙا ساڳيا لفظ صفتن (adjectives) ۽ ظرفن (adverbs) طور به سنڌيءَ ۾ موجود آهن. جن کي گرامر جو حصو هئڻ گهرجي. گريئرسن انهن تي روشني وڌي آهي. مثال لاءِ هي سٽون ڏسو:

جتي جيتريون لکيون لوهه قلم ۾،
تتي تتريون گهڙيون گهارڻ آئيون.

هنن سٽن ۾ relative ۽ co_relative صفتون بہ آهن... جيترين- تيترين ۽ ساڳيءَ طرح ظرف (مڪان) بہ آهن... جتي- تتي، پر هو انهيءَ ڳالهہ کي واضح نہ ٿو ڪري.

ڊاڪٽر ٽرمپ کان وٺي ڪري گريئرسن سنڌي گرامر کي انگريزي معيارن موجب ڏٺو آهي. لفظن جي حالتن جي سلسلي ۾ هن ڪيترا نوان اصطلاح ڪم آندا. مثلاً:

متعدي مجهول جي فاعلي حالت لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ Agent ڪم آندائين (مثال: مون کي صوبيدار پڪڙيو آهي) وري حالت جريءَ بدران مفعول ثانيءَ واري حالت کي Dative لکيائين. (مثال: تنهنجي خدمت پيو ڪريان)، حالت سببي يا Accusative لاءِ هڪ مثال ڏنائين. (مثال: پنهن جو پيٽ پريان). البت "مان"، "تان"، "کان" حرف جر واري لفظ جي حالت کي ساڳيو Ablative نالو ڏنائين، جنهن کي ڪن سنڌي وياڪرڻين بعد ۾ 'حالت اپادان' جو نالو ڏنو. هن حالت اضافت واري مڪمل ڦيري کي بہ سمجهايو ۽ حرف اضافت "جو" ۽ "وارو" جو پورو گردان ڏنو. (گريئرسن جا ڏنل مثال ترجمي ۾ ص 85 ۽ 86 تي ڏسو)

لڪل حرف جر جي سلسلي ۾ هن هڪ مثال ڏنو تہ:

"جيڪو ياڱو منهنجي حصي اچي".

چوي ٿو تہ هن ۾ لفظ "حصي" جي حالت مفعولي جري آهي، پر ان سان حرف جر موجود ڪونهي، پر "۾" ان ۾ لڪل آهي. ضميري پڇاڙين جي ڏس ۾ گريئرسن جو چوڻ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جو مڪمل نظام آهي ۽ اهڙيون ئي ساڳيون پڇاڙيون ڪشميري ۽ لهندا ۾ لڳنديون آهن، پر ٻنهي ۾ فرق اهو آهي تہ ڪشميريءَ ۾ صرف فعل سان لڳنديون آهن، لهندا ۾ فعل کان سواءِ اسم سان بہ لڳنديون آهن، پر سنڌيءَ ۾ تہ فعل، اسم کان سواءِ حرف جر ۽ ظرف سان بہ لڳنديون آهن.

مثال طور:

جوٺهم- جوٺهين- جوٺهس (اسم)

ماريم- ماريئي- ماريس (فعل)

سندم- سندءِ- سندس (اضافت)

وٽم- وٽئه- وٽس (حرف جر)

مٿس- مٿم، مٿانس (ظرف)

گريئرسن نه صرف انهن مفرد پڇاڙين جي نظام جي ڳالهه ڪئي، جنهن ۾ مذڪر مؤنث ۽ واحد جمع جا ڦيرا مڪمل طور موجود آهن، پر سنڌيءَ ۾ ٻٽين پڇاڙين جي موجودگيءَ بابت پڻ ٻڌايائين.

ماريومانس، ڇيوسونس، ڇيائينس، لکرائيندو سانس وغيره.

هڪ ڳالهه گريئرسن اها به ڪئي ته فعل جا قسم متعدي، لازمي ۽ بالواسطه مثالن سان ڏنائين ۽ اهو پڻ ڏيکاريائين ته ڪو لازمي فعل، متعديءَ ۾ ڪيئن ٿو ادا ٿئي. وري ان جي معروف صورت مجهول صورت کان ڪيئن مختلف آهي، پر اهڙو ڪو اصول بيان ڪونه ڪيائين ته فعل بدلجڻ جي صورت ۾ لفظ مختلف صورتون ڪهڙي اصول تحت وٺن ٿا. اسان کي اهو سوچڻ گهرجي ته ان مسئلي جو حل ڇا آهي، ان جي پٺيان ڪهڙو اصول ڪارفرما آهي، شاگردن کي انهيءَ ڳالهه جي سمجهاڻي ڪيئن ڏجي، باقاعده ۽ بي قاعده (regular_ irregular) فعلن کي ڪيئن ڌار ڪجي؟

زمانن جي پرک ڪندي گريئرسن ساڳيا انگريزي زمان سامهون رکيا آهن. هو زمان حال مدامي ۽ ماضي مداميءَ کي habitual ٿو سڏي ان جا مثال به ڏي ٿو. هتي اسان کي انهيءَ زمان کي سنڌيءَ ۾ هڪ خاص زمان ڪري سمجهڻ گهرجي. هندي اردوءَ توڙي انگريزيءَ ۾ اهو زمان ايترو چٽو ڪونهي، انگريزيءَ ۾ ته صرف عام زمان حال Present indefinite ئي استعمال ٿيندو آهي.

”آءٌ بس ۾ اسڪول وڃان ٿو“ يا ”آءٌ بس ۾ اسڪول ويندو آهيان“ جو ترجمو ساڳيو ٿيندو I go to school by bus البت ماضيءَ ۾ used to وجهي اهو زمان ناهبو آهي. هندي/ اردوءَ ۾ پڻ ساڳيءَ صورتحال آهي. ”مين روز بس سي اسڪول جاتا هون“، ”جاتاهون“ ٻنهي صورتن ۾ استعمال ٿيندو

آهي. البت هڪ صورت ماضيءَ ۾ نظر اچي ٿي. "جايا ڪرتا تها" اهو به مداميءَ کان وڌيڪ استمراري (Continuous) مفهوم وارو آهي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ زمان حال مدامي ۽ زمان ماضي مدامي ڌار ڌار آهن. عام يا مطلق زمانن کان!

(حال) آءٌ اسڪول وڃان ٿو۔ آءٌ اسڪول ويندو آهيان (حال مدامي)

(ماضي) آءٌ اسڪول ويس۔ آءٌ اسڪول ويندو هئس (ماضي مدامي)

اها سنڌيءَ جي خوبي ٻين ٻولين کان ان کي جدا ڪري ٿي، انهيءَ کي گرامر ۾ نمايان ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ساڳي صورتحال زمان حال ۽ ماضي متشڪيءَ جي آهي، جنهن جو ذڪر گريئرسن پنهنجي گرامر ۾ ڪيو آهي ۽ مزي جي ڳالهه تي سنڌيءَ ۾ اهو متشڪي سڏبو آهي. پر گريئرسن ان کي Future Perfect ٿو سڏي، ان ڪري جو اهڙو زمان انگريزيءَ ۾ مستقبل ۾ ڳڻبو آهي.

ان ڏس ۾ ديوان اڌارام ٿانورداس جي 1912ع ۾ ڇپيل وياڪرڻ واري ڪتاب ۾ ان زمان کي زمان حال متشڪي سڏيو ويو آهي، مثال طور "آءٌ پٽيو هوندس"، "تون پٽيو هوندين" وغيره. (اها بناوت اصل ۾ ماضي متشڪي جي آهي)

سنڌيءَ ۾ اسم مفعول سان زمان مستقبل وارو 'هوندس' گڏي اهو شڪ وارو زمان حال ٺاهيو ويندو هو جنهن جو ذڪر گريئرسن ڪيو. پر پوءِ وارن گرامرن ۾ اهو زمان ماضي متشڪي لکيو ويو آهي.

مثال: "هليو هوندس"۔ لازمي فعل سان

"مون ماريو هوندو"۔ متعدي فعل سان

هاڻي سنڌيءَ ۾ جيڪڏهن زمان حال متشڪيءَ لاءِ (يا ڪن صورتن ۾ مستقبل لاءِ) جملو ٺاهبو ته پوءِ اهو اسم حاليه ملائڻ سان ٺهندو آهي.

مثال: "هلندو هوندس" ۽ "ماريندو هوندس"

ان کان سواءِ گريئرسن سنڌيءَ ۾ جنس بي جان (Neuter) جي نه هئڻ ڏانهن به اشارو ٿو ڪري.

انهن ڳالهين کي سنڌي گرامر ۾ واضح نموني بيان ڪرڻ گهرجي.

**8. سنڌي وياڪرڻ ـ مرزا قليچ بيگ**

هي ڪتاب 1915ع ۾ ڇپيو. مرزاصاحب جي اڳيان واٿن، ٽرمپ، اسٽئڪ، اڌارام ٿانورداس، گلاب سنگهه وارا گرامر هئا. جيڪي تمام گهڻي محنت سان لکيل هئا. اهي عالم سنسڪرت، انگريزي ۽ فارسي ٻوليون ڄاڻندا هئا، پر انهن جي پيٽ ۾ وٽس هڪ وڏيڪ ٻوليءَ جي ڄاڻ هئي، جيڪا هئي عربي. ان ڪري هن انهيءَ ڄاڻ کي ٻـ ڪتب آندو. هن لکيو:

> "سنڌي صرف و نحو جو نمونو شروع کان وٺي عربي نموني تي ٺهيل اچا ڪم پيو اچي. فقط هاڻي انگريزي صرف نحو موجب ٿوري گهڻي ڦير گهير ٿي آهي. گرامر جا اصطلاحي لفظ بـ سڀ عربي ڪم اچن ٿا. فقط هاڻي ڪي سنسڪرت صورتون بـ داخل ٿيون آهن، جيئن تہ "ڪردنت" ۽ "پريوگ" وغيره (قليچ ص 59، ياڳو ٿيون)".

مرزا صاحب جي ڪتاب ۾ مٿي بين گرامرن ۾ بيان ڪيل سموريون ڳالهيون هيون، پر جيڪي ڳالهيون هن نيون لکيون انهن جو بيان هتي ڪرڻ چاهيندس.

مرزا صاحب پهريون دفعو ضمير مشترڪ ۽ مبهم جي ڦيرن جي ڳالهہ ڪئي. مثال طور "پاڻ" ۽ "جو" اضافت ملڻ سان ان جون صورتون "پنهنجو"، "پنهنجا"، "پنهنجي"، "پنهنجيون"ـ "پنهنجي" "پنهنجن"، "پنهنجين" وغيره وغيره. يا وري ڪوـ ڪاـ ڪيـ ڪن، ڪنهن... وغيره.

هن اسمن جي قسمن جو بيان ڪندي، collective nouns (ڌڻ، فوج وغيره) ۽ material nouns (سون، لوهہ، اٽو وغيره) کي بہ بيان ڪيوـ تنهن کان سواءِ اسم ذات کي ڌار سمجهائڻ جي لاءِ اسم عام ۽ خاص کي concrete nouns يا صفاتي اسم سڏيو ۽ اسمن، ضميرن، فعلن ۽ حرف جرن سان لڳندڙ ضميري پڇاڙين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو.

مرزا صاحب ڪيترين جاين تي سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي خوبين کي عربي ۽ فارسيءَ سان ڀيٽيو. صفت جي ڦيري بابت هڪ هنڌ لکي ٿو:

"عدد ۽ جنس ۾ ڦرندڙ صفتون نج سنڌي ٻوليءَ جون آهن.
مگر فارسي ۽ عربي ٻولين جا صفتي لفظ عدد ۽ جنس
سان نہ ٿا ڦرن. جيئن خوبصورت ـ خوش وغيره". (ص49)

پر ٻئي هنڌ وري سنڌيءَ کي انگريزي ۽ سنسڪرت سان بہ ڀيٽي ٿو. فعل جا قسم ڏيندي هو لازمي ۽ متعديءَ جا مثال ڏي ٿو. تڏهن هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "انهن ۾ صرف متعديءَ جون مجهول ۽ معروف صورتون هونديون آهن، پر سنڌيءَ ۾ لازمي فعل بہ اهي ٻئي صورتون وٺن ٿا. اهو نمونو قديم سنسڪرت مان ورتل آهي (ص 69)".

| | | |
|---|---|---|
| فعل لازميءَ جا مثال | لڏي ٿو (معروف) | لڏجي ٿو (مجهول) |
| فعل متعديءَ جا مثال | ماري ٿو (معروف) | مارجي ٿو (مجهول) |
| اڪر ترڪ يا فاعل | لڏجي ٿو لڏبو آهي | (ڊوڙبو تہ پگهر ايندو) |
| بي فعل جا مثال | لکبو | |

ڏٺو وڃي تہ اها خوبي تہ هڪ لفظ سان هڪ پورو مفهوم ادا ٿئي، هندي اردوءَ ۾ بہ ڪانهي. "لکبو"، "ڊوڙبو" جو هندي/ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڏسو هڪ ڪان وڏيڪ لفظ ڪتب ايندا!

مرزا صاحب وري اڳتي لکي ٿو:

"سنڌيءَ ۾ ڪيترائي فعل آهن، جيڪي مجهول صورت وارا آهن ۽ انهن ساڳين فعلن جي ڌاتن مان معروف صورت وارا فعل موجود آهن. اهي مجهول فعل اڪثر لازمي آهن ۽ معروف فعل اڪثر متعدي آهن، تنهن ڪري هيٺ انهن کي لازمي ۽ متعدي ڪري ڄاڻائجي ٿو."

لازمي — متعدي
اجهامڻ — اجهائڻ
جڙڻ — جوڙڻ

ڦاٽڻ – ڦاڙڻ (ص 62)

اهڙي ساڳي ڳالهه گريئرسن به ڪري چڪو آهي ۽ هن تمام ڏگهيون فهرستون اهڙن لفظن جون ڏنيون هيون، بلڪ هن تہ بالواسطہ Causal فعلن جو ساڳين ڌاتن مان نهڻ پڻ ٻڌايو هو.

مرزا قليچ بيگ هڪ ٻي ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي جيڪا پڻ اسان جي هاڻوڪن گرامرن ۾ زور ڏئي سمجهائڻ گهرجي، پر ائين ٿئي ڪونہ پيو.

هن لکيو تہ ڪيترا ماڻهو لازمي فعل جي مجهول صورت ۾ بہ "ج" وارو جوڙ(affix) وجهندا آهن، جيڪو غلط آهي. مثلاً

مون کان ڪتاب نہ ٿو ليجي. (غلط)

مون کان ڪتاب نہ ٿو ليي (صحيح)

مون کان لغڙ نہ ٿو اُڏامجي. (غلط)

مون کان لغڙ نہ ٿو اُڏامي. (صحيح)

ٻئي طرف مرزا صاحب پاڻ فعل جي زمانن جو ڦرڻ سنسڪرت سان ٿو لاڳاپي ۽ عجيب عجيب مثال ٿو ڏئي. لکي ٿو:

> فعل مجهول ۾ "ج" جو نشان سنسڪرت جي "ي" مان آهي، جو بدلجي پهرين .اي" ٿيو ۽ پوءِ "اج". سنڌيءَ وانگي ٻين ٻولين ۾ مجهول لاءِ ڪوبہ نشان ڪونهي، ٻيا فعل وجهي اها معنيٰ ڪڍن ٿا. جيئن تہ "هو مارجي ويو"، "هنديءَ ۾ "وه مارا گيا"، "آءٌ مارجان ٿو"۔ "مين مارا جاتا هون".
>
> امر جي پنيان جو "اج" نشان اچي ٿو جيئن تہ "ڪج" يا "ڪجئين"، سو پراڪرت جي "اِج" مان آيل آهي، هنديءَ ۾ "اِيو" آهي جيئن تہ "ڪريو"، "جائيو"، يا جايئي. (ص 176)

اهڙي ساڳي ڳالهه جارج شرٽ بہ ڪري ٿو تہ:

"سنسڪرت ۾ فعل مجهول واري نشاني "ي" سنڌيءَ ۾ ڦري "ج" ٿئي ٿي (جيئن تہ مارجڻ، ڪاٽجڻ، گهتجڻ وغيره)" (بلوچ ص 8)

جارج شرٽ تہ ڪجهہ اهڙن مجهول فعلن کي دراوڙي بہ سڏيو هو جن ۾ "پ" اچي ٿي. مثلاً ڏوپڻ، ڍاپڻ، ڏاپڻ وغيره. هو لکي ٿو:

"منهنجي خيال ۾ انهيءَ "پ" جو تعلق دراوڙيءَ "پو" بمعنيٰ "وڃڻ" سان آهي جو انهن ٻولين ۾ فعل مجهول ٺاهڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. (بحوالو بلوچ ص 8)

ڊاڪٽر بلوچ ان کي رد ڪيو هو.

مٿي مجهول فعل ۾ "ج" نشانيءَ جي سنسڪرت مان اچڻ واري ڳالهہ بہ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. اها سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت آهي ۽ ان کي سنڌي گرامر ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي. مرزا قليچ بيگ زمان ماضيءَ ۾ فعل سان لڳندڙ پڇاڙين .س" ۽ "سين"، "سون" وغيره کي بہ سنسڪرت مان آيل ٿو چوي، جيڪا ڳالهہ پڻ عام گرامر جي ڪتاب ۾ ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

مرزا صاحب لکي ٿو تہ "هاڻي اسم جون پنج حالتون آهن. (فاعلي مفعولي، جري، اضافت ۽ ندا) (ص 114)."

معنيٰ تہ اڳي ڪي ٻيون هيون!! مرزا صاحب بہ حالتن جي نشانن جي بيان ۾ ڪيترين ئي ترمپ جي گرامر مان ڳالهيون دهرايون آهن. مثلاً "کي" حرف جر ۽ "جو" حرف اضافت کي سنسڪرت مان ڏيکارڻ لاءِ ڊگهو سلسلو ڏنو اٿس. مثلاً لکي ٿو:

"جو" سنسڪرت ۾ "سي" آهي ۽ پراڪرت ۾ "س" جيڪو سنسڪرت جي صفت جي نشان "ڪ" مان ورتل آهي، جو هندي ۽ مرهٽيءَ ۾ "ڪا" ٿيو آهي. حقيقت ڪري اهو حرف اضافت "جو" صفت آهي نہ حرف، ۽ ٻين صفتن وانگر جنس ۽ عدد وٺي ٿو (ص 119 ياڳو ٿيون).

مرزا صاحب بہ اهو نہ ٿو ٻڌائي تہ آخر اهو مؤنث جمع ۾ هنديءَ کان جدا ڇو ٿو ٿي وڃي. (جيئن= "ڪي")

**9. وڏو سنڌي وياڪرڻ ـ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي،** ڇاپو پهريون، 1925ع ڇاپو ٻيو 1985ع سنڌالاجي.

هن گرامر کي سنڌي گرامر جي ارتقا ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل رهي آهي، جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين اسڪولن ڪاليجن ۾ رکيل گرامر رهيو هو. هن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ آهي ته هن ڪتاب جو دارومدار ٽرمپ واري گرامر جي ڪتاب تي آهي، پر منهنجو خيال آهي ته ڀيرومل ٽرمپ واري گرامر کان سواءِ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ۽ سر گريئرسن جي ڪتابن کي به نظر مان ڪڍيو آهي ۽ پاڻ پنهنجي طرفان پڻ ڪيتريون نيون ڳالهيون هن ۾ شامل ڪيون آهن. جيڪي ممڪن آهي ته هن سنسڪرت ۽ هندي وياڪرڻ جي مطالعي مان حاصل ڪيون هجن. (اها ڳالهه سندس ڏنل اهڙن اصطلاحن مان به ظاهر ٿئي ٿي).

ڀيرومل صاحب ڳالهائڻ جا اٺ لفظ ۽ ٻيون عمومي ڳالهيون ڪري ٿو پوءِ اسم جي حالتن جي ڏس ۾ لکي ٿو

> "سنسڪرت ۾ اسم جون 8 حالتون ليکيندا آهن ۽ هرهڪ لاءِ خاص پڇاڙيون مقرر ٿيل آهن. جي سنڌيءَ مان گهڻو ڪري گم ٿي ويون آهن. ان ڪري گهڻيون حالتون حالت جريءَ ۾ گڏي ائن مان گهٽائي ٿي ڪيون اٿن. ساڳيءَ طرح انگريزيءَ ۾ به ائن حالتن مان گهٽائي ٽي ڪيون اٿن. فاعلي، مفعولي ۽ ، ـ '' '' (ص 46)".

اول ته انگريزيءَ ۾ انهيءَ ريت لفظ جي ڪا ـري حالت ٿئي ئي ڪانه، ڇوته اتي حرف جر اسم (يا ضمير) کان پهرين ٿو اچي Pre_ position آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهو Post_ Position آهي. ان ڪري ان جو اثر متس ٿئي ٿو. وري سنڌيءَ ۾ حرف جر به مختلف قسم جا آهن. هڪڙا اضافت (مالڪي) ٿا ڏيکارين ۽ اسم سان ڦيرو کائين ٿا (جو جا، جي، جيون، جي، جين وغيره) ٻيا ڦيرو نٿا کائين ۽ خالص حرف جر آهن. جيئن: "کي"، "۾"، "تي" وغيره ۽ انهن مان ٺهيل ٻيا ڪي ٻٽا حرف جر آهن "کان"، "مان"، "تان"

"سان" جن ۾ جيڪا "آن" جي نشاني آهي، اها خود اسم ۾ به لڳي ٿي سگهي (جيئن گهران ڳوٺان ۾) ٿيان اهڙا آهن، جيڪي لڪل آهن. (هو ڳوٺِ ويو آهي معنيٰ ڳوٺ ڏانهن، هوءَ پيڪڻ وئي آهي معنيٰ پيڪن ڏانهن. يا راتِ ڇا ٿيو هو- معنيٰ رات جو انهيءَ ويلَ- معنيٰ ويل تي، گهوٽَ ماءُ- معنيٰ گهوٽ جي ماءُ، منهنجي پاڳي جيڪو اچي- معنيٰ پاڳي ۾) هتي مختلف قسم جو پڇاڙيون ڏسي سگهجن ٿيون، پوءِ ائين ڇو آهي ته ٻين ٻولين ۾ حالتون گهٽايون ويون ته ضروري هو ته سنڌيءَ ۾ به گهٽائجن؟ سنڌيءَ جي اها خصوصيت ڇونه اجاگر ڪجي؟ ڀيرومل ضميري پڇاڙين جي استعمال بابت ذڪر ڪندي اڻ سڌيءَ طرح سنڌيءَ جي مختلف حروف جر جو استعمال ڏيکاريو آهي. مثلاً:

| اسم جي حالت | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (سببي) | لاءِ | - | تو لاءِ ويٺو هوندس | = | ويٺو هوندوسانءِ |
| (مڪاني) | ۾ | - | تون هن ۾ تيل وجهه | = | تيل وجهينس |
| (مڪاني) | تي | - | تون مون تي پاڻي وجهه | = | پاڻي وجهينم |
| (جري) | کي | - | تون هن کي وٺي اچجان | = | وٺي اچجانس |
| (جري) | کان | - | تون هن کان روپيا وٺي اچجان | = | رپيا وٺي اچجانس |

مطلب ته انهن پڇاڙين سان جدا جدا قسم جي حرف جرن جي معنيٰ نڪري ٿي. (ص 142)

انهن مان جيڪي اسم جون حالتون ٺهيون، اهي به بيان ڪيون اٿس، پر وري به نتيجو اهو ڪڍيائين ته حالتون گهٽايون ويون آهن. انهيءَ بابت اسان جي ماهرن کي گڏجي ويهي سوچڻ گهرجي ته سنڌيءَ جي لاءِ پنهنجي واٽ ڪهڙي ٿيڻ گهرجي.

اسم جي جنس جي بيان ۾ به ڪاڪو ڀيرومل سنسڪرت سان

پيش ڪئي آهي؟ لکي ٿو

"سنسڪرت کان ڇڄي ڌار ٿيڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ پهريون قدم هي کنيو آهي جو جنس بي جان ڪڍي ڇڏي اٿس. جن لفظن جي اصل جنس بي جان هئي، تن مان ٿورا مؤنث ليکجن ٿا ۽ گهڻا "او" (اون) پڇاڙي وٺي ويٺا آهن، جنهن ڪري اهي مذڪر ليکجن ٿا، جيئن هنيئون (دل) ۽ پريتڻو (پريت). اها "اون" پڇاڙي اصل جنس بي جان جي نشاني هئي ۽ اها اڄ تائين گجراتي ٻوليءَ ۾ آهي"
(ص 35)

ان مٿئين حوالي ۾ ڪا به ڳالهه Justify نہ ٿي ٿئي. سنڌيءَ ۾ "هنيئون"، "دل" کان جدا معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ آهي. ساڳيءَ طرح "پريتڻو"، "پريت" مان هئڻ جي باوجود ٻوليءَ جي جدا خصوصيت رکي ٿو. اهڙا استثنيٰ exceptional لفظ ڪٿي سنڌي ٻوليءَ ڪي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ سان ڳنڍڻ بدران چئي سگهجي ٿو تہ شروع کان ان ٻوليءَ ۾ صرف ٻہ جنسون رهيون آهن. لفظ جي بناوٽ، پڇاڙي وغيره ان کي مذڪر يا مؤنث طور استعمال ڪرڻ لاءِ سبب ڏي ٿي.

ڪاڪو ڀيرومل مرزا قليچ بيگ سان ان ڳالهہ ۾ سهمت آهي تہ سنڌيءَ ۾ جيڪو فعل بي فاعل (اڪر ترڪ) آهي اهو ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونهي. لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ فعل بي فاعل ڪونهي، تنهن ڪري هن قسم جي جملن جو ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ پوريءَ طرح ترجمو ٿي ڪين سگهندو. ٻي ڳالهہ تہ ٻين ٻولين ۾ رڳو فعل متعدي معروف ۽ مجهول اهي صورتون وٺي ٿو پر سنڌيءَ ۾ فعل لازمي بہ اهي ٻئي صورتون وٺي ٿو. اهو نمونو آڳاٽي سنسڪرت مان ورتل آهي. (ص 96)

هو وري بہ ان خاص بنهہ انفرادي خوبيءَ کي (جيڪا سنڌيءَ جي هڪ ٻئي عاشق سراج "سنڌي ٻوليءَ جي پراسرار خوبي" سڏي) سنسڪرت سان ڳنڍي ويو جيڪا سنسڪرت جي سڪيلڌي وارث هنديءَ (يا اردوءَ) ۾ بہ ڪانهي.

ڪاڪو ڀيرومل سنڌ جو تمام وڏو عالم هو. هو لسانيات، تاريخ ۽ ادب جو وڏو ماهر هو. سندس سمورو ڪم سنڌيءَ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. هو جنهن دور ۾ هو ان دور ۾ مروج نظريي کي سامهون رکي، تحقيق ڪيائين ۽ نتيجا ڪڍيائين. ڇٺن ڀاڱن تي مشتمل "وڏو سنڌي وياڪرڻ" بيشڪ کيس وڏو عالم ثابت ڪري ٿو. جيئن تہ research معنيٰ وري ڳولڻ سو هاڻي وري نئين سر ڳولا ڪرڻ گهرجي. اصل ٻوليءَ جي، جيڪا هن ڌرتيءَ جي ئي ڄائي آهي. نئين انداز ۾ اهڙي ريسرچ هن دور جي ٻين عالمن بہ ڪئي آهي، جن مان هڪڙو آهي سراج الحق ۽ ٻيو ڊاڪٽر غلام علي الانا.

سراج مختلف مضمونن ۽ سندس ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ" ۾ گرامر جي ڪافي پهلوئن تي پاڻ کان اڳ جي عالمن سان اختلاف ڪيا ۽ پنهنجي واٽ ورتي. ان حوالي سان هڪ مضمون ۾ سنڌيءَ جي پراسرار خصوصيت جي باري ۾ هن لکيو تہ:

> "ج" جي هڪ صورت اڪرترڪ ۽ پريوگن ۾ داخل ٿئي ٿي. مثلاً "اڇجي"، "وڃجي"، "هلجي". ان "ج" جو اثر اهو ٿو ٿئي تہ اهي لازمي فعل پنهنجو فاعل وڃائي ٿا ويهن. (مفعول تہ هونءَ ئي ڪونہ اٿن). متعدي فعلن ۾ جي داخل ٿئي، تڏهن بہ فاعل کي نابود ڪري ڇڏي مفعول باقي رهجي وڃي (ڪجي، ڪائجي، پڙهجي وغيره). ڇاڪاڻ تہ اهو "ج" هنن فعلن جي فاعلن کي ڪائي ٿو وڃي ۽ ان جي هڪ صوتي صورت متعدي فعلن کي لازمي ۽ لازمي فعلن کي وڌيڪ لازمي بنايو ڇڏي، ان ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪنهن اهڙي پد جو جزو هجي، جنهن جي

خصوصيت فاعلي صورت سان دشمنيءَ جي هجي. اهو اصل پد ڳولڻ سان پنهنجي گرامر جي هڪ وڏي ڳجهارت حل ٿي پوندي (سراج، نئين زندگي، اپريل 1965ع، مقالو سنڌي ٻوليءَ جون چند خصوصيتون، سراج ص 51)".

چاڪاڻ جو سراج صاحب ڪو ڏار گرامر جو ڪتاب ڪونہ لکيو ان ڪري هاڻي اڳيون ٻيهر گرامر جي ڪتابن تي.

**10.** A Grammar of the Sindhi Language
The Rev. C. W. Haskell

هي گرامر جو انگريزي ڪتاب ڪراچي گرامر اسڪول جي پرنسپال سي. ڊبليو هيسڪل جو لکيل آهي، جيڪو 1942ع ۾ ڇپيو. هن جو مصنف مثال عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڏئي ٿو ۽ ڪتاب ڇپائڻ جو سبب اهو ٿو ڄاڻائي تہ سنڌيءَ ۾ گهڻي وقت کان ڪو جامع (Comprehensive) گرامر نہ هئڻ جي ڪري ڪيس ان جي ضرورت محسوس ٿي. هو لکي ٿو:

> In the past, the Grammars of Dr. Trump and Mr. Seymour and the Manual of Mr. Dulamal Bulchand were of considerable value to students whose mother tongue was not Sindhi, but who desired to learn the language of the province, where they were labouring.

هن بيان مان سيمور جي گرامر جو حوالو ملي ٿو جيڪو اسان کي هاڻي نٿو ملي. ڊولامل بولچند جو مينيول سنڌي لئنگئيج اڳارٽي ڇپائي چڪي آهي. هيسڪل جو هي گرامر "الفابيٽ" جي بيان کان شروع ٿئي ٿو ان جي ابتدا ۾ لکي ٿو:

> The Sindhi Language is a composite language formed by the confluence of three main streams of thought Sanskrit, Persian and Arabic.

ان کانپوءِ سنڌيءَ جي بڻ بنياد کي اهائي سنسڪرت سان ڳنڍڻ واري روايتي ڳالهه ڪري ٿو هي گرامر 15 بابن تي مشتمل آهي ۽ انگريزي گرامرن جي طرز تي لکيل آهي. Syntax يا نحويات جي حوالي سان سٺيون سمجهاڻيون ڏنل آهن. ضميري پڇاڙين بابت تمام تفصيل سان لکيو ويو آهي، ان ۾ ڪجهه نيون بناوٽون هي بيان ٿيل آهن:

واحد متڪلم جي بيان ۾:

چڏيو اٿمانءِ چڏيو اٿمانوَ (مون توکي/ توهان کي چڏيو آهي)

چڏيو اٿمانس چڏيو اٿمانِ (مون هن کي/ هنن کي چڏيو آهي)

جمع

چڏيو اٿئونءِ چڏيو اٿئونوَ (اسان توکي/ توهان کي چڏيو آهي)

چڏيو اٿئونس چڏيو اٿئونِ (اسان هن کي/ هنن کي چڏيو آهي)

مطلب ته اسمن کانسواءِ هرهڪ خالص ضمير سان زمان حال ماضي ۽ مستقبل ۾ انهن جا ڦيرا اڪيلين ۽ ٻٽين صورتن ۾ سمجهايا ويا آهن. جيڪا ڳالهه هن گرامر جي خاص خوبي آهي. حرف جر ۽ حرف اضافت سان به اهي ڏيکاريل آهن.

هن گرامر جي ٻئي ڀاڱي ۾ مشقون ڪرايل آهن، جن ۾ لفظن، جملن ۽ پئرائن جو ترجمو شامل آهي.

منهنجي ذاتي راءِ ۾ هي ڪتاب تمام سلجهيل، سئولي انداز ۾ آسان ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. جيڪو اڄ به غيرمادري زبان وارن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. مون کي خبر نه آهي ته ڇو ان کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ نه پڙهايو ويو ۽ ان جا ٻيا ڇاپا نه آيا.

**11. سنڌي معلم۔ ڊاڪٽر غلام علي الانا**

1984ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي معلم" نالي ڪتاب سنڌ ۾ رهندڙ اردو دان طبقي کي سنڌي سيکارڻ جي خيال کان لکيو. اهو ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ آهي. ڊاڪٽر صاحب لسانيات جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ سنڌ ۾ هن موضوع تي ڪم ڪرڻ ۽ لکڻ وارن جو استاد به آهي. سندس راءِ کي وڏي

اهميت حاصل هوندي آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ کي خالص هن خطي جي پنهنجي ٻولي سمجهي ٿو. لکي ٿو:

> Majority of scholars have agreed that the language of Indus valley was not an off shoot of any foreign language but it is really the original and indigenous tongue of the Indus valley people.

ترجمو: عالمن جي اڪثريت ان ڳالهه تي متفق آهي ته سنڌو ماٿر جي ٻولي ڪنهن ٻاهرين ٻوليءَ جي شاخ نه پر هتان جي اصلوڪي آڳاٽي ٻولي آهي. (سنڌ: ماضي، حال ۽ مستقبل 2006)

ڊاڪٽر صاحب عمومي طور ڳالهائڻ جي انهن لفظن کي سمجهائي ٿو ۽ ٻوءِ ٻيا مسئلا بيان ڪري ٿو پر سندس مقصد چاڪاڻ ته اردو دان طبقي کي سنڌي سيکارڻ هو. ان ڪري هن مختلف وات ورتي آهي ۽ سندس ذهن ۾ اردو قواعد هئا. جن سان ڀيٽ سان ٿي هو. پنهنجو مقصد حاصل ڪري ٿي سگهيو. اهوئي سبب آهي جو ان ۾ ڪنهن خصوصي مسئلي جو ذڪر ڪونه ڪيو اٿس. سنڌي اردوءَ ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي تفاوتن ۽ هڪجهڙاين کي واضح ڪيو اٿس: (2010 ۾ ڊاڪٽر صاحب جو هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپايو ويو آهي، جنهن ۾ ڪيترن اهم پهلوئن تي ڀرپور قلم کنيو ويو آهي)

## 12. سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو

سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ اهم گرامر جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو" (ٻه ڀاڱا) واحد بخش شيخ صاحب جو ٻه آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع ۾ ۽ 1989ع ۾ ڇاپيو.

واحد بخش شيخ صاحب سنڌي ٻوليءَ کي عربي ٻوليءَ جي سڳي ڀيڻ ثابت ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ سيني ڪان اڳرو ثابت ٿيو. هن لکيو ته:

> "سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ آواز اهي ئي آهن، جي سنسڪرت جا آهن: آ آ اِ اِي آيِ اُ او اُو آو وغيره.

حقيقت ۾ هنديءَ يا سنسڪرت ۾ حرڪتن جو استعمال ظاهري طرح آهي ئي ڪونہ. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي آواز جون ظاهري نشانيون يعني زبر زير پيش. شد. مد وغيره استعمال ٿين ٿيون. سي عربيءَ کان اڌاريون ورتل آهن ۽ اهي هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن حد تائين امتيازي خصوصيت بڻجي چڪيون آهن". (ص_2).

دراصل شيخ صاحب سنڌيءَ جي عربي_ سنڌي آئوينٽا سبب اهڙي راءِ قائم ڪئي آهي. ظاهر آهي تہ لپي عربي آهي تہ اعراب بہ اتان ايندا. جيڪڏهن لپي ديوناگري هجي ها تہ ماترائون بہ اتان اچن ها. باقي ٻوليءَ ۾ اهي آواز يا حرڪتون هميشہ کان موجود هيون ۽ آهن. ان ڏس ۾ هو ڊاڪٽر بلوچ جي اوائلي خيال سان سهمت نظر اچي ٿو جنهن جو خيال هو تہ سنڌيءَ ۾ بہ حرف صحيح بنا ڪنهن وچ ۾ حرڪت جي اچي ٿا سگهن. پاڻ "ڪڪڙ" ۽ "گدڙ" جا مثال ڏنا هئائين. (ان جي جواب ۾ سراج لکيو هو تہ اهي ساڳيا لفظ انگريزيءَ ۾ لکي ڏسبو تہ انهن ۾ چوٽا سر ڏسڻ ۾ ايندا. مثلاً kukur, gidaru ڪُڪُڙ گِدڙُ).

صورتخطيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي لکت ضرور اهڙيون نشانيون عربيءَ کان اڌاريون ورتيون. پر اهي آواز تہ موجود هئا. تحريري شڪل جي هڪجهڙائيءَ کي ڏسي ڪو نظريو قائم نہ ٿو ڪري سگهجي. سيائي جي سنڌي رومن ۾ لکجي تہ اها رومن جي پيڙ تہ ڪانہ ٿي پوندي. واحد بخش شيخ صاحب جو خيال هو تہ سنڌي ٻولي اگرچ سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي، تاهم ٻنهي ۾ حرفي مشابهت کان سواءِ ٻي ظاهري هڪجهڙائي خيرڪا نظر ايندي. پر انهيءَ جي برعڪس عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين سان سندس تعلق ۽ تشبيهہ گهڻو نظر ايندو. (ص 4)

شيخ صاحب ڳالهائڻ جا لفظ اٺ نہ پر ڇهہ لکيا آهن. (حرف جر. حرف ندا ۽ حرف جملي کي هڪ ئي خاني ۾ رکي ٿو) ۽ اسمن جا قسم وري ويهہ ٻڌائي ٿو... اهو اهوئي طريقو آهي. جيڪو فارسي ۽ اردو گرامرن ۾

هوندو آهي. نالا ۽ اصطلاح بہ سڀ اهي ئي آهن. اسم عام کي اسم نڪره، اسم خاص کي اسم معرفہ... وغيره لکي ٿو. سنڌيءَ ۾ ٻن جنسن واري نڪتي ۽ بي جان شين سان جنس لاڳو ڪرڻ بابت هن جو چوڻ آهي تہ:

"حقيقت ۾ جاندار ۽ غيرجاندار شين ۾ فرق ڪرڻ ۽ زبان جي اصولن کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ غيرجاندار شين سان تذڪير ۽ تانيث جي نسبت لاڳو نہ ڪجي، بلڪ انهن سان جنس غير ذي روح يا بي جان لڳائي وڃي." (ص146)

اهو ڏاڍو حيرت جهڙو بيان آهي جو ڪنهن ٻوليءَ جي بنيادي بناوت ۽ گرامر کي بدلائڻ جي صلاح ڏجي. ٻوليون ڪنهن Logic يا منطق تحت نهيل ڪونہ هونديون آهن. اهي صدين جو سفر ڪري، جنهن مقام تي پهچن ٿيون ۽ مستقل تبديليءَ جي عمل مان بہ گذرن ٿيون، پر اهو غيرشعوري هوندو آهي، انهن ۾ شعوري طور تي تبديلي آڻڻ انهن لاءِ فائديمند ثابت ڪونہ ٿيندو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ ڪا بہ ٻولي گرامر جي اصولن موجب ڪانہ ٺهندي آهي، پر گرامر جا اصول ٻوليءَ تان ٺاهيا ويندا آهن. ٻولي پهرين وجود ۾ آئي گرامر پوءِ. انهيءَ جي ساخت ۽ سٽاءَ کي ڏسي ٺاهيا ويا. ان ڪري پنهنجي مرضيءَ سان جنس بي جان (neuter) سنڌيءَ ۾ وجهڻ واري ڳالهہ کل جوڳي تي لڳي.

ساڳي ڳالهہ عددن لاءِ بہ ڪري ٿو تہ ڇاڪاڻ تہ سنسڪرت ۽ عربيءَ ۾ ٽيون عدد تثنيہ بہ ٿيندو آهي،

"ان ڪري سنڌيءَ ۾ بہ ٽي عدد شمار ڪيا ويا آهن. اگرچہ سنڌيءَ کي تثنيہ جي پنهنجي صورت خيرڪا آهي." (ص 169)

اسم جي حالتن جي ڏس ۾ هو ساڳي وات وٺي ٿو. يعني پنج حالتون بيان ڪري ٿو پر حالت جريءَ کي وڏيڪ صورتن ۾ ورهائي ٿو. يعني حالت جري، حالت سببي، حالت امدادي ۽ حالت مڪاني. جواز اهو

ساڳيو ئو ڏي، سنڌيءَ ۾ حالتن ظاهر ڪرڻ واريون پڇاڙيون نہ هئڻ ڪري، مونجهارو ٿو ٿئي، ان ڪري بهتر آهي تہ اهي گڏي ڇڏجن.

ساڳيءَ طرح حالت اضافت جون بہ ڇهہ صورتون بيان ڪري ٿو جن جا نالا عربي رکيا اٿس. اهڙيءَ ريت هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي نين ڳالهين کي ڏسي سگهجي ٿو پر اهي سڀ عربي گرامر کان ورتل آهن ۽ اصطلاح ايترا تہ ثقيل آهن جو شاگردن کي سمجهڻ بدران رٽو هڻي ياد ڪرڻو پوندو. مجموعي طرح ڪتاب تي محنت تمام گهڻي ڪيل آهي.

مٿي ذڪر ڪيل گرامر جي ڪتابن کان سواءِ اسڪولي ٻارن لاءِ سنڌي رهبر (علي محمد بلوچ) ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو گرامر ۽ ٻيا ڪي ننڍڙا ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود آهن. پر انهن ۾ ڪو خاص مسئلو بيان ٿيل ڪونهي.

مٿئين اڀياس مان اسان کي ڪيترين ئي ڳالهيون سمجهہ ۾ اچن ٿيون. سنڌيءَ جي سنسڪرت/ آريائي ٻولي هئڻ جو ايترو تہ پڙهو ڏنو ويو آهي جو لنڊن ۾ ڪجهہ عرصو رهڻ دوران مون ڊاڪٽر شيڪل (Shackle) ۽ روپرٽ سنيل (Rupert Snell) ۽ ٻين سان ملاقات کان سواءِ سندن ڪتابن ۽ مضمونن جو مطالعو ڪيو تہ هو هر طرح سان ان ڳالهہ جا قائل آهن ۽ سنڌيءَ کي انهيءَ ئي بڻ بنياد سان ڳنڍيندي ان جو گرامر بہ ان ريت سمجهائن ٿا ۽ پنهنجن ڪلاسن ۾ اهوئي پڙهائين ٿا. ڊاڪٽر ڪرسٽافر شيڪل ڏکڻ ايشيا جي ٻولين مان دراوڙي ٻولين تامل تيلگو وغيره کي ڌار ڪري ٻين ٻولين لاءِ لکي ٿو:

> ... The others are all Indo Aryan languages, members of that branch of Indo_ European family which derives from Sanskrit. They include many important regional languages of India and Pakistan (Gujrati, Marathi, Oruja, Assamese, Kashmiri, Sindhi, Punjabi). Learner English_ Michael Swan, Shackle_ page 227)

ترجمو: پيون سيئي ٻوليون هند آريائي آهن، جيڪي هند يورپي خاندان جي ان شاخ مان نڪتل آهن، جيڪا سنسڪرت مان آيل آهي. انهن ۾ هندستان پاڪستان جون ڪيتريون ئي اهم ٻوليون شامل آهن. (گجراتي، مراٺي، اروجا، آسامي، ڪشميري، سنڌي، پنجابي). (لرنر انگلش، مائيڪل سوان، شيڪل، ص 227)

انگريزيءَ سان ڀيٽ ڪندي هند آريائي ٻولين جي باري ۾ هن جو چوڻ آهي ته انهن سڀني ٻولين ۾ هيٺيان اصول ملڳيا آهن.

- اسمن ۾ ضميرن لاءِ جنس عام neuter ڪانهي ۽ صفتون ۽ فعل جنس مطابق ڦرندا آهن.
- صفت تفضيل ۽ مبالغي لاءِ ڪي نشانيون ڪونه آهن.
- انگريزي articles جو ڪو متبادل ڪونهي.
- حرف (جر، اضافت وغيره) اسمن کان پوءِ ايندا آهن.
- جملي جي ترتيب ۾ فعل آخر ۾ ٿو اچي.
- هنن ٻولين ۾ انگريزي معروف فعل do جو ڪو متبادل ڪونهي، ان ڪري جڏهن جملي ۾ ڪو سواليه لفظ ڪونه هوندو آهي ته صرف اتار چڙهاءَ سان سوال ڪندا آهن.
- ناڪاري جملا no ۽ not ۾ ڪو فرق نه ٿا ڪن.
- انگريزي مصدر To be جو متبادل معاون فعل ته آهي پر To have جو متبادل ڪونهي.
- هنن ٻولين ۾ عام طور ماضي مدامي Past habitual هوندو آهي.
- صفت جا درجا degrees ڪونه ٿين.

وري ٻئي طرف هو دراوڙي ٻولين جون خصوصيتون لکندي هيٺيان نڪتا ڄاڻائي ٿو.

- ترڪي ٻوليءَ وانگر دراوڙي ٻوليون agglutinative ٻوليون (گهڙ پديون) آهن ۽ صوتيات، صرفيات، نحويات جي اصولن ۾ هند آريائي ٻولين کان مختلف آهن.

- لفظن کي سرن ۾ ڏگهو ڪنديون آهن.
- دراوڙي ٻولين ۾ ڪي وسرگ وينجڻ aspirated consonants ڪونہ تين ان ڪري "ق"، "ٿ"، ۽ "ک" ڪونہ اچاري سگهن.
- انهن جي آخر ۾ وينجڻ نہ پر هلڪو سر هوندو آهي (اُ جو آواز هوندو آهي).
- جملي ۾ لفظن تي زور ڏئي ڳالهائيندا آهن، ان ڪري هرهڪ لفظ ڏار ٻڌڻ ۾ ايندو.
- لفظ جو مطلب هرويرو هڪ لفظ نہ وٺڻ کپي، ٻولي گهڻ پدي هئڻ ڪري اهو گهڻن لفظن جو مجموعو بہ ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ پچاڙيون بہ لڳل هجن.
- سوال ۾ "do" يا "have" جهڙو ڪو فعل شروع ۾ لڳائڻ جو رواج ڪونهي.
- Articles ڪونہ آهن.
- ظرف ۽ صفت ۾ مونجهارو آهي.

هاڻي توهان ڏسو تہ ڪيتريون ڳالهيون سنڌيءَ ۾ هند آريائي ٻولين جون آهن ۽ ڪيتريون دراوڙي ٻولين واريون آهن... ان کان پوءِ فيصلو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ جون پنهنجون اهي ڪهڙيون خصوصيتون آهن، جيڪي انهن ٻنهي خاندانن جي ٻولين کان الڳ ڪُر ڪنيو بيٺيون آهن.

منهنجي ناقص راءِ اها آهي تہ اچو اهو وساري ڇڏيون تہ سنڌي ڪهڙي نسل مان آهي، سنسڪرت ڄائي آهي، دراوڙي دفعي جي آهي، عربيءَ جي پيڻ آهي. فارسيءَ جي سوٽ يا درادي ٻولين جي ماسات. اسين ڪنهن بہ ٻي ٻوليءَ جي گرامر سان ڀيٽ ڪرڻ بدران سنڌيءَ جو پنهنجو گرامر/ وياڪرڻ ان جي پنهنجي بناوٽ، ساخت، سٽاءَ کي سامهون رکي ناهيون. جيڪي اصطلاح اڳ مروج آهن، پوءِ اهي هندي آهن، عربي يا

فارسي يا مرڳو انگريزي انهن مان جيڪي سولا آهن، سمجهه ۾ اچن ٿا، انهن کي قائم رکندي، جتي ضرورت پوي، اتي پنهنجا اصطلاح به جوڙيون، جيڪي سؤلي سنڌيءَ جا هجن. جيئن شاگردن کي نالي مان ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي.

اهو سڀ ڪجهه ڪو هڪ ماڻهو نه ڪري بلڪ سنڌي ٻوليءَ جا ماهر گڏ ويهي، انهن تي سوچين ۽ انهن جو حل ڪيڊي ڪو سؤلو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي بناوٽ کي سامهون رکي ٿاهيل گرامر شاگردن لاءِ آڻيون.

## مددي ڪتاب:


1. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند- وڏو سنڌي وياڪرڻ، (ڇاپو ٻيو) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1985ع.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر- سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2010ع.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر- سنڌي معلم، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1984ع.
4. اڌارام ٿانورداس، منشي- سنڌي وياڪرڻ، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو ڪراچي، 1912ع.
5. ڪشنچند گلاب سنگهه ۽ ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي- سنڌي وياڪرڻ، موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد 1914ع.
6. قليچ بيگ، مرزا- سنڌي وياڪرڻ (ٻيو ڇاپو) سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع.
7. واحد بخش، شيخ- سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو (ٻه ڀاڱا) سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1986ع ۽ 1989ع.

8. وسناڻي، جهمتمل نارومل- سنڌي نئون وياڪرڻ، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو ڪراچي، 1892ع.

انگريزي ڪتاب:

9. Grierson, George, Sir, Linguistic Survey of India, Vol_8, Part_1, (also Translation by Dr. Fahmida Hussain), Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2000)
10. Haskell C.W.Rev,_ A Grammar of Sindhi Language, Church Mission Press, Karachi, 1942.
11. Stack. G. Captain, A Grammar of The Sindhi Language, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2011 ،
12. Swan, Michael and Bernard Smith, Learner English (2nd edition) Cambridge University Press, 2003.
13. Trumpp. Ernest, A Grammar of Sindhi Language Educational Services, New Delhi, 1872 (Also Sindhi translation by Dr. Amjad Siraj).

# سنڌي ٻوليءَ جون فطري خُوبيون ۽ سنڌي گرامر

ٻولي اهو وسيلو آهي، جنهن سان جانور/ پکي "ٻوليندا" آهن ۽ انسان "ڳالهائيندا" آهن.... ٻولڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ بنيادي فرق 'شعور' جو آهي. جانور/ پکي غيرشعوري طور جبلتاً ٻوليندا آهن. جڏهن ته اها ساڳي جبلت ارتقائي عمل مان گذري، آوازن جي ٻولن مان لفظن ۽ جملن جي صورت وٺي شعوري سطح تي انسان جي اظهار جو وسيلو بڻي ۽ انسان جي سڃاڻپ بنجي وئي... عربيءَ ۾ ته انسان کي "حيوان ناطق" يعني "ڳالهائيندڙ جانور" چيو ويو آهي، ۽ هاڻي ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به انساني سماج جو تصور ڪرڻ به ممڪن ڪونهي. بقول سائين محمد ابراهيم جويي جي:

> "ماڻهن جي هر تهذيب جي ابتدا به ذهن جي انهيءَ معجزي سان ٿئي ٿي، جنهن کي ٻولي چئجي ٿو. ٻوليون قومن جي روح جا، انهن جي آدرشي عڪس جا، انهن جي 'هئڻ جي احساس' جا سڀ کان سڌا ۽ چٽا اظهار آهن."[1]

لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي ته:

> "هر ٻوليءَ کي پنهنجي تنظيم آهي، جنهن کي مرضيءَ موجب ڦيرائي نٿو سگهجي، جيڪڏهن ڦيرائبو ته ڳالهائي نه سگهبو. سندس لغت ۾ ڦيرو اچي سگهي ٿو سندس آواز گهٽ وڌ ٿي سگهن ٿا، منجهس معنائون ڦري سگهن ٿيون، پر سندس عملي سٽا بدلائي نٿي سگهجي. سندس اسمن، ضميرن، صفتن، ظرفن، فعلن وغيره جي نوعيت ۽ مخصوص هنڌن کي بدلائي نٿو سگهجي."[2]

ٻوليءَ جي ان تنظيم، جوڙجڪ، عملي سٽاءُ، ڳالهائڻ جي لفظن جي مقرر جاءِ يا هنڌ يا زبان جي عملي نظام جي اڀياس/ علم کي گرامر/

وياڪرڻ سڏجي ٿو جنهن کي عربي ۽ فارسيءَ ۾ 'علم صرف ۽ نحو' چئبو آهي. (سنڌيءَ ۾ اهي ٽئي نالا مروج رهيا آهن)

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ٻولي پاڻمرادو/ ازخود اختيار ڪيل تنظيم رکي ٿي. اها ڪنهن بہ گرامر جي اصولن کي سامهون رکي جوڙيل ڪانہ هوندي آهي، بلڪ گرامر ٻوليءَ جي فطري جوڙجڪ جو اڀياس ڪري ٺاهيا ويندا آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ گرامر ٻوليءَ جي بنيادي ڍانچي (structure) يا بناوٽ (frame work) جو علم آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ بنيادي بناوٽ (frame work) کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇوتہ هر هڪ ٻوليءَ جي پنهنجي پنهنجي مخصوص بناوٽ آهي، جيڪا ڳالهہ هڪ ٻوليءَ ۾ هوندي، سا ضروري ناهي تہ ٻيءَ ۾ بہ هجي. ان ڪري هر ٻوليءَ جون پنهنجون اصلوڪيون/ فطري خوبيون ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن. اهوئي سبب آهي، جو ڪنهن هڪ ٻوليءَ لاءِ ٺاهيل گرامر کي ٻيءَ سان لاڳو ڪرڻ مناسب ڪونهي. لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ:

> Grammar is neither a set of prescriptive rules, nor an inventory of data, but a general scientific theory of language.[3]

ترجمو: گرامر نڪو ڪن مقرر ڪيل اصولن جو مجموعو آهي ۽ نہ ئي معلومات جي ڪا فهرست، پر اهو ٻوليءَ جو هڪ سائنسي نظريو آهي.

سنڌي ٻولي هڪ تمام قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي، ان جون ڪي پنهنجيون بنيادي خوبيون آهن، جيڪي ان کي ٻين ٻولين کان منفرد ۽ الڳ وجود ۽ حيثيت ڏين ٿيون. ان جي نظام جي اڀياس لاءِ جيڪي گرامر جوڙيا ويا، اهي سنسڪرت، انگريزي يا وري عربي فارسي ٻولين جي گرامرن کي سامهون رکي جوڙيا ويا، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجيون ڪي بنيادي خصوصيتون نظرانداز ٿي ويون يا اهميت سان بيان نہ ٿيون.

انگريزن جي مهربانيءَ سان جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ملي تہ هنن اُن تي عملي ڪم جي بہ ابتدا ڪئي ۽ سنڌيءَ جا گرامر جوڙايا. مسٽر واٿن، ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ ان ڏس ۾ ابتدا ڪئي.

ڪئپٽن اسٽئڪ ان ۾ پنهنجي ڪن خصوصيتن جي خوبصورتيءَ جو اعتراف ڪيو جيڪي يورپي (لئٽن) آريائي ۽ ٻين هندستاني ٻولين ۾ ڪيس ڏسڻ ۾ ڪونه آيون.

ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ اهڙو اعتراف ڪيو ته:

The Sindhi is by no means an easy Language, it is on the contrary beset with more intricacies and difficulties than any of its Prakrit sisters: the Sindhi has preserved a great many forms, for which we look in vain in the cognate idioms[4]

ترجمو: "سنڌي ڪنهن به ريت سولي ٻولي ڪانهي، بلڪ ان ۾ ڪيترين پيچيدگيون ۽ ڏکيائيون آهن.م جيڪي سندس ٻين پراڪرتي ڀينرن ۾ ڪونه آهن. ڇوته سنڌيءَ ڪيترين اهڙيون صورتون قائم رکيون آهن، جيڪي ٻين جاتل ٻولين ۾ نٿيون ملن."

هاڻي ڏسو ته ڪئپٽن اسٽئڪ سنڌيءَ جي اهڙين خوبين يا خاصيتن کي ان جي خوبصورتي سڏيو ۽ وري ڊاڪٽر ٽرمپ جيڪا ڳالهه سمجهي نه سگهيو اُن کي پيچيدگين ۽ ڏکيائين جو نالو ڏنائين ۽ اُن جي قديم اصلوڪين صورتن کي انهن ٻولين ۾ ڳوليائين، جن جا گرامر سندس سامهون هئا، جڏهن نه مليس ته ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ ٻئي هنڌ اعتراف ڪيائين ته اهي ڪنهن قديم اصلوڪي غير آريائي ٻوليءَ جون باقيات آهن.

"We shall, on the other hand, be able to trace out a certain residuum of vocables, which we must allot to an old aboriginal language, of which neither name or extent is now known to us, but which in all probability, was of Tator stock of languages and spread throughout the length and breadth of India before the irruption of the Arian race, as all the other vernaculars contain a similar non_ Arian residuum of words, which have been already designated as "provincial" by the old Prakrit grammarians"[5]

اهو اصلوڪي غير آريائي ٻوليءَ جو وجود، جيڪو آرين جي اچڻ کان اڳ ثابت ٿئي ٿو انهيءَ ڳالهه جي ثابتي آهي ته سنڌي آريائي ٻولي ڪانهي.

مون اڳ ۾ ڪٿي لکيو آهي ته ڊاڪٽر ٽرمپ 'Syntax' جي سري هيٺ جڏهن 'ڳالهائڻ جي انن لفظن' تي اچي ٿو ته سندس اڳيان انگريزي گرامر جو معيار آهي. ان ڪري سڀ کان پهرين سنڌيءَ ۾ definite article (يعني معروف جزي) جي نه هئڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته ڀلا ضروري آهي ڇا ته جيڪو ڪجهه انگريزيءَ يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ هجي، اهو سنڌيءَ ۾ ڳولجي.

انگريزيءَ ۾ غيرمعروف (indefinite article) لاءِ a/an ـ استعمال ٿين ٿا، جن جي بدران اسان وٽ 'هڪ'/ 'هڪڙو' استعمال ٿئي ٿو ۽ معروف جزي (definite article)ـ the لاءِ 'اِها'، 'اهو' (اجها، اجهو) وغيره استعمال ڪري سگهجن ٿا، پر ڪي خصوصي لفظ ڪونهن ۽ نه ئي انگريزيءَ يا عربيءَ وانگر ڪي اصول مقرر آهن. جيئن انگريزيءَ ۾ آفاقي شين جي نالن اڳيان the لڳائيندا آهن. the stars, the earth, the moon, the sun يا ڪنهن مخصوص اسم اڳيان اهو article لڳائيندا آهن. تيئن عربيءَ ۾ به ٿيندو آهي. اتي definite article جي لاءِ لفظ جي اڳ ۾ "ال" ڳنڍيندا آهن:

| | | |
|---|---|---|
| اَلبَيتُ | the house | (ڪو خاص) گهر |
| الشَمسُ | the sun | سج |
| اَلبَدرُ | the moon | چنڊ |
| آلارضُ | the earth | زمين |

جڏهن ته indefinite article ۾ 'ال' ڪونه لڳي، ان جي بدران لفظ جي آخر ۾ تنوين ايندي آهي:

| | |
|---|---|
| نهرٌ | نهر |
| ملڪٌ | بادشاهه |
| ڪلبٌ | ڪتو (6) |

پر سنڌيءَ ۾ هرويرو ائين ڪونهي، پوءِ ڇو اسين اُن تي سوچيون، ان جي بدران جيڪي ڪجهه سنڌيءَ ۾ آهي ۽ گرامر جي ماهرن نظرانداز ڪيو آهي، ان کي ڇونه نمايان ڪريون؟

سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙين يا متصل ضميرن جو هڪ باقاعده نظام آهي، جنهن ۾ منفرد ۽ مرڪب نشانيون اچي ٿيون وڃن. ڇو نه انهن تي تفصيل سان لکجي! سرائڪي ۽ پنجابي، سنڌيءَ جون ڀينر ٻوليون آهن. انهن ۾ اهڙيون نشانيون آهن. فارسي ۽ عربيءَ ۾ به اهي ڪنهن حد تائين موجود آهن، پر سنڌيءَ ۾ اهي تمام مربوط ۽ منظم آهن. فارسيءَ ۾ "جانم" ۽ "دانم"، اسم ۽ فعل جا به مثال آهن، جن ۾ 'م' متڪلم جي نشانيءَ طور موجود آهي. عربيءَ ۾ به ساڳيءَ ريت ضميري پڇاڙيون لڳن ٿيون، مثلاً:

| | | |
|---|---|---|
| لفظ: | قَدَمٌ | قدم/ پير |
| واحد: | قَدَمِي | منهنجو پير |
| جمع: | قَدَمَي | منهنجا قدمَ/ پير |
| لفظ: | خَادِم | نوڪر |
| واحد: | خَادِمِي | منهنجو نوڪر |
| جمع: | خَادِمِي | منهنجا نوڪر |
| لفظ: | ڪلب | ڪُتو |
| ضمير غائب: | ڪلب ڪلبُه | هن جو ڪتو[7] |

ڏنو وڃي ته سنڌيءَ ۾ ان کان وڌيڪ ضميري پڇاڙيون (مفرد توڙي ٻٽيون) استعمال ٿين ٿيون ۽ نه صرف اسمن ۽ فعلن سان، پر حرفن (جر، اضافت وغيره) سان به لڳن ٿيون ۽ مذڪر مؤنث، واحد، جمع، ماضي، حال، مستقبل- مطلب ته هر پهلوءَ کان پنهنجا ڌار گردان به رکن ٿيون. آءٌ هتي چند مثال ڏيندس.

| | | |
|---|---|---|
| فعل | | (مصدر ڇوڻ) |
| ماضي | ڇيم (مون ڇيو) | ڇيومانس (مون هن کي ڇيو) |
| | ڇيوسين (اسان ڇيو) | ڇيومانِ (مون هنن کي ڇيو) |
| | ڇيوسينس (اسان هن کي ڇيو) | ڇيوسينِ (اسان هنن کي ڇيو) |
| | ڇيوسونءِ/ سين (اسان توکي ڇيو) | ڇيوسينوَ (اسان توهان کي ڇيو) |
| | ڇوان ٿو، ڇوانس ٿو، ڇوانِ ٿو | |
| حال | ڇئون ٿا. ڇئونس ٿا، ڇئونِ ٿا | |
| | ڇوان ٿو، ڇوانءِ ٿو، ڇوانوَ ٿو | |
| مستقبل | ڇوندس، ڇونداسين، ڇوندوسانس، ڇوندوسانِ | |
| | ڇونداسينس، ڇونداسينِ، | |
| | ڇونداسين، ڇونداسونءِ، ڇونداسونوَ | |

مذڪر واحد ۽ جمع جي انهن مثالن کان سواءِ مؤنث جا ڦيرا پڻ ڌار موجود آهن.

اهڙيءَ ريت هر ضمير لاءِ جدا جدا ڦيرا ٿين ٿا. فاعل لاءِ به ضميري پڇاڙي آهي تہ مفعول لاءِ بہ آهي. مثال طور: ڇيومانس= مون هن کي ڇيو. (مون لاءِ "م" هن لاءِ "س" جو استعمال ٿيو آهي) اهي ضميري پڇاڙيون حرفن سان بہ لڳن ٿيون. حرف جر جا مثال آهن:

<u>حرف جر سان ضمير غائب جون پڇاڙيون</u>

| | |
|---|---|
| کيس= هن کي | کانئس= هن کان |
| کين = هنن کي | کانئن = هنن کان |
| وٽس = هن وٽ | وٽانس = هن وٽان |
| وٽن = هنن وٽ | وٽانئن = هنن وٽان |

ڪٿيڪن استثنيٰ هڪ ٻي صورت بہ ان جي ڏني آهي:

وٽانئنن = هنن وٽان

| | |
|---|---|
| ساڻس = هن سان | ساڻن = هنن سان |

<u>ضمير متڪلم جون پڇاڙيون</u>

ڪانئُم = مون کان

وٽم= مون وٽ وٽانئم= مون وٽان

حرف اضافت: سندو

متڪلم حاضر غائب

سندم سندوءِ/سنڌءِ سندس ـ سندن

ان کان سواءِ 'ڏٽيس'ـ هن جو ڏٺي، "گهرس" — هن جو گهر، 'چورس'ـ هن جو چور جهڙيون بناوٽون بہ اسٽنڊڪ جي گرامر ۾ ملن ٿيون.

ڏنو وڃي تہ انهن جو صحيح استعمال ڪرائڻ لاءِ گرامر جي ڪتابن ۾ ڪي بہ مشقون ڪرايل ڪونہ آهن. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ اڪثر پڙهيل لکيل ماڻهو چوندا ۽ لکندا آهن:

- سندس جو ڪتاب (صحيح صورت: سندس ڪتاب)
- ڪيس ڪي چيم (ڪيس چيم)
- ڪانئس کان وٺي ڏي (ڪانئس وٺي ڏي)

اهڙو غلط استعمال ائين آهي، جيئن چئجي "ساحل سمنڊ جي ڪناري".

اهڙيون ساڳيون نشانيون اسمن سان بہ لڳن ٿيون، خاص ڪري رشتن ناتن سان ۽ ساڳيءَ طرح ظرفن سان بہ پڇاڙيون ڳنڍجن ٿيون:

اسمن سان:

| متڪلم | حاضر | غائب |
|---|---|---|
| پُٽم | پٽهين | پُٽس |
| سسٽم | سسٽهين | سسٽس |
| ياٽم | ياٽين | ياٽس |

ظرفن سان:

| | |
|---|---|
| منجهس | منجهن |
| مٿانس | مٿانئن وغيره |

انهن بابت گريئرسن بہ ذڪر ڪري ٿو تہ ٻيا سمورا ماهر بہ ڪن ٿا، پر اسڪولي گرامرن ۾ انهن تي ڌيان ڏنل ڪونهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو تہ:

"انهن پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت آهي، جيڪا ان کي هندستان جي ٻين ٻولين ۾ ممتاز ڪري ٿي، جيڪي اهڙين ضميري پڇاڙين کان محروم آهن."[8]

**حالتون:**(Cases)

سنڌيءَ جي جملي ۾ لفظن جي حالتن جي باري ۾ به ڪي ڳالهيون مختلف آهن. هن سلسلي ۾ هڪ حالت اپادان يا Ablative case به آهي. سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا حرف جر آهن، جيڪي سڀ ٻين ٻولين ۾ ڪونه آهن. اردو ۽ هنديءَ ۾ انهن جي جاءِ تي به حرف جر (اردوءَ ۾ 'کان' لاءِ 'سے' 'مان' لاءِ 'ميں سے' 'تان' لاءِ 'پر سے' وغيره) استعمال ڪجن ٿا.

اهڙن حرفن يعني کان، مان، تان ۽ سان جي پڇاڙيءَ ۾ آيل "آن" کي ٻين لفظن ۾ گڏي يا جوڙي اهڙي حالت ٺاهيندا آهيون. جيئن گهران، ڳوٺان، دليان، سوران، پيٽان، ڏينهان، راتيان وغيره وغيره. انهيءَ کان سواءِ ڪجهه اهڙيون ٻيون به بناوتون آهن، جيڪي پڻ خاص آهن. جيئن لفظن جي جري حالت ۾ مخصوص صورت، جتي حرف جر لڪي ٿو وڃي. ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ مثال ڏنا آهن، جيڪي شاعريءَ مان آهن:

- تو اوڏا مون ڏور ـ معنيٰ ـ توکي اوڏا، مون کان ڏور

پر ڪيترائي ٻيا مثال ملن ٿا، جيڪي عام گفتگوءَ ۾ ڪتب اچن ٿا، شاعريءَ ۾ استعمال ٿين ٿا يا پهاڪن طور استعمال ٿين ٿا. مثلاً:

سڏين سيڻ نه هون، نينهن نياپي نه ٿئي

هن ۾ "سڏين" = سڏ سان

هٿين گل ميندي، پيرين گل ميندي

"هٿين" = هٿن تي ۽ "پيرين" = پيرن تي.

عام جملو آهي تہ:

"هٿين پيرين سڃو هوندي به پيو پني"

هوءَ مائٽين وئي آهي يا هو ساهرين ويو آهي

هو پيرين پنڌ سچو شهر گھمي آيو آهي.

انهن سيني مثالن ۾ 'اين' پڇاڙي ڪنهن حرف جر لاءِ آهي. انهيءَ پهلوءَ کي بہ گرامر جي ڪتابن ۾ اجاگر نہ ڪيو ويو آهي.

ان کان پوءِ اچون ٿا فعلن ڏانهن. انهن جا ڦيرا ڏاڍا منجهائيندڙ آهن. جيئن انگريزيءَ ۾ هڪڙا Regular verbs (باقاعده فعل) ۽ ٻيا Irregular verbs (بيقاعده فعل) ٿيندا آهن تہ انهن جي سمجهاڻي بہ ڏني ويندي آهي تہ ماضي ناهڻ لاءِ ڪٿي ed– ڪٿي صرف d– ملائبو تہ ڪٿي غير رواجي تبديلي ڪري ڪردنت Participle ناهبو. وري write_wrote_written جهڙين صورتن ۾ ڪٿي هٿيل ڳالهيون (exceptions) آهن.

اسان وٽ مختلف فعلن جا ڪردنت (Participles) ناهڻ مهل محض رٽي يا يادگيريءَ تي ڀاڙيو وڃي ٿو. ڪي اصول طئي ڪري لساني يا صوتي (phonetic) سبب جاڻائي لفظن جي جوڙجڪ نٿي سمجهائي وڃي. سر جارج گريئرسن اهڙن فعلن جون ڏار ڏار فهرستون ڏنيون هيون ۽ ڪٿي سمجهاڻيون بہ ڏنيون هيون تہ ڪهڙن ڌاتوءَ جي پڇاڙين (root endings) کي ڪيئن ڦيرائبو.

هو لکي ٿو تہ جن ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ 'ڻ' هجي، انهن جو اسم مفعول ناهڻ مهل اها 'ڻ' ڪڍي ڇڏبي آهي ۽ 'او' ملائبو آهي يا 'يو'.

مثال طور:

| | |
|---|---|
| سُڻ | سئو |
| هڻ | هنيو |
| ڪڻ | ڪنيو |
| وڪڻ | وڪيو |

پر جن ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت هجي تہ انهن ۾ 'تو' ملائبو آهي. جيئن:

| | |
|---|---|
| پي | پيتو |
| لاءِ | لاتو |
| پُوءِ | پُوتو |

جن ڌاتن جي آخر ۾ 'چ' ۽ 'پ' هجن ته آخري حرف ڪيرائي، ان ۾ 'تو' ملائيندا آهن:

| | |
|---|---|
| پرچ | پرتو |
| رچ | رتو |
| ڪُپ | ڪُتو |
| ڪَپ | ڪَتو[9] |

هاڻي جيڪڏهن اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ سمجهاڻيون ڪونه هونديون ته مادري توڙي غيرمادري ٻوليءَ طور سنڌيءَ جي سکيا ۾ ايتري ڪاميابي ڪانه ملندي، ڇاڪاڻ ته اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي ۽ ٻار مُنجهي ٿا پون.

مثلاً هڪ قسم جي مصدرن مان ٺهندڙ ڪردنت بنهه مختلف بناوتون ڏيکارين ٿا:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ڀَڄڻ | مان | ڀڳو | |
| | ڀُڄڻ | مان | ڀُڳو | |
| ته وري | ڀِڄڻ | مان | ڀِنو | |
| يا | ڪَڄڻ | مان | ڪنيو | |
| ۽ ساڳيءَ طرح | ڇڄڻ | مان | ڇنو | |
| | نيئڻ | مان | نيئو | |
| ته پوءِ | پيئڻ | مان | پيتو | ۽ |
| وري | ڏيڻ | مان | ڏنو | ڇو؟ |
| | پچڻ | مان | پڪو | |
| | نچڻ | مان | نچيو | |
| | رچڻ | مان | رتو | |
| ته وري | اچڻ | مان | آيو | آخر سيئي مختلف ڇو؟ |
| | ڍاپڻ | مان | ڍائو يا ڍاپيو | |
| | | | نهن ته | |
| | ڌائڻ | مان | ڌاتو | ڇو ٿو نهي؟ |

اهي ۽ اهڙا ڪيترائي سوال آهن، جن جي ڪاڻ ڪا سمجهاڻي گرامر جي ڪتابن ۾ ڏيڻ ضروري آهي. پوءِ اها صوتيات (phonetics) جي حوالي سان هجي يا ڪنهن ٻئي سبب، غير مادري زبان وارن کي ٻولي پڙهائڻ سيکارڻ ۾ آساني ٿيندي. سنڌ جي ڏاهن ۽ لسانيات جي ماهرن کي عرض ڪنديس تہ سنڌيءَ ۾ نئين سر گرامر جوڙڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن تي ٻڌل ڪاميٽي جوڙي اهو ڪم ڪجي. ان لاءِ اٿارٽيءَ پاران انهن ڪان سهڪار جي گهُر ڪريان ٿي. اچو تہ ان قسم جي مسئلن تي سوچي سنڌيءَ جو ڪو معياري گرامر جوڙيون.

**مددي ڪتاب:**


1. جويو محمد ابراهيم: "شاهہ لطيف. بحيثيت مفڪر": سهيڙيندڙ آفتاب ابڙو سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1993ع، ص 91.
2. جتوئي علي نواز "علم اللسان ۽ سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو 1996ع ص 16.
3. Shakeel Amina, An approach to the Study of Linguistics and Phonetics, with Glossary, Golden Publication, Hyderabad, 2002.
4. Ernest Trumpp, Grammar of the Sindhi Language, (Preface) Biblio Verlag, Osnabruck_ 1970, west Germany (reprint of the edition of 1872) pp.8.
5. Ibid, Introduction, pp_III.
6. Tritton, A.S, Teach yourself Arabic, Hodder and Stoughton, David Mackay Co, USA, pp.30.
7. ساڳيو_ ص 38.
8. Ernest Trumpp, Grammar of the Sindhi Language, Biblio Verlg, Osnabruck_ 1970, West Germany (Reprint of the Edition of 1872) pp.38.
9. گريئرسن، جي اي، "برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، (ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 2000ع، ص 123 کان 127.

# ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو سنڌي ٻوليءَ جو گرامر- هڪ جائزو

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سن 1847ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم گرامر لکي پورو ڪيو جيڪو سنڌس بيماريءَ ۽ ڪن ٻين سببن ڪري ٽي سال پوءِ شايع ٿيو. اهو هو A Grammar of the Sindhi Language. ڪانئس اڳ هڪ گرامر مسٽر واٿن پڻ جوڙيو هو. ڪئپٽن اسٽئڪ جي گرامر مان اسان سنڌ وارن لاءِ لاڀ پرائڻ ان ڪري ممڪن ڪو نه هو جو ان ۾ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئي، پر هاڻ ان کي عربي- سنڌي لپيءَ ۾ اٽلانٽي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ٻاران سال 2011ع ۾ ڇپرايو ويو آهي، ان ڪري ان جي باري ۾ ڪا راءِ جوڙي سگهجي ٿي.

هن گرامر جي تياريءَ ۾ اسٽئڪ کي جيڪي ڏکيائيون پيش آيون هونديون، انهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي، پر جيڪو رويو سنڌي ماڻهن جو ان ڏس ۾ رهيو ان جو اندازو سنڌس بيان مان لڳائي سگهجي ٿو:

"مون کي ڪو به اهڙو اصلوڪو سنڌي ڪو نه مليو جنهن کي منهنجي سمجهائڻ ڪان اڳ پنهنجي ٻوليءَ جي گرامر جي ڪا ٿوري به ڄاڻ هجي. ان جي ابياس کي هنن هميشه ناپسند ٿي ڪيو خاص ڪري اهي جن کي پڙهيل هئڻ جي دعوي هئي. پڙهيل لکيل مسلمانن عربي ۽ فارسي ٿي پڙهي ۽ هندن فارسي يا پنجابي ۽ هندي جيڪا ٻولي هنن ماءُ جي ٿڃ تي سکي هئي ان کي مسخرن لاءِ فٽ/ مناسب ٿي سمجهياٿون، پر مون کي پڪ آهي ته لساني ماهرن لاءِ سنڌي ٻين هندستاني ٻولين جي ڀيٽ ۾ تمام سٺو مطالعو ثابت ٿيندي. ضميرن جي متبادل طور لفظن سان پڇاڙيون جوڙڻ ۽ مجهول جي صيغي سان غير خالص ضميرن جو استعمال، ۽

ورجاءُ وارا بالواسطہ فعل ۽ ٻيا نڪتا جيئن جيئن معلوم ٿيندا ويندا تيئن سڪندڙن کي هن ٻوليءَ جي ٻين هندستاني ٻولين کان وڌيڪ خوبصورتين (beauties) جو اندازو ٿيندو."

هن گرامر تي جيتري محنت ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ڪئي آهي، اها جس لائق آهي ۽ جيڪو رويو سنڌي ماڻهن جو رهيو آهي، اهو اڄ تائين ساڳيو ئي آهي، سچ تہ ان ۾ ڪو گهڻو فرق ڪو نہ آيو آهي. وري جڏهن 1872ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجو گرامر جوڙيو (جيڪو پڻ اثارٽيءَ پاران 2011ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چڪو آهي) تہ هن جي اڳيان سنڌيءَ جون مخصوص بناوٽون ۽ خوبيون خاصيتون هيون، جن جي هن تعريف ڪئي ۽ گرامر جي اندر انهن تي چڱي روشني وڌي ۽ جيئن تہ هو ان کان اڳ جرمنيءَ مان "شاهہ جو رسالو" ڇپرائي چڪو هو ۽ ان جو چڱيءَ ريت مطالعو ڪيو هئائين، ان ڪري مثالن لاءِ رسالي مان بہ مدد ورتائين. هن جي اڳيان مسٽر واٽن ۽ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جا گرامر هئا، پر سندس خيال هو تہ اهي ٻئي گرامر ڪن ڳالهين ۾ ڪٽل هئا. هن لکيو تہ:

"مرحوم ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو ويا ڪرڻ جيتوڻيڪ هڪ قابل ستائش ۽ قابل تحسين ڪم آهي پر (مسٽر واٽن جي سنڌي ويا ڪرڻ وانگر) ناممڪن ۽ علم نحو ۾ ڪٽل آهي، آءُ اميد ٿو ڪريان تہ جيڪي ڳالهيون مٿي ڄاڻايل صاحب جي بي وقت رحلت جي ڪري رهجي ويون هيون، اهي هن ايڊيشن ۾ بهتر انداز ۾ اچڻ سان اڳيون خاميون وساري سگهبيون."

بهرحال هنن يورپي عالمن سنڌي گرامر بابت بنهہ بنيادي ڪم ڪيو ۽ جيئن تہ هو ٻين هندستاني ٻولين تي ٿيل ڪم کان واقف هئا ۽ انهن ٻولين جو ابياس ڪري چڪا هئا، ان ڪري هنن کي سنڌيءَ کي انهن سان ڀيٽڻ جو سٺو موقعو مليو ۽ هنن سنڌيءَ جون نراليون خوبيون ۽ خاصيتون ڳولي ڌار ڪيون ۽ انهن تي تفصيل سان لکيو پر ڄاڪاڻ جو سندن اڳيان

معيار طور انگريزيءَ جا گرامر هٿا ان ڪري هو ان ۾ اهي معيار ٻـ ڳوليندا رهيا.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو گرامر لکڻ جو مقصد بہ جيئن تہ يورپين عملدارن کي سنڌيءَ سان مانوس ڪرڻ هو ان ڪري هن سنڌي گرامر ۾ اشتقاقن کي انگريزي گرامر سان ڀيٽي انهيءَ معيار تي سنڌيءَ کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نہ صرف ڳالهائڻ جي جزن (Parts of Speech) جي ورهاست انهيءَ ترتيب سان ڪئي بلڪ مختلف ڦيرن ۽ لفظن جي پاڻ ۾ تعلق کي بہ اهڙيءَ ريت ظاهر ڪيو جيئن يورپي ماڻهن کي هڪجهڙائي محسوس ٿئي. لکي ٿو:

> As my object is to explain Sindhi etymology in the manner most likely to be easy and to appear familiar to Europeans, rather than language itself, I shall consider Speech as divided into the same parts as in English, and shall adopt a like arrangement, as far as practicable, in treating of the different inflections and relations of the words (p_16)

پر ڏٺو وڃي تہ انهيءَ ڀيٽ ۾ انگريزي گرامر سان سنڌيءَ جي جوڙجڪ ۾ نظر ايندڙ هڪجهڙايون سامهون رکيون ويون پر سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون بنيادي، منفرد ۽ مختلف خوبيون ڪٿي نہ ڪٿي ڪر ڪڍي بيهي ٿي رهيون ۽ ڪيپٽن اسٽئڪ کي اعتراف تي ڪرڻو پيو تہ ان پهلوءَ کي خصوصي طور ڌار ڄاڻائڻو پوندو. گرامر جي اندر مختلف نڪتن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هن پئرا نمبر ڏنا آهن. پئرا نمبر 16 ۾ لکي ٿو:

> In the Sindhi Language, nouns have but two genders and two numbers. They possess nine distinct methods of inflection, and these inflections admit of six cases, as in Latin. A seventh is however added, that of the Agent, which from its exclusive form and manner of use, requires a separate classification

سؤلن لفظن ۾ هيئن چئي ٿو تہ سنڌيءَ جا ڇهن حالتن ۾ ڦيرا (گردان) لاتين ٻوليءَ سان ٺهڪي ٿا اچن، پر هڪ واڌو يا ستون ڦيرو آهي، متعدي مجهول جي فاعلي حالت (Agent case) جو جيڪو پنهنجي استعمال جي خاص رنگ ۽ ڍنگ سبب جدا ورهاست گهري ٿو. عام ٻوليءَ مان انهيءَ جو مثال سندس ڪنهن منشيءَ يا ٻئي ڪنهن سنڌيءَ تہ ڪيس ڪو نہ ڏنو پر هڪ پهاڪو لکيو اٿس، سو هي آهي:

> Agent case is used only with the past tenses of active verbs, to express the actor or agent, thus :
> "ڪڇ کاڌو جوڳين، سنڌ کاڌي ٺوڳين"
> Chutch has been eaten up by dervotees, Sindh by imposters (p_22)

هن جملي (پهاڪي) ۾ بظاهر ائين ٿو لڳي تہ "ڪڇ" ۽ "سنڌ" فاعل آهن، جڏهن تہ اهي ٻئي مفعول آهن ۽ فاعل "جوڳين ۽ "ٺوڳين" آهن، جن جي فاعلي حالت ۾ بناوت اسٽئڪ کي يورپي ٻولين (لاتين) کان مختلف ۽ نرالي لڳي. بعد ۾ اسان جي گرامر نويسن ان بابت گهٽو ڪو نہ سمجهايو آهي.

> The plural oblique of substantives is often contracted by using اين , instead of the regular terminations, the adjective, where such is used taking also a like form, thus : "ٿلهين وڻين سان" (with thick trees) and "ستين گهوڙيين کي" (to seven mares) "گهڻيين ماڻهنين کي" (To many men) (p22)"گريبن چوڪرين کي" (To poor boys) (p28)

اهڙا جملا معياري سنڌيءَ ۾ "ٿلهن وڻن سان" "ستن گهوڙين کي"، "گهڻن ماڻهن کي" ۽ "غريب ڇوڪرن کي" ٿيندا آهن. اهڙيون بناوتون اسان کي سنڌي شاعرن مان شاهہ عنات ۽ شاهہ لطيف وٽ ملن ٿيون.

شاهہ لطيف جون سٽون آهن:

<u>ڪنين</u> <u>ڪنين</u> <u>ماڻهئين</u> گوندر وڌي وٽ

هٿين پيرين ارڪٽين مُور نہ مُهاٺي

سڪين ٿيءُ مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر

هلو هلون ڪورئين نازڪ جن جو نينهن

شاهہ عنات رضويءَ وٽ بہ اهڙي بناوٽ آهي:

مشڪ محبت پاڙ ۾ لڳين لاتائون

اسم ۽ صفت جون اهي صورتون سنڌي ٻوليءَ ۾ عام نظر اچن ٿيون.

ڇا اڄ جي ڪنهن گرامر ۾ سنڌيءَ جي اهڙي بناوٽ بابت ڪنهن ذڪر ڪيو آهي! يا ان جي معرفت ڪنهن سنڌيءَ جي قدامت يا تاريخي ارتقا بابت ڪو اپياس ڪيو هجي. سنڌيءَ جون اهي بناوٽون ان جون خاص خوبيون آهن جيڪي ڪيس ٻين هندستاني ٻولين کان ممتاز ڪن ٿيون ۽ پراڪرت يا سنسڪرت کان نرالو بيهارين ٿيون.

ڪيپٽن اسٽئڪ سنڌي انگن جي بيان ۾ ڪي اهڙيو بناوٽون لکيون آهن جيڪي سچ تہ اسان ڪڏهن ٻڌيون بہ ڪو نہ. الائجي ڪڏهن ۽ ڪهڙي دور ۾ اهي سنڌيءَ مان غائب ٿي ويون. انهن جي مدد سان بہ ڪيترا ئي ڦورا ڦولي سگهجن ٿا. انهن مان ڪي عدد هتي لکجن ٿا.

| | | |
|---|---|---|
| ايڪو سؤ- | ايڪو تر سؤ= | هڪ سؤ هڪ |
| ٻڙو سؤ- | ٻروتر سؤ= | هڪ سؤ ۽ ٻہ |
| ٽڙو سؤ- | ٽروترسؤ= | هڪ سؤ ۽ ٽي |

ائين سوَن ۽ ڏهاڪن جي لاءِ بہ ڪيترائي لفظ ڏسجن ٿا. وري جيڪڏهن سؤن جو انگ بہ جمع ۾ هجي تہ بناوٽ مختلف ٿئي ٿي "ايڪو"، "ٻڙو" وغيره "ايڪا"، "ٻڙا" ٿيو وڃي، مثلاً:

ايڪا پنج سا= پنج سؤ هڪ

اسٽئڪ لکي ٿو:

The lesser numbers prefixed as above in the first series, are considered as adjectives and agree with the nouns following them, when, therefore, more than one hundred is spoken of, the 'او' of 'ايڪو', 'ٻڙو' etc, takes the plural form of 'آ' as ايڪا پنج سا (five hundred and one) or one exceeding five hundred.

هاڻي جڏهن هن گرامر جا مثال عربي سنڌي لپيءَ ۾ الٿو ڪيا ويا آهن تہ مون کي اميد آهي تہ انهن قديم بناوتن بابت کوجنا ڪئي ويندي.

ضمير مشترڪ جي بيان ۾ هو لفظ "پاڻ" کان سواءِ هڪ ٻيو لفظ بہ ڄاڻائي ٿو سو آهي "ڏُر" (in person) جنهن جي معنيٰ کي هيئن ٿو واضح ڪري:

"ڏُر حيدرآباد کان آيو" جي معنيٰ he has come form Hyderabad itself, ie, not from the precints of it merely."

جملي مان لڳي ٿو تہ هتي "ڏر" مشترڪ ضمير شهر حيدرآباد لاءِ ڪم آيو آهي. اها بناوت بہ هن وقت سنڌيءَ مان غائب آهي ۽ نہ ئي ڪنهن گرامر ۾ نظر اچي ٿي.

'پاڻ'، 'پنهنجو' ۽ 'پاڻهنجو' جي سمجهاڻيءَ لاءِ فٽ نوٽ ۾ لکي ٿو:

"پاڻ after the manner of the Persian خود and Hindustani آپ, refers the agent of the principal verb in the sentence, of whatever person it may be, for the repetition of which, it would be incorrect to employ any of the personal pronouns, as آن پنهنجي گهر ٿو وڃان (I am going to my house) هو پنهنجي گهر ٿو وڃي (He goes to his home), تون وڃ پنهنجي گهر (go you to your house), or where no agent is immediately expressed, it points at individuality or exclusiveness, in contradiction to what is foreign on an other's, (47 footnote)

هتي هو اهو چوڻ ٿو چاهي تہ "آءٌ منهنجو"، "تون تنهنجو" ۽ "هو هن جو" يا "اسان اسان جو" چوڻ بدران هر هڪ جملي ۾ خالص ضمير سان

ضمير مشترڪ (Reflective) "پنهنجو" استعمال ڪرڻ جو رواج آهي، جيڪو ورجاءُ کان بچڻ لاءِ ڪيو ٿو وڃي. اسٽئڪ ان کانپوءِ ضمير متصل يا ضميري پڇاڙين جو سڄو نظام ڦيرن سان سمجهايو آهي ان ۾ به ڪي دلچسپ بناوتون ڏسڻ ۾ ٿيون اچن، جيڪي هاڻي گهٽ ٻڌڻ ۾ ٿيون اچن. مثلاً :

"شي ڇو وڃي؟ جيئن ڌڻيس، مرن چورَس"

Why should the thing be lost? May its owners live and the stealers of it die.

For "هن جا ڌڻي" and "هن جا چور" (p49)

هاڻي ڇا اسين ڪنهن گرامر ۾ اهڙيون بناوتون ڏسون ٿا؟ اهڙو هڪ ٻيو جملو ڏيندي لکي ٿو:

Thy father told me to go to his house, and call him.

"پڻهي مون کي چيئو ته گهرس وڃي ڪوٺي اچجانس"

"هن جي گهر" and "تنهنجي پيءُ" For

اسان وٽ "پڻس" "ماڻس" "ڀاڻس"، "ساڻس"، "ڪانئس" وغيره ته استعمال ٿيندا آهن پر "ڌڻيس"، "چورس" يا "گهرس" جهڙيون بناوٽون بلڪل استعمال ۾ ڪو نه آهن (مون پنهنجي گهر جي بزرگ خواتين کان "ڌڻيس" هن جي "مڙس ۽ مالڪ" جي معنيٰ ۾ يا، 'جيئنِس وارث' ٻڌو آهي، پر "چورس" ۽ "گهرس" ڪڏهن ڪو نه ٻڌا آهن.)

اهڙيون ٻيون بناوتون مڪمل گردانن يا ڦيرن سان هي ڏنيون اٿس:

ٻيلي – ٻيليم، ٻليئهُ، ٻيليئي ٻيليئن (۽ مونث پڻ)،

پورهيت– پورهيتم، پورهيتيئهُ، پورهيتيس، پورهيتيق پورهيتِن (مونث پڻ)

گُرُو– گروم، گروءِ، گُروسِ، گروق گُرون وغيره (ص50)

انهن لفظن جو بدليل صورتون به ڏي ٿو "پورهيتنئين"، "ٻيليهِن وغيره. اهي سموريون صورتون سنڌي ٻوليءَ جون آڳاٽيون اصولڪيون خوبيون ۽ خاصيتون چئي سگهجن ٿيون.

حرف جر ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال عام طرح سان هن طرح ڏسون ٿا:

کان۔ کانئس هن کان (واحد) کانئن (جمع)

سندو۔ سندس (واحد) سندن (جمع)

پر ڪيپٽن اسٽئڪ انهن جو استعمال جمع جي لاءِ هيئن به ڏيکاريو آهي:

کان۔ کانئس، کانئن يا کانئنن

سندو۔ سندس، سندن يا سندنس (ص 63)

ڇا "کانئنن" ۽ "سندنِس" جون بناوتون هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ ڳالهائبيون آهن؟

صفتن مان نهيل ظرفن جي بيان ۾ هڪ لفظ "ڏيرو" "ڏيمو" gentle واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي (شايد ڏيرج مان نڪتل) هڪ ظرف "سوڏان" ڏنو ويو آهي جيڪو هاڻي "سوڏو" استعمال ٿو ٿئي. "اڄ سوڏان" (until) (معنيٰ اڄ سوڏو) ڇاڻي واڻي سان گڏ "ڇاڻي ويٺي" به ڏي ٿو. هڪ اڻ ٻڌل لفظ چرڪي" بمعنيٰ 'دير سان' پڻ ڏنو اٿس.

"هيءَ جال چرڪي آئي" (This women came late) (ص 96)

"هنڏ مان هنڏائتو وانگر "جس" مان "جسائتو" به نهيل آهي. ان کانسواءِ کڏهاڪُر، راتا ڪُر. ۽ ٻيون ڪيتريون بناوتون هاڻي مختلف نموني ٿيون اچارجن.

هن کان اڳ ۾ جيتوڻيڪ اسٽئڪ ۽ ترمپ جي گرامرن بابت مختلف ڪتابن ۽ مقالن ۾ گهڻو ڪجهه پڙهندا رهيا آهيون پر هن وقت جڏهن اهي ٻئي ڪتاب اثارٽيءَ پاران ترجمو ۽ الٿو ٿي سامهون آيا آهن(ڪجهه سال اڳ سر جارج گريئرسن جو "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" پڻ ترجمو ڪرائي ڇپايو ويو هو) ته اهي باقاعدي پڙهڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو آهي ۽ آءٌ ٻانيان ٿي ته ڊاڪٽر غلام علي الانا جي اها ڳالهه سو في سيڪڙو صحيح آهي ته پوءِ جا سمورا گرامر هنن يورپي عالمن جي ڪتابن

تان ورتل آهن، جن ۾ هندو صاحبن وياڪرڻي اصطلاح هنديءَ (سنسڪرت) مان اڌارا ورتا ۽ مسلمان صاحبن عربي صرف نحو جا اصطلاح کنيا. صرف ٿورو اهو فرق محسوس ٿئي ٿو ته هنن يورپي عالمن انگريزي گرامر جي جوڙجڪ جي معيار تي سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ کي ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، هندو صاحبن ساڳيو عمل سنسڪرت سان ڪيو ۽ مسلمان صاحبن عربي فارسي حرف نحو کي معيار بڻايو. سنڌيءَ جي جن بنيادي خاصيتن ۽ خصوصيتن ڏانهن اسٽئڪ ۽ ٽرمپ اشارا ڪيا انهن کي ڪنهن به اجاگر نه ڪيو نمايان نه ڪيو. هاڻي ڏسجي ته اهو ڪم ڪير ٿو ڪري!

# بيهڪ جون نشانيون

(Punctuation Marks)

اسان جي ڳالهائڻ مهل اکرن، سادن يا مرڪب ۽ پيچيده لفظن، لفظن جي جوڙن، ڱُتڪن، جملن وغيره جي وچ ۾ جيڪي وٿيون، وقفا، ساهيون، زوراڻتا يا هلڪا تاثر، لاهيون چاڙهيون ۽ سواليہ، تمنائي يا عجب جا جذبا ظاهر ٿيندا آهن، تحرير يا لکت ۾ انهن کي ڪيئن ظاهر ڪجي، جو اظهار بنا فرق جي پڙهندڙ تائين مڪمل طور منتقل ٿي سگهي؟ معنيٰ ۽ مفهوم، چٽائيءَ ۽ وضاحت سان پڙهندڙ تائين پهچائڻ لاءِ جيئن ڪنڌ جي ڏوڻ، پرونءَ جو ڪجڻ، نڪ کي موڙو ڏيڻ، هٿن جا اشارا ۽ ٻيون اهڙيون شيون مددگار ٿينديون آهن، تيئن تحرير ۾ پڻ ڪي نشانيون هونديون آهن، جيڪي ڳالهه جي تاثر کي پڙهندڙ جي ذهن تائين جيئن جو تيئن پهچائڻ جو ڪم ڪنديون آهن۔ اهي ڪهڙيون نشانيون آهن، يا اهي ڪهڙا ذريعا طريقا ۽ اهڃاڻ آهن، جيڪي لکندڙ کان پڙهندڙ تائين خيال يا ڪنهن تاثر کي جيئن جو تيئن پهچائڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا؟ اهي پڪ سان بيهڪ جي نشانين جي صورت ۾ ڪي بنيادي علامتون آهن، جن کي ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ تمام ضروري آهي. انگريزيءَ ۾ انهن کي "basic tools of good writing" (سٺي تحرير جا بنيادي ذريعا) سڏيو ويندو آهي.

> Proper punctuation lends a precision to your writing, gives it clarity, conveys to your reader exactly the meaning you intend.

انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪُل ٽيهہ (30) اهڙيون نشانيون آهن، جن مان ڀارنهن جي اهميت کي وڌيڪ مڃيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ جيتوڻيڪ انهن کان گهٽ نشانيون ڪتب اچن ٿيون، تہ بہ انهن مان ڪن جي سمجهاڻي انهيءَ لاءِ پڻ ضروري آهي، جو ترجمي ڪرڻ مهل انهن جو سمجهڻ ضروري

ٿيو ٻوئي

"بيهڪ" جو بيهڻ (Pause) ۽ بيهڪ يا بناوت (Construction) ٻنهي سان واسطو آهن، جنهن سان تحرير خوبصورت ٿئي ٿي.

مقصد 1_ گفتگو يا تحرير ۾ بيهڻ. 2_ گفتگو کي صاف ڪري بيهارڻ.

عام طور تي ماڻهن کي "بيهڪ جي نشانين" جي باري ۾ ڄاڻ ته هوندي آهي، پر انهن کي صحيح جاءِ ۽ صحيح موقعي تي استعمال ڪرڻ جي خبر ڪانه هوندي آهي. ڪڏهن ته ضرورت هوندي به استعمال ڪونه ڪندا، ته ڪڏهن وري هرويرو به، بنا ضرورت جي پيا انهن کي وچ ۾ هڻندا! بيهڪ جي نشانين جو گهٽ يا وري اجايو استعمال به لکڻيءَ کي برباد ڪري سگهي ٿو.

Punctuations are signposts that guide your reader through the sentence you have built.

معنيٰ بيهڪ جون نشانيون رهنمائي ڪندڙ اهڃاڻ آهن، جيڪي توهان جي ٺاهيل جملي جي مفهوم کي توهان جي پڙهندڙ تائين پهچائين ٿا. انهن جا ٽي قسم آهن:

**1. ابتدائي:**

| | | |
|---|---|---|
| ٿورو دم | ، | Comma |
| اڌ دم | ؛ | Semi colon |
| دم | : | Period or Full Stop |
| سوال جي نشاني | ؟ | Question Mark |
| عجب جي نشاني | ! | Exclamation Mark |

**2. ثانوي:**

| | | |
|---|---|---|
| ليڪ | _ | Dash |

| | | |
|---|---|---|
| ڳنڍيندڙ ليڪ | _ | Hyphen |
| ڏنگيون | () | Brackets |
| سواليہ نشاني | ؟ | Question Mark |
| عجب جي نشاني | ! | Exclamation Mark |
| (ايڪوٽيون) واڪ جون شانيون | ' ' | Single inverted commas |
| ٻٽيون واڪ جون نشانيون | " " | Double inverted commas |

**3. ٻٽيون يا مرڪب:**

| | | |
|---|---|---|
| ٻڙي ٻڙي ٻڙي | .... | Hiatus |
| ٻہ ٻڙيون ليڪ | :_ | Pointers |
| ڏنگين ۾ سوال جي نشاني | (؟) | Bracketed Question Mark |
| ڏنگين ۾ عجب جي نشاني | (!) | Bracketed sign of Exclamation |

هتي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ عام نشانين کان سواءِ انگريزيءَ جون ڪي اهم نشانيون پڻ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي:

**مثال طور:** Apostrophy_ اپاسترافي ('): انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ مهل اُن جي ڄاڻ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

انگريزيءَ ۾ اها نشاني اضافت ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندي آهي، مثال طور: Boy's_ يعني هڪ ڇوڪري جو_ هتي اپاسترافي واءِ (y) کان پوءِ ۽ "ايس" (s) کان پهرين ڏبي، پر جي اهو هجي "ڇوڪرن جو" تہ پوءِ اها نشاني (s) کان پوءِ ڏبي. جيئن Boys' — اهو تہ ٿيو اسم لاءِ اصول، ضميرن سان اضافت لاءِ اها نشاني نہ لڳائڻ گهرجي ۽ its, yours, ours, theirs وغيره ۾

اها نشاني ڪانه لڳندي آهي، البت هڪ لفظ منجهائيندڙ به ٿي سگهي ٿو سو آهي its جيڪو it's جي صورت ۾ به لکبو آهي، ڇوته اهو دراصل it is جي ننڍي ڪيل صورت آهي، اضافت واري صورت ناهي، ڇوته اپياسترافي ڪنهن اکر کي حذف ڪري ان جي جاءِ تي به هٽبي آهي. مثال طور do not کي can not & don't کي can't وغيره لکڻ مهل، يا سن 1960ع کي صرف 60' لکبو ته 19 جي جاءِ تي اپياسترافي ڏئي ڇڏبي، مفرد اکرن يا انگن کي جمع بنائڻ مهل به اها نشاني ڏبي آهي، مثال طور: appropriate ۾ ٽي p's آهن. ڪڏهن ڪنهن لفظ جو وڌيڪ تعداد ٻڌائڻ مهل به اها نشاني گهرجندي آهي. مثال طور جملي ۾ گهڻا but's نه وجهڻ گهرجن. Abbreviations يا سسايل لفظن جي جمع ۾ اظهار وقت به انهيءَ کي استعمال ڪبو آهي V.I.P.'s يا M.A.'s وغيره.

**ٿورو دم يا ڪاما ـ،:**

انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاما (comma) يا "ٿورو دم"، جنهن کي "ساهي" به چيو ويندو آهي، شايد ٻين سڀني نشانين کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ نشاني آهي، ان ڪري سڀني کان وڌيڪ غلط استعمال به ان جو ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪاما (،) جي استعمال سان ڪجهه جملا هيٺ ڏجن ٿا:

- ڏيءُ نه پٽ: ڏيءَ، نه پٽ/ ڏيءُ نه، پٽ.
- هينئر نه پوءِ: هينئر، نه پوءِ/ هينئر نه، پوءِ.
- اڄ نه سيان: اڄ، نه سيان/ اڄ نه، سيان.

ڏسو ته ڪاما جي جاءِ بدلائڻ سان مفهوم بنهه اُبتو ٿيو وڃي.

جڏهن ڪنهن جملي ۾ ڏنل ڪنهن لفظ يا نالي وغيره جي وضاحت ٿيل هجي، يا وڌيڪ معلومات ڏنل هجي ته ڪاما يا ٿورو دم ڏبو آهي. مثال طور:

- اسڪول جو پرنسپال، مسٽر احمد، ڏاڍو سخت ماڻهو آهي.

هتي بنيادي جملو آهي: "اسڪول جو پرنسپال ڏاڍو سخت ماڻهو آهي"، پر ان ۾ اضافي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ نالو بہ وڌو ويو آهي، ان ڪري ان نالي کي جملي ۾ ٻن ڪامائن سان ڌار ڪري بيهاريو.

ڪنهن شهر ۽ ملڪ جو نالو جملي ۾ گڏ اچي تہ انهن کي بہ ڌار ڪرڻ لاءِ ڪاما جو استعمال ڪبو آهي.

- هيءَ مال جڪارتا، انڊونيشا، مان آيو آهي.

جڏهن ڪنهن جملي ۾ هڪ جهڙا لفظ يا لفظن جا جوڙا هڪ ٻئي پٺيان هجن، تہ انهن کي ڪاما سان ڌار ڪري، آخري لفظ کان پهرين "۽" (يا ڪنهن ٻئي حرف جملي واري لفظ) جو استعمال ڪبو آهي.

اسمن جو مثال:

- ذالون، مرد، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سڀ هوشيار آهن.

صفتن جو مثال:

- هو ايماندار، محنتي، سياڻو ۽ لائق ڇوڪرو آهي.

اسم مصدر جو مثال:

- هن کي رڌڻ، پچائڻ، سبڻ ۽ پرڻ جا ڪم ايندا آهن.

ماضي معطوفيءَ جو مثال:

- آءٌ ماني کائي، ننڊ ڪري ۽ نوينو ٿي پوءِ ٻاهر نڪتس.

شرطيہ جملي يا جملي ۾ هڪ ٻئي تي مدار رکندڙ حصن جي وچ ۾ ڪاما وجهبي آهي، مثال طور:

- جي تون ايندين، آءٌ ملندس،
- جيڪو تو ڪيو سو اڳيان آيئي،
- جيڪي مون ڏٺو سو بيان ڪيم،
- جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي.
- هو ٻاڻ ۾ وڙهيا، ان ڪري ناراض آهن.

اهڙيءَ طرح لفظن جا جوڙا ڌار ڪرڻ لاءِ بہ ساڳيو اصول آهي.

صبح شام، ڏينهن رات توڙي سياري اونهاري سندس ڪرت اها آهي.

جڏهن ڪنهن جملي جي ٻن حصن ۾ ساڳيا لفظ هجن، پر ڳالهائڻ مهل ورجائجن نه، ته پوءِ به ڪاما ڏبي آهي، ان بناوت کي "Ellipsis" چئبو آهي. مثال طور:

- ڇوڪرين جا ڪتاب، ڪاپيون، ڪپڙا، جوتا، ڇوڪرن کان صاف هئا.

اصل ۾ جملي جو مطلب آهي: ڇوڪرين جا ڪتاب، ڪاپيون، ڪپڙا ۽ جوتا ڇوڪرن جي ڪتابن، ڪاپين، ڪپڙن ۽ جوتن کان صاف هئا.

پر جيڪڏهن جملي ۾ حرف جملو "۽" وجهبو ته ڪاما جي ضرورت ڪانه رهندي، مثال طور:

- ڇوڪرين جا ڪتاب، ڪاپيون، ڪپڙا ۽ جوتا ڇوڪرن کان صاف هئا.

سنڌيءَ توڙي انگريزيءَ ۾ ڪي لفظ اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن محض سمجهاڻيءَ لاءِ به جملي ۾ ڳنڍيا آهن، اهڙن لفظن کي ٻئي جملي کان ڌار ڏيکارڻ لاءِ ڪاما جو استعمال ڪبو آهي.

- ملڪ جي معاشي صورتحال، منهنجي خيال ۾، ڏاڍي خراب آهي.
- تون اها خاطري رک، آءٌ توکي بهرحال، مارڻ نٿو چاهيان.

اهي ٻئي جملا ٻئي نموني به لکي سگهجن ٿا.

- منهنجي خيال ۾، ملڪ جي معاشي صورتحال ڏاڍي خراب آهي.
- بهرحال، تون اها خاطري رک ته آءٌ توکي مارڻ نٿو چاهيان.

ٿورو دم يا ڪاما جو استعمال ڪرڻ مهل اهو خيال رکڻ گهرجي ته عام صورت ۾ حرف جملو ("۽"، "يا" وغيره) ۽ ڪاما گڏ نه لکڻ گهرجن، البت

جيڪڏهن ڪنهن جملي جي پوئين حصي تي وڌيڪ زور ڏيڻو هجي، ته پوءِ ائين ڪري سگهجي ٿو. مثال:

- سياڻي ارشد، امجد ۽ توهان منهنجي گهر اچجو.
- سياڻي ارشد، امجد، ۽ توهان منهنجي گهر اچجو.

مرڪب جملي جي ٻن حصن کي ڌار ڪرڻ لاءِ به اڪثر ڪاما جو استعمال ٿيندو آهي، انهيءَ ڏس ۾ اسان جا لکندڙ هڪ غلطي عام طور ڪندا آهن سا اها ته ڪاما بدران دم ڏئي ڇڏيندا آهن. مثال طور:

- "مان مرد" جمال ابڙي جي شاهڪار ڪهاڻي آهي، جيڪا فينٽيسيءَ جي انداز ۾ لکيل آهي.

هن جملي ۾ ڳنڍيندڙ لفظ "جيڪا" آهي ان ڪري ان کان اڳ ۾ جملو ختم ڪرڻ واري نشاني يعني دم نه پر ڪاما ايندي. ساڳيءَ طرح ٻين ڳنڍيندڙ لفظن "پر"، "ته" يا "ضمير موصول" جواب موصول "جڏهن"، "تڏهن"، "جيڪو"، "سو" وغيره سان لاڳو ٿيندي. هتي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته اها ڪاما ڏيڻ سان پوئين جملي تي زور اچي ٿو. ان جي لڳائڻ کان سواءِ به جملو صحيح ڇٽبو پر ان جا ٻئي حصا برابر رهندا.

Direct Speech يا "سڌي گفتگوءَ" ۾ ڳالهايل لفظن کي بياني لفظن کان ڌار ڪرڻ مهل به ڪاما لڳندي آهي.

- هن چيو، "آءٌ ڇهين درجي ۾ پڙهندو آهيان".

**سيمي ڪولن يا اڌ دم ـ ؛ :**

اها نشاني مرڪب ۽ پيچيده جملن جي مختلف حصن کي ڌار ڪرڻ مهل ڪم ايندي آهي، خاص ڪري جڏهن ڪاما کان وڌيڪ ۽ حرف جملي کان گهٽ تعلق ڏيکارڻو هجي. مثال:

- هن جو مدو پورو ٿيو. هو چارج ڏئي هليو ويو.

مٿئين جملي جون ٻه ٻيون صورتون هي ٿي سگهن ٿيون:

- هن جو مدو پورو ٿيو هو چارج ڏئي هليو ويو.
- هن جو مدو پورو ٿيو ۽ هو چارج ڏئي هليو ويو.

هاڻي ڏسو ته پهرئين جملي جي ٻن ٻنهه ڏار ۽ مڪمل حصن کي ڪاما ذريعي ڌار ڪرڻ سان مفهوم واضح ڪونه ٿو ٿئي ۽ ٻئي جملي ۾ "۽" وجهڻ جي ڪري ڳالهه رواجي ٿي پئي، جڏهن ته اڌ دم يا سيمي ڪولن واري جملي جي ٻنهي حصن تي هڪ جيترو زور آهي.

ڪا تفصيل ڏيڻ جا ٻه طريقا آهن، هڪ ته نمبرن سان لکجي يا وري يڪي جملي ۾ لکجي. مثال طور:

- اڄڪلهه اسان جا مسئلا آهن: صحيح تعليم جو فقدان، مناسب روزگار جي اڻهوند، صحيح ماحول جي ڪمي؛ ۽ وڏي ڳالهه ته سهڪار جي کوٽ.

انهي ساڳي ڳالهه کي لکڻ جو ٻيو طريقو آهي:

- اڄڪلهه اسان جا مسئلا آهن:

1. صحيح تعليم جو فقدان
2. مناسب روزگار جو اڻهوند
3. صحيح ماحول جي ڪمي
4. سهڪار جي کوٽ

جيڪڏهن ڪو اهڙو ڊگهو جملو هجي، جنهن جا مختلف حصا ڪامائن سان ڌار ٿيل هجن، ته جتي مفهوم ۾ موڙ ۾ ٿورو ڦيرو محسوس ڪجي، اتي سيمي ڪولن ڏجي. مثال طور:

- هو ڏاڍو سياڻو آهي، تنهن ڪري سيڪو ڪم سمجهي ڪندو آهي؛ پر طبع جو تکو آهي، جنهن ڪري ڪنهن کي ڪونه وڻي.
- منهنجي خيال ۾، هو هڪ سنو ڇوڪرو آهي، ڪم جاڻي ٿو؛ اسان هن کي ملازمت ڏئي سگهون ٿا.

جڏهن ڪوبه ٻن جملن کي ڳنڍيندڙ ظرف استعمال ۾ اچي، ته انهيءَ کي اڌ دم سان ڌار ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان اڳ ۾ اهو لڳائي، پويان ٿورو دم يا ڪاما لڳائبي آهي.

اهڙا ظرف انگريزيءَ ۾ تمام گهڻا آهن. سنڌيءَ ۾ پڻ "گڏوگڏ"، "تنهنڪري"، "ساڳيءَ ريت"، "تنهن کان سواءِ"، "جيتوڻيڪ"، "اڇا"، "ائين" ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا لفظ حرف جملي وانگر استعمال ڪيا آهن. مثال:

- ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ موڪلون آهن; ساڳيءَ ريت، سنڌ جي ٻين يونيورسٽين ۾ به موڪلون آهن.
- شاگرد پڙهن ڪونه ٿا; تنهنڪري، لازمي طور فيل ٿين ٿا.

**ڪولن يا ٻه ٽٻڪا (:)**

ڪا ڳالهه ٻڌائڻي هجي، ڪو پهاڪو ڏيڻو هجي، يا ڪنهن جو چيل جملو دهرائڻو هجي، پر لفظ جيئن جا تيئن quotation نه هجن، نه اهي دهرائڻ کان پهرين ڪولن لڳندو. مثال:

- پهاڪو آهي: سچ ته بيٺو نچ.
- هن جي ڳالهه سچ نڪتي ته: جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي، ضرور منهن ڀر ڪرندو.

جڏهن ڪي تفصيل اڳتي ڏيڻا هجن ته به ڪولن لڳندو آهي، مثال طور:

- ڪراچيءَ ۾ پنج ضلعا آهن: ڏکڻ، اتر، اولهه، اوڀر ۽ سينٽرل.

ڪا فهرست ڏيڻ کان اڳ پڻ ڪولن لڳائبو.
وقت ڏيکاريندڙ انگن وچ ۾ به ڪولن ڪم آڻبو آهي. 3:30 p.m يا 4:10

**فل اسٽاپ يا پورو دم (.)**

هر قسم جي بياني جملي پوري ٿيڻ تي پورو دم (.) ڏبو آهي. لفظن جي پوري لکڻ بدران مخفف طور ابتدائي اکرن abbreviations ۾ به انهن جي وچ ۾ فل اسٽاپ لڳندو. مثال طور:

- ايم. ايچ. پنهور. جي. اي الانا. ايچ. ايم خواجه وغيره.

ڊگرين جي لکڻ ۾ به اهو استعمال ٿيندو:

- ايم. اي، بي. ايڇ بي. ايس. سي وغيره.

**واڪ جون نشانيون** (Quotation marks/Inverted Commas)

واڪ جون نشانيون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن.

1. اڪيليون
2. ٻٽيون

ڪنهن ماڻهوءَ جا ڳالهايل لفظ ابتين ٻٽين ڪامائن يا واڪ جي نشانين سان ڌار ڪيا ويندا آهن. مثال:

- احمد چيو "مون کي منهنجو ڪتاب واپس ڪر!"

اهي نشانيون ان وقت اڪيليون (ٻٽيون نہ) ڏبيون، جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا چيل لفظ لکجن، جنهن ۾ هن ٻئي ڪنهن جا لفظ ورجايا هجن. مثال:

- احمد چيو "شاهد نياپو ڏنو هو تہ 'منهنجو ڪم ڪري مون کي اطلاع ڏجو'، سو مون پنهنجو فرض پورو ڪري، نياپو توهان کي پهچايو."

جملن جي وچ ۾ پهاڪا، چوڻيون، ڪنهن ڪتاب جو نالو مضمون وغيره يا عنوان ۽ ڪي اهڙا لفظ اچن، جن کي نمايان ڪرڻو هجي تہ انهن کي بہ واڪ جي نشانين سان ڌار ڪبو آهي.

مثال: ڪالهہ مون غلام نبي مغل جو ناول "اوڙاهہ" پڙهيو.

**سوال جي نشاني ـ ؟:**

هيءَ نشاني سواليہ جملي جي آخر ۾ لڳندي آهي، پر اهو سوال سڌو يا direct هئڻ گهرجي. Indirect speech ۾ اها نشاني ڪانہ لڳندي مثال:

- احمد پڇيو "ارشد ڪيڏانهن ويو آهي؟"
- احمد پڇيو هو تہ ارشد ڪيڏانهن ويو هو.

اهڙا سوال جيڪي جملي ۾ فاعل جي جاءِ وٺن، انهن ۾ سواليہ نشاني ڪانہ لڳندي.

- مذهب ڇا آهي، سائنس ڪهڙو ڪارنامو ڪيو آهي، اها

ڳالهه سيکو سمجهي ٿو.

اهڙا سواليہ جملا جيڪي ڏسڻ ۾ تہ سوال اچن، پر هجن درخواست واري مفهوم جا، انهن ۾ بہ سوال جي نشاني ڪانہ لڳندي بلڪ اتي عجب جي نشاني لڳندي مثال:

- ڇا توهان مهرباني ڪري منهنجو ڪتاب جلدي واپس ڪندا!

اخبارن ۾ اهڙي ڪا خبر، ۽ ڪتابن ۾ اهڙا ڪي تفصيل ۽ انگ اکر ڏيٺا هجن، جن جي باري ۾ پڪ نہ هجي، تہ پوءِ انهن جي سامهون ڏنگين ۾ سوال جي نشاني ڏبي آهي. مثال:

- حڪومت ڪوٽا سسٽم۔ اڳيان ويهہ سال وڌيڪ جاري رکڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو (؟)

آمريڪا جي ريڊ انڊين کي 1921ع (؟) ۾ حق مليا.

**عجب جي نشاني۔ !:**

ڪنهن بہ حيرت ۾ وجهندڙ جملي جي آخر ۾ اها نشان لڳندي آهي، يا وري گهڻي توجهہ ڇڪائڻ لاءِ پڻ هڪ يا ڪڏهن ڪڏهن بہ ساڳيون نشانيون پڻ لڳائبيون آهن.

لفظ جي ندائي صورت ۾ يا ندائي جملي ۾ آخر ۾ بہ اها نشاني لڳائبي آهي. تمنائي جملا، امر نيازي (اج پڇاڙيءَ) وارا جملا پڻ آخر ۾ عجب جي نشاني لڳائيندا آهن. مثال:

- ادا طارق! هتي اچي ويهہ.
- ادا طارق، هيڏانهن تہ اچجان!
- اڙي! افسوس! آهہ! ڪمال آهي!

طنز ڏيکارڻ لاءِ ڏنگين يا بريڪيٽ ۾ عجب جي نشاني ڏبي آهي.

- ها سائين، تون وڏو نيڪ (!) ماڻهو آهين.
- تون پاس ٿي وئين (!) هتي عجب جي نشاني چڙ تہ چئي رهي آهي تہ "ڪمال آهي".

**ڏنگيون** (Parentheses and Brackets):

ڳالهايل لفظن Quotations ۾ جيڪڏهن ڪا سمجهاڻي ڏيڻي هجي ته اها ڏنگين ۾ لکجي.

ڪنهن جملي ۾ ڪو اهڙو لفظ هجي، جنهن جي وضاحت ضروري سمجهجي، ته ڏنگين ۾ ان جي معني لکبي. مثال:

- ڪالهه سينيٽ (يونيورسٽيءَ جي) جي ميٽنگ هئي.

جملي ۾ ڪا رقم انگن ۾ لکيل هجي ته اکرن ۾ اها ڏنگين ۾ لکبي، ۽ جي اکرن ۾ هجي ته انگ ڏنگين ۾ لکبا. مثال:

- هن کان 100 (سئو) رپيا مليا.
- هن کان سئو (100) رپيا مليا.

جيڪڏهن لکڻيءَ ۾ ڪو حوالو اتي جو اُتي ڏيڻو هجي، ته اهو به ڏنگين ۾ لکبو. مثال:

- مزدورن کي سال جون 25 موڪلون ڪرڻ جو حق حاصل آهي (ليبر لاز صفحو...)

**ليڪ** Dash —:

عام طور تي ننڍڙي ليڪ، جملي ۾ اوچتو خيال جي يا موڊ جي تبديليءَ ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪبي آهي، جنهن سان تسلسل ۾ تبديليءَ جو اهڃاڻ ملندو آهي- يا وري ساڳيو خيال به پيرا ورجائڻ مهل به ننڍڙي ليڪ ان کي ظاهر ڪندي آهي. مثال:

- جڏهن آخري پيرو مون هن سان ڳالهايو- ڪو مهينو کن اڳ- هن ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ڪئي.
- اسڪول جو پرنسپال- نالو الائي ڇا اٿس- ڏاڍو سخت ماڻهو آهي.

ان کان به ننڍڙي ليڪ يا Hyphen- انگريزيءَ توڙي سنڌيءَ ۾ ڪن مرڪب لفظن جي وچ ۾ لڳندي آهي.

**ٽڙيون** Hiatus ...:

جڏهن ڪنهن Quotation جو ڪجهه حصو ڪٽي ڇڏڻو هجي، ته

اتي ٽي ٻڙيون ڏئي ڇڏبيون آهن. جنهن جو مطلب اهو ٿيندو ته هتان ڪجهه حصو ڪٽيل آهي. جيڪڏهن ڪٽيل حصو ڏنگين ۾ هجي، ته ٻڙيون به ڏنگين ۾ ڏبيون آهن.

جڏهن ڳالهه اڌ ۾ ڇڏڻ جو تاثر ڏيڻو هجي ته به جملي جي آخر ۾ اهي ٻڙيون ڏئي ڇڏبيون. ياد رهي ته اهي ٻڙيون ٽن کان وڌيڪ نه ڏيڻ گهرجن.

**پئراگراف:**

آخر ۾ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته تحرير کي پئراگرافن ۾ ورهائڻ به بيهڪ جي نشانين جي سري هيٺ اچي ٿو. ڪنهن به ڊگهي لکڻيءَ کي پيرائن ۾ ورهائڻ سان تاثر ۾ بهتري اچي ٿي. پئرائن ۾ ورهائڻ جو اصول اهو آهي ته هرهڪ خيال کي ڌار پيرا ۾ لکجي. خيال جي متجڻ سان پئرا مٽائي ڇڏجي. نئين پئرا، سٽ جي ٽين يا چوٿين پتي ڇڏي شروع ڪرڻ گهرجي.

منهنجو تجربو اهو ٻڌائي ٿو ته اسان جا نوان ليکڪ ۽ سيڪٽرات، اڪثر جملي جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ۾ وچ تي پورو دم يا ٿورو دم هڻڻ مهل منجهي پوندا آهن، ۽ ڪاما جي جاءِ تي فل اسٽاپ هڻندا آهن. اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته جڏهن جملو پورو ٿي وڃي، ۽ ان جو مفهوم به مڪمل طور واضح ٿي وڃي، ته فل اسٽاپ يا پورو دم لڳائجي، ڇوته وچ ۾ اها نشاني مفهوم ۾ مونجهارو پيدا ڪندي ساڳيءَ طرح سان جتي ان پوري دم جي ضرورت هوندي، ۽ اتي اها نشاني نه هڻبي، ته به مونجهارو پيدا ٿي سگهي ٿو.

ڪاما جو استعمال ڪوشش ڪري حرف جملي سان گڏ نه ڪجي، پر جي جملي جي هڪ حصي تي وڌيڪ زور ڏيڻو هجي ته پوءِ ان جي وچ ۾ ڪاما ڏئي ان کان پوءِ ("۽" يا "پر") لکبو ته ان جو مطلب ٿيندو ته اسان ڳالهائڻ مهل اِن "۽" ۽ "پر" تي زور ڏيڻ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اها ڪاما لڳائي آهي. ڏنگين ۾ ڪنهن به Quotation لکڻ مهل ابتيون واڪ جون نشانيون (Inverted Commas) لڳائجن ته پوري دم، ٿوري دم يا اڌ دم جون نشانيون ۽ ٻيون نشانيون انهيءَ جو حصو هئڻ جي صورت ۾ اندر لڳنديون، باهر نه، البت عجب جي نشاني ۽ سوال جي نشاني معنيٰ جي

حساب سان لڳندي آهي. بيهڪ جون نشانيون تحرير جي خوبصورتيءَ ۾ واڌارو آڻين ٿيون ۽ ان کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. ان ڪري انهن جو صحيح ۽ موقعي جي مناسبت سان استعمال ازحد ضروري آهي.

**مددي ڪتاب:**


1۔ آڏواڻي، ڀيرومل۔ وڏو سنڌي وياڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1985ع.

2۔ سراج ۔ (مقالو: بيهڪ جون نشانيون) مهراڻ۔1، 1956ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

3۔ سنڌي وياڪرڻ: مرزا قليچ بيگ، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع.

4_ "Write Better Speak Better": Readers Digest Association, Pleasantville, New York, 1977.


(سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڪراچيءَ ۾ ڏنل ليڪچر)

# سنڌي صورتخطيءَ جا ڪي حل طلب مسئلا

گذريل ڪجهه سالن کان ڪتابن جي تياريءَ، لکڻ، ڪمپوزنگ، ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ جي دوران پيش ايندڙ مسئلن مان هڪ اهم مسئلو مرڪب سنڌي لفظن جي گڏي يا ڌار لکڻ بابت اڪثر سامهون ايندو رهيو آهي، جيڪو مسئلو سنڌي ٻوليءَ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مون کي ان ڳالهه تي اتساهيندو رهيو ته سنڌيءَ ۾ لکجندڙ ۽ ڇپجندڙ ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن لاءِ ڪو اهڙو رهنما قاعدو تيار ڪرائجي، جنهن جي مدد سان اهو مسئلو حل ٿي سگهي. ان ڏس ۾ تحقيق ڪري هڪ ننڍڙو مضمون تيار ڪري، آڪٽوبر مهيني ۾ محترم محمد ابراهيم جويو صاحب کي موڪليم ته جيئن سندس ان ڏس ۾ مني صديءَ جي تجربي مان به ڪجهه فائدو وٺجي، پاڻ مهرباني ڪري نه صرف ان ۾ ضروري درستيون ۽ واڌارا ڪري ڏنائين، پر مون کي فون تي ۽ روبرو تمام سهڻي نموني ڪي ڳالهيون سمجهايائين. اهو مضمون ڪمپوز ٿيو ۽ جڏهن 'سنڌي ٻولي' جرنل لاءِ آيل سمورن مضمونن مقالن کي گڏي ايڊٽ ڪرڻ لاءِ مون کي ڏنو ويو ته اُن ۾ ساڳئي موضوع تي محترم الطاف جوکيي جو مقالو "سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مرڪب صورت وارو معاملو" جي عنوان سان موجود هو. ۽ منهنجيءَ حيرت جي انتها نه رهي، جو ٻنهي مضمونن ۾ تقريباً ساڳين ئي لفظن جو معاملو کنيل هو.

انهن مان ڪي لفظ هي آهن:

| | | |
|---|---|---|
| ڪان پوءِ | _ | ڪانپوءِ |
| ڪان سواءِ | _ | ڪانسواءِ |
| مون کي | _ | مونکي |
| هن کي | _ | هنکي |
| تنهن کي | _ | تنهنکي |

| | | |
|---|---|---|
| جنهن کي | _ | جنهنکي |
| ڪنهن کي | _ | ڪنهنکي |
| منهن جو | _ | منهنجو |
| تنهن جو | _ | تنهنجو |
| پنهن جو | _ | پنهنجو |
| هن جو | _ | هنجو |
| جنهن جو | _ | جنهنجو |
| ڪنهن جو | _ | ڪنهنجو |
| تنهن ڪري | _ | تنهنڪري |
| جنهن ڪري | _ | جنهنڪري<br>وغيره |

ان جا ٻه ڪارڻ ٿي سگهن ٿا: پهريون اهو ته اهي ئي لفظ آهن، جن جي لکڻ ۾ مونجهارو آهي ۽ ٻيو اهو ته هن ڪان اڳ انهيءَ موضوع تي جيڪا به تحقيق ٿي آهي، عالمن ليک لکيا آهن، ورڪشاپ ٿيا آهن يا ڪميٽيون قائم ڪري بحث ڪيا ويا آهن، انهن ۾ اهي ئي لفظ بار بار سامهون ايندا رهيا آهن ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته 19 صديءَ جي وچ ڌاري انگريزن پاران عربي- سنڌي لپيءَ جي منظوريءَ ڪان وٺي، انهيءَ مسئلي تي سوچيو ويو آهي، پر معاملو اتي جو اتي رهيو آهي.

موضوع ساڳيو هوندي به ٻنهي ليکن ۾ يقيناً فرق هو. مون عام پڙهندڙن لاءِ بيانيه انداز ۾ مسئلي کي پيش ڪيو هو ۽ ٻئي مقالي ۾ اڪيڊمڪ ريسرچ جي طريقي سان لکيل هو. پر مون بهتر سمجهيو ته الطاف جوکئي جو اهو مقالو پهرين ڇپجي، ۽ ان ڪان پوءِ بحث جي ابتدا ڪجي، مقصد ته ساڳيو آهي "مسئلي جو حل" - پر هڪ صديءَ ڪان ان تي غور فڪر جي باوجود اڃا متفق نه ٿي سگهيا آهيون. شايد ان ڪري، جو هميشه ان مسئلي کي جذباتي انداز ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ابتدا ۾ منظور ٿيڻ مهل ديوناگري

لپيءَ جي حامين پنهنجا جواز پيش ڪيا هئا ۽ اهو ثابت ڪرڻ چاهيو هو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي ئي مناسب هئي، ان جا آواز ان جون بناوتون، ان جون ماترائون سنڌي ٻوليءَ جي سُرن ۽ آوازن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ بهتر هيون وغيره. ڊگها بحث ٿيا. ڪميٽي ويني، لپي طئي ٿي، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ مسٽر ايلس آخرڪار فيصلو ڪيو ۽ سنڌ ۾ عربي سنڌي لپي رائج ٿي.

شروع شروع ۾ لفظن جي جوڙجڪ ۽ هِجي بابت ڪو بہ مقرر اصول ڪونہ هو مختلف ماڻهو ساڳيا لفظ مختلف نموني لکي رهيا هئا. مرڪب لفظ تہ پري جي ڳالهہ رهي، پر خود سادا لفظ بہ هڪجهڙائي رکندڙ نہ هئا. مثال طور:

جهہ جَنهِن جهي

ڪهہ ڪنهين ڪهي

جَڏه جڏهہ جڏهي ، جڏهِين جڏين

ڪڏهِ ڪڏهہ ڪڏهي ڪڏهين ڪڏين وغيره

(ص 129 – سنڌي صورتخطي – ڊاڪٽر غلام علي الانا)

**مختلف عالمن پاران مرڪب لفظن مان ڪي هنن صورتن ۾ لکيا هئا:**

پنهنجي پَنهنجے پهنجي

سيڪہ سيڪنهہ (ص 131_الانا)

جڏهن 1853 ۾ تعليم کاتي پاران ديوان ننديرام جو ٻاراڻو ڪتاب "باب نامو" ڇپرايو ويو هو (جنهن جا پوءِ ٻيا بہ ڇاپا آيا) ان ۾ اهڙا ڪيترا ئي لفظ گڏي لکيا ويا هئا، جن جو ٻارڻ ۾ ڪو لاڳاپو ڪو نہ هو يعني اهي مرڪب لفظ جي وصف ۾ اچن ئي نٿا. مثلاً (جيٽلي ص 178) "ڳجهيترن"، "انمان"، "انڪي"، "نڪجي" يا ڪي مرڪب لفظ "هيڪجهڙي"، "جيڪڏهي" (ص 167_168) ان ئي دور ۾ گولڊ سمٿ 1861 ۾ "قصو سسئي ۽ ڄام پنوءَ جو" نالي ليک ۾ هيٺيان لفظ شامل ڪيا هئا:

"جهنجي"، "پانهجا"، "ڪهِينڪي" (جيٽلي ص 171)

ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي- انگريزي ڊڪشنري جيڪا بمبئي سرڪار 1855ع ۾ ڇپرائي هئي، ان ۾ ديوناگري سنڌي لپي هئي (جيڪا هاڻ 2011ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ديوناگريءَ سان گڏ عربي لپيءَ ۾ به ڇپائي آهي)، ان کي 1879 ۾ جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اڌا رام ٿانور داس سامهون رکي، عربي لپيءَ ۾ پنهنجي ڊڪشنري ڇپرائي (ڪراچيءَ مان)، ان ۾ هِجيئن جي مسئلي ڏانهن مرتبن جو ڌيان هو جن لکيو هو ته:

"اسين معافي گهرون ٿا ته هن ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن سنڌي لفظن جون جدا جدا هِجيئون ڏنيون ويون آهن، چاهي اهي هِجيئن جا فرق گهڻا نظر ايندا هجن، پر هن وقت انهن کي ڊڪشنريءَ مان هٽائي ڇڏڻ ممڪن نٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته گهڻن ئي لفظن جا اهڙا علحده اچار نه فقط ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻڌڻ ۾ پيا اچن، پر اهي سڀ لکيل ٻوليءَ ۾ ٻڻ داخل ٿي چڪا آهن. ممڪن آهي ته لفظن جون اهي سڀ مختلف صورتون لکاوٽ ۾ پنهنجو وجود قائم رکي نه سگهن. انهن مختلف هِجيئن مان ڪن جو استعمال لکاوٽ مان جيترو جلد ڪيئي ڇڏجي اوترو بهتر ٿيندو. پر هن وقت اسين فقط انومان ڪري سگهون ٿا ته جدا جدا هِجيئن مان ڪهڙيون هِجيئون وڃي آخر ۾ قائم رهنديون. هيءَ هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن کي 'ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ' ۾ بحث جو موضوع بنائڻ گهرجي."

(جيٺلي 180 حوالہ در حوالہ: Rev. G Shirts
Udharam Thanvrdas and S.F Mirza, A Sindhi – English Dict. Karachi 18_79 page)

هنن اهڙا ڪجهه لفظ به ڏنا، جهڙوڪ:

اِتون، اِتان، اِتهن، اتهُون، اتهين، اِتئُون، اِتان، اتانئون، اتانئين، اِتُون

اهي هِجيئن جا فرق توڙي لفظن جو مختلف استعمال، ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اڄ ٻي موجود هو.

هاڻي جڏهن ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جون ڊڪشنريون اٿارٽيءَ پاران ديوناگريءَ سوڌو عربي- سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجي آيون آهن (2011ع) ته اها ڳالهه صاف ڏسي سگهجي ٿي ته سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي – سنڌي ڊڪشنرين جي ديوناگري صورتخطيءَ ۾ مرڪب لفظن کي گڏي لکڻ يا ڌار لکڻ وارو عمل پڻ پڌرو آهي، جيڪو گهڻوڪري ديوناگريءَ مان عربي ۾ التائڻ کانپوءِ به قائم رکيو ويو آهي. هتي اسٽئڪ جي لغتن مان مثال ڏجن ٿا. پهرين سنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ مان مثال ڪڍون ٿا:

"اڪمڪڙ اڪنتڙو اڪينپ، اڳڇائو اڳڪتي، اڳڳٽتي، اڳيرو (ص 15) اٿچڱو (ص 23) ڪنلاٿار (ڪن لاٿار) ڪنسوپاري (ڪن سوپاري) (ص 83) ڪڇڪڇ (112) ڪتيپچ (ڪتي پچ) ڄاڻيپجهي ڄاڻيواٽي (ڄاڻي پجهي ڄاڻي واٽي) (ص 227) زبانخوري (زبان خوري) (ص 230)، ايڏتانئين، ايڏتانئون، ايڏتانهئن، ايڏ تانها وغيره (ايستائين لاءِ).

ان کان سواءِ سندس انگريزي – سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ به ڪيترائي مرڪب لفظ گڏ لکيل ملن ٿا. هڪ پيرو وري به چونديس ته ديوناگريءَ ۾ هئڻ باوجود انهن جو ذڪر ان لاءِ ڪري رهيا آهيون، جو ان سان مرڪب لفظن کي گڏي لکڻ جي روايت به ثابت ٿئي ٿي ته وري اهڙا ڪي لفظ ڌار لکيل ملن ٿا. جيڪي هن وقت گڏي لکيا وڃن ٿا. مثال طور:

"جيسين تائين" (جيستائين) "جيسين توڻي"، (ص158) "هڪمتيو" (هڪ متيو) "هڪصلاحو" (هڪ صلاحو) "هڪدليو" (هڪ دليو) (ص15) "هڪبئي"، "هيڏانهنهوڏانهن" (هيڏانهن هوڏانهن) (ص15) "انوڻجارو" (ان وڻجارو) "انپڙيو" (ان پڙيو معنيٰ ان جي پڙي لڳائيندڙ)

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي مرڪب لفظ اڳياڙين پڇاڙين سان ٺهندا آهن، انهن جو به ڪو هڪ اصول نظر نٿو اچي، اسٽئڪ جي هن ڊڪشنري ۾ اهڙا لفظ گڏيل صورت ۾ لکيل ملن ٿا. ٻن اڳياڙين ۽ پڇاڙين، "بي" ۽ "اڻ" جا

لفظ ڏسو:

| | |
|---|---|
| بيمروت | اٻپچيو |
| بيرحم | اٻڏنل |
| بيدليو | اٻپڙهيل |
| بيداغ | اٻتريو |

ڇا ڏيڍ پوڻيون ٻه صديون گذرڻ کان پوءِ به اسان انهن جي گڏ يا جدا لکڻ جي باري ۾ ڪجهه طي ڪري چڪا آهيون؟ ۽ ڇا اڄڪلهه به ڪا هڪ صورت مقرر آهي؟

بهرحال ان کان پوءِ انهيءَ مسئلي کي 1888ع ۾ سرڪاري طور حل ڪرايو ويو ۽ سنڌ جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر مسٽر جيڪب، اهڙن لفظن جا چارٽ ٺهرائي صورتون مقرر ڪرايون ۽ اهي اسڪولن ۾ ورهايا، پر اڃا به ڪي حل طلب ڳالهيون رهجي ويون. انهن لاءِ 1913ع ۾ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ ٺهراءُ پاس ڪرائي ڪجهه ٻيا لفظ شامل ڪيا. پر مسئلو وري به حل نه ٿيو وقت گذرڻ سان درسي ڪتاب ڇپجڻ لڳا ته لفظن جي صحيح اچارن لاءِ انهن تي اعرابون ڏيڻ بابت به ساڳيو مونجهارو قائم رهيو ۽ زبر، زير، پيش، جزم، شد جي استعمال ۾ فرق نظر ايندو رهيو.

بمبئي پريزيڊنسيءَ جي تعليم کاتي 'ٽيڪسٽ بڪ رويو ڪميٽي' جوڙي، نوان درسي ڪتاب ٺاهڻ جو ڪم ديوان پريمچند، مرزا قليچ، ڪوڙي مل ڪلناڻي ۽ ڀيرو مل مهرچند جي مدد سان ڪرايو ويو. ان کان پوءِ 1905 ۾ جيڪي نوان ڪتاب پڌرا ٿيا هئا، انهن ۾ هِجين بابت ڪجهه ويچار ڪيو ويو هو. 1913ع ۾ تعليمي ماهرن ۽ سنڌي عالمن لفظن جون فهرستون ٺهرايون، اهي گهڻو ڪري مفرد لفظ هئا يا مرتب لفظ جيئن :

| غلط | صحيح | |
|---|---|---|
| اونڌائي | اونداهي | |
| ڏهاٽي | ڏهاڙي | |
| مرڪب | | |
| بدماش | بدمعاش | (جيتلي 182) |

1936ع ۾ سنڌ صوبي جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان پوءِ جڏهن ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو "ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن" مقرر ٿيو تہ 1940ع ۾ پهرئين کان چوٿين تائين وارن ڪتابن ۾ عربي اعرابن جا سڌارا ڪيائين. پر گڏوگڏ هن ٻوليءَ کي بہ عربي فارسي آميز ڪيو جنهن تي هندو عالمن گهڻو احتجاج ڪيو. ڄيٺمل پرسرام 1940 ۾ سنڌي ساهت سڀا جي پليٽ فارم تان اهڙو اظهار ڪيو ۽ ان ڏس ۾ ست چوپڙيون ڇپايون. 1941ع ۾ 'سنڌي سميلن' ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ ڪشنچند بيوس پڻ صورتخطيءَ جي مسئلي تي ڳالهايو ۽ گهڻو ڪري اعرابن جي استعمال تي بحث ڪيو. اهو سلسلو 1947ع تائين هليو.

1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ بہ ڊاڪٽر دائودپوٽي سنڌيءَ ۾ ڳرن عربي فارسي لفظن جي استعمال جو اهو سلسلو جاري رکيو جنهن تي سنڌ مان محمد ابراهيم جويو، سراج ۽ ڪن ٻين اديبن ۽ تعليم دانن تنقيد ڪئي. ان معاملي تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ڪتاب ۾ ڪليءَ طرح سان ويچار ونديا آهن. هجيئن جي مسئلي تي جيٽلي صاحب لکي ٿو:

> عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪهڙا لفظ گڏي لکجن ۽ ڪهڙا جدا لکجن. انهيءَ واسطي بہ ڪو سرشتو ٺهي نہ سگهيو آهي. "منهنجو"، "تنهنجو"، "پنهنجو" کي هڪ لفظ وانگر ئي لکڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ "جو" حرف جر اڳيان پابند روپ آهن. پر مونکي (مون کي) "مونسان" (مون سان) مونتي (مون تي) لفظن کي گڏي نہ لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ بہ آزاد لفظ آهن. ساڳيءَ طرح لکي ٿو "وڃي ٿو" لفظ کي بہ ڪيترا عالم گڏي "وڃيٿو" لکندا آهن." (جيٽلي 191)

اهو مسئلو اڃا تائين هلندو اچي. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب "سنڌي صورتخطيءَ" ۾ صورتخطيءَ جي مونجهارن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مرڪب لفظن کي ڪو نہ ڇهيو.

هن انهيءَ مسئلي تي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو ابياس" ۾ تفصيل سان لکيو آهي، جن مرڪب لفظن ۾ مونجهارو آهي، انهن جي فهرست هت ڏجي ٿي ۽ سندس پاران تجويز ڪيل درست صورتخطي پڻ موجود آهي. پاڻ لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ جيڪي عام طور جدا جدا نموني لکجي رهيا آهن... انهن لفظن جي صورتخطي مقرر ڪرڻ گهرجي:

| مرڪب لفظ | | هڪ صورتخطيءَ لاءِ سفارش |
|---|---|---|
| اڄڪلهه | اڄ ڪلهه | اڄڪلهه |
| اسانکي | اسان کي | اسان کي |
| اسانوٽ | اسان وٽ | اسان وٽ |
| اسانجو | اسان جو | اسان جو |
| اڻپڙهيل | اڻ پڙهيل | اڻپڙهيل |
| اڻپور | اڻ پور | اڻپور |
| بيحال | بي حال | بيحال |
| بيدرد | بي درد | بيدرد |
| بيوقوف | بي وقوف | بيوقوف |

(اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر صاحب 'بي' ۽ 'اڻ' اڳياڙين وارا سمورا لفظ گڏ لکيا)

| | | |
|---|---|---|
| سيڪو | سي ڪو | سيڪو |
| منهنجو | منهنجو | منهنجو |
| مونکي | مون کي | مون کي |
| هڪٻئي | هڪ ٻئي | هڪ ٻئي |
| هڪجهڙو | هڪ جهڙو | هڪجهڙو |
| هنکي | هن کي | هن کي |
| يادداشت | ياداشت | ياداشت |

هوڏانهن پروفيسر علي نواز جتوئيءَ پنهنجي ڪتاب "علم اللسان ۽ سنڌي زبان" ۾ "صرفيات" واري باب ۾ لفظن جي جوڙجڪ جو بيان ڪندي ٿورو گهڻو مرڪب لفظن لکڻ جي حوالي سان بہ لکيو آهي. جتوئي صاحب لفظن جا قسم بنيادي طور بہ ٿو ڄاڻائي، هڪڙا بنيادي سادا ۽ مفرد لفظ ۽ ٻيا ثانوي لفظ. ثانوي لفظن جي وصف هن ريت ٿو ڪري:

"ثانوي لفظن ۾ وري ٻہ قسم آهن، هڪڙا پيچيده (Complex) ۽ ٻيا مرڪب (Compound). پيچيده لفظ اهي آهن، جن کي جيڪڏهن ٽوڙبو تہ ان جا جزا مطلب وارا ٿيندا، اگرچہ اهي سالم لفظ نہ بہ هجن (ص 98)

مثالن لاءِ جيڪي لفظ ڏنا اٿس، انهن ۾ "سچار"، "سچائي"، "سچيرو"، "ڪنيار" ۽ "لوهار" وغيره شامل آهن، جن ۾ "سچ، ڪنيپ، لوهہ، پد آهن، جن ۾ پڇاڙيون ڳنڍي نوان لفظ ٺاهيا ويا آهن. ثانوي لفظن ۾ مثال طور هي لفظ بہ ڏنا ويا آهن. "ڪسنگ"، "جانور"، "خداوند"، ۽ هڪ هنڌ جتوئي صاحب لفظ "وجيتو". ملائي بہ لکيو آهي. جتوئي صاحب لکي ٿو تہ:

"مٿين لفظن جي جُزن مان هر هڪ جزي کي وڏيڪ معنيٰ وارن جزن ۾ ٽوڙي نہ سگهبو ۽ هر هڪ جزو معنيٰ وارو آهي. صرفين جا جيڪي مثال مٿي ڏنا ويا آهن، تن مان هڪڙيون اهڙيون صورتون (Forms) آهن، جيڪي پنهنجي سر سالم سادا لفظ ٿي ڪم اچن ٿيون، جهڙوڪ "سنگ"، "جان" ۽ "خدا" وغيره اهڙين صورتن کي آزاد صورتون (Free Forms) سڏجي ٿو. ٻيون اهڙيون صورتون آهن، جيڪي پنهنجي منهن لفظ ٿي ڪم اچي نٿيون سگهن، مگر ٻين صورت سان ملي لفظ ٿي پون ٿا، جهڙوڪ "سچ"، "ڪنيپ"، "لوهہ"، "آر"، "ايرو" وغيره. اهڙين صورتن کي پابند صورتون (Bound Forms) سڏجي ٿو گويا لفظن ٺاهڻ لاءِ اهي صورتون ٻين صورتن جون پابند آهن ۽ انهن کان آزاد ٿي نٿيون سگهن

تنهنڪري اُها اچاريل صورت، جا آزاد هجي يا پابند، جنهن
کي مطلب وارن ننڍين جزن يا ٽڪرن ۾ ورهائي نہ سگهجي،
تنهن کي صرفيو سڏجي ٿو.“(ص 99)

محترم علي نواز جتوئيءَ مٿين لفظن مان ”سچ“ ، ”ڪُنيِ“ ۽ ”لوهہ“ کي لفظ نہ پر پابند صورتون ۽ پد سڏيو آهي، شايد ان ڪري جو اهي آخري اکر تي جزم سان پڃاڙيون ڳڻيون ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ مڪمل لفظ (معنيٰ سان) آخري اکر تي اعراب يا سُر سان استعمال ٿيندو آهي (”سچُ“ ”ڪنيُ“ ”لوهُ“) جڏهن تہ ٻئي قسم جي لفظن ۾ ”سنگ“ (ڪ اڳياڙي سان ڪسنگ) ۽ ”خدا“ (وند پڃاڙيءَ سان ”خداوند“) کي مرڪب لفظ سڏيو آهي. انهن سان لفظ ”جانور“ کي بہ شامل ڪيو آهي، جڏهن تہ اهو پڻ ساڳئي مٿئين اصول موجب پهرئين قسم ۾ ڳڻڻ گهربو هو جنهن ۾ ”جان“ ۾ ”ن“ تي جزم سان ”ور“ پڃاڙي ڳنڍيل آهي. انهيءَ فهرست ۾ ”وڃيٿو“ لفظ بلڪل نهڪي ڪو نہ ٿو جيڪو هڪ فعلي لفظ آهي ۽ ٻن فعلن جو جوڙ آهي، جنهن ۾ هڪ بنيادي ۽ ٻيو معاون فعل آهي، جيڪي ٻئي ملي زمان حال جو صيغو ٺاهين ٿا. (جيٽلي صاحب ان بابت ذڪر ڪيو آهي) سنڌيءَ ۾ اهڙا ٻيا لفظ ”اچي ٿو“ ، ”لکي ٿو“، ”پڙهي ٿو“ گڏي لکيل ڪٿي بہ نظر نٿا اچن. بهرحال علي نواز جتوئي صاحب ثانوي لفظن جو ٻيو قسم مرڪب لفظن جو ڄاڻايو آهي جن لاءِ لکي ٿو:

”مرڪب لفظ اهي آهن، جن جي صورت کي ٽوڙبو تہ اهي سادا لفظ ٿي پوندا، جن جي نرالي معنيٰ هوندي ۽ آزاد صورت رکندا، جهڙوڪ:

لٺ سردار = لٺ + سردار

ڪمبخت = ڪم + بخت

جهنگبلو = جهنگ + ٻلو

هٿڪڙي = هٿ + ڪڙي

سؤپيري = سؤ + پيري

نمڪحرام= نمڪ حرام
ورڪشاپ= ورڪ +شاپ "

جتوئي صاحب پاران ڏنل مرڪب لفظن جي فهرست ۾ جيڪي لفظ ڏنا ويا آهن، اهي ٻن سالم سادن لفظن مان ٺهيل آهن، جيڪي پنهنجي ليکي جدا جدا به وياڪرڻي حيثيت رکندا آهن. مثلاً "ڪم" (صفت) ۽ "بخت" (اسم) مان "ڪمبخت" (صفت)، "جهنگ" (اسم) "ٻلو" (اسم) گڏجي هڪ جانور جو نالو "جهنگٻلو" (اسم) ٺاهين ٿا، "هٿ" ۽ "ڪڙي" به به اسم آهن، جن جي ملڻ سان ٽيون اسم "هٿڪڙي" ٺهي ٿو "سئو" (صفت) "پيري" (پيرن واري) (اسم جي اضافت) اهي ٻئي گڏجي هڪ جيت جو نالو "سئو پيري" (اسم) ٺاهين ٿا، ساڳيءَ طرح "ورڪ شاپ" ۾ انگريزيءَ جا ٻه اسم ملي هڪ نئون اسم "ورڪشاپ" ٺاهين ٿا. جڏهن ته "نمڪ" (اسم) "حرام" (صفت) ملي هڪ نئين لفظ "نمڪحرام" کي وجود ۾ آڻين ٿا، جيڪو صفت آهي. اهي سيئي لفظ لغتن ۾ پڻ موجود ملندا.

منهنجي ناقص راءِ ۾ ٻين لفظن کي به گڏي لکڻ لاءِ انهيءَ اصول کي ضرور ذهن ۾ رکجي، يعني ٻن لفظن کي گڏي لکڻ کان پوءِ جيڪو ٽيون لفظ ٺهي، اهو جيڪڏهن وياڪرڻ ۾ پنهنجي مستقل حيثيت رکندو هجي ۽ لغتن ۾ به موجود هجي ته ان جي انفرادي حيثيت کي مڃي، هڪ لفظ طور گڏي لکڻ ئي بهتر ٿيندو. مٿي ڏنل فهرست ۾ لفظ "لٺ سردار" کي ڌار ڌار لکيو ويو آهي. مٿئين اصول تحت گڏي لکي سگهجي ٿو. صفت طور به ته جملي ۾ ڌار ڌار لفظن کي جوڙي اهو لفظ استعمال ٿي سگهي ٿو. سنڌيءَ ۾ اهڙا ٻيا به ڪيترا آزاد لفظ آهن، جيئن "دلنواز"، "منٺار"، "سڪيلڌو" جيڪي (نالا) اسم به ٿي سگهن ٿا ته صفتون به. انهن جي منفرد وياڪرڻي حيثيت ئي انهن کي گڏي لکڻ جو سبب ٿي سگهي ٿي، نه ته اهي لفظ جن لفظن جو مرڪب آهن اهي پاڻ به ڌار ڌار وياڪرڻي حيثيت رکندڙ آهن. "من"، "ٺار"، "دل"، "نواز"، "سڪي"، "لڌو" وغيره آزاد صورتون آهن، جيڪي پاڻ ۾ گڏجي نوان لفظ جوڙين ٿا، جيڪي وياڪرڻي حيثيت به رکن ٿا ته لغتن ۾ به آهن.

1998ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڊاڪٽر غلام علي الانا جي دور ۾ "درسي ڪتابن جي درست ٻوليءَ" جي حوالي سان ڪوٺايل ورڪشاپ ۾ مرڪب لفظن کي گڏي يا ڌار لکڻ جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ ماهرن پاران ترجيحي هِجيئون بہ ڏنيون ويون هيون، جن جو چارٽ ٺڏهوڪي 'سنڌي ٻولي جرنل' ۾ پڻ ڇاپيو ويو هو.

سال 2008ع ۾ هڪ ڀيرو وري انهيءَ مسئلي کي کنيو ويو سنڌي صورتخطيءَ جي مسئلن بابت سيمينار ڪوٺايو ويو. انهيءَ ڪانپوءِ انهيءَ معاملي تي بحث مباحثا ٿيا ۽ چارٽ ٺاهي لاڳاپيل ڌرين کي موڪليا ويا، پر مسئلو اتي جو اتي بيٺو آهي.

وچ ۾ محترم تاج جويي جو 1999ع ۾ ترتيب ڏنل ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال" 2009ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ پڻ ان مسئلي تي روشني وڌي وئي آهي.

انهن سمورين ڪوششن باوجود گهڻا استعمال ٿيندڙ لفظ اڃا تائين بہ مختلف نموني پيا لکجن، ڇاڪاڻ جو مسئلي کي حل ڪرڻ جي سنجيده ڪوششن جي باوجود، اسان جا ڪي مهربان فروعي ڳالهين کي وچ ۾ آڻي، اختلافي معاملا تحقيق جي وچ ۾ بيان ڪري، پنهنجي ڪيل محنت کي بہ اختلافي بڻايو ڇڏين، جڏهن تہ تحقيق جو اصول آهي ٿي غير جانبداري سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ لهجي کي درست ۽ ٻئي کي غلط ثابت ڪرڻ، معياري ٻوليءَ جي معاملي تي اڃايو لکڻ سان مسئلو اڃا منجهي ٿو پوي، سنڌي جا سڀ لهجا درست آهن، پر ڪنهن تاريخي سبب ڪري ڪو هڪ لهجو علمي، ادبي،درسي، معياري درست لهجي طور مقرر ٿيل آهي، ان تي اجائي ٽيڪا ٽپڻي سنڌي ٻوليءَ جي مفاد ۾ ناهي، جيڪڏهن اڄ اهو معياري قرار ڏنل لهجو بدلائي ڪو ٻيو بہ رکبو تہ سڀاڻي اڃا ٽئين لهجي وارا ان کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ اهو سلسلو الائجي ڪٿي دنگ ڪندو. ٻوليءَ جا سڀ لهجا اسان جا پنهنجا آهن، سنڌي ٻوليءَ جا عالم بہ سڀ قابل عزت آهن. انهن کي "حيدرآبادي"، "اترادي"، "لاڙي" چوڻ واروعمل

ٻـ درست ناهي. جيڪڏهن مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر فهميده "حيدرآبادي" آهن، تہ شاهہ لطيف ڪهڙي خاني ۾ فٽ ڪبو؟ ان جي ٻوليءَ جي ڪهڙي حيثيت ٺهندي؟ انهن جي لاءِ اِن انداز ۾ سوچڻ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بهتر نہ ٿيندو!

هاڻي اچون ٿا محترم الطاف جوکيي جي پاران ڏنل مثالن تي. 'سنڌي ٻولي جرنل' ۾ صفحي 51 تي لکي ٿو:

"مرڪب صورت وارا لفظ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ اهڙن لفظن تي مشتمل هوندا آهن، جيڪي خيال/ تصور ۾ هڪ هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن قسمن جا مرڪب صورت وارا لفظ جاچيا ويا آهن:

1- **کليل مرڪب صورت وارا:** اهڙا لفظ جيڪي الڳ الڳ لکيا ويندا هجن، جيئن: سنئون سڌو ڍڳي ڳاڏي، دال روٽي، ڄاڻي ٻجهي، مهمان مڙو پاڇي پتي، اتر واءُ، چڱو ڀلو آتم کهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، لڏ پلاڻ، جڳ مشهور، ٽڏو مٽو ڦوهہ جواني، خدا پرست، خدا ترس وغيره.

2- **ڳنڍيندڙ ليڪ سان مرڪب لفظ:** اهڙا لفظ جيڪي ڳنڍيندڙ ليڪ سان الڳ لکيا ويندا هجن، جيئن هڪ – اڌ، ٻـ ـ اکري، ٻہ – اڍائي، يڪ – طرفي، يڪ – مشت، دو– چشمي، ورڻ – مالا، وغيره.

3- **مستقل مرڪب لفظ:** اهڙا لفظ جن کي گڏي هڪ لفظ ڪري لکيو ويندو هجي، جيئن ڪلمڪ، ڪٽمنڙو اڳڪٿي، هڪدم، آسپاس، پنيرائي، چڱيلائي، پوروچوٽ، گڏوگڏ، آپگهات، مهمانوازي، پوئلڳ، پيچڪڙي، سالگره، گهٽگهرو، افراتفري، صورتخطي، آمدورفت، خوبصورت، تندرست، فرمانبردار، رحمدل، يڪتارو، رهائشگاهہ وغيره. (ص 51_52)

جيڪڏهن مٿين ورهاست کي سامهون رکي غور ڪجي ته پهرئين قسم جي لفظن ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جيڪي مرڪب لفظن بدران ٻٽا لفظ آهن. مشهور تعليمي ماهر جناب غلام قادر سومرو پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت" ۾ لکي ٿو:

"ٻٽا لفظ: ٻٽا معنيٰ ٻٽ (گڏ) ٿي ڪم ايندڙ لفظن جا اهڙا جوڙا هڪٻئي جا جوڙيوال هوندا آهن ۽ گڏجي ڪم ايندا آهن. اهڙا لفظ پاڻ ۾ پيچي/ سلهاڙيل، ٻيل (ٻيلهه) ٻڌل هوندا آهن" (ص13)

وري اڳتي لکي ٿو:

"ٻٽا لفظ جيڪي جدا نه ٿيندڙ جوڙا هوندا آهن، سي هڪ ٻئي کي پر/ ٽيڪ وٺائڻ ۽ مفهوم کي ڀرپور ۽ واضح بنائڻ ۽ عبارت کي سهڻو سجيلو بنائڻ لاءِ ڪم ايندا آهن، جوڙيدار لفظن مان پويون لفظ (مثال، ڏک ڏوجهرا يا ڏوجهرا ڏک) پهرئين لفظ کي پرجهلائيندڙ (Supporting) هوندو آهي. ٻنهي لفظن جي ميلاپ سبب اسلوب اظهار (Mode of expression) موثر مفهوم واضح ۽ نقطءُ نظر زوردار بنجي وڃي ٿو. انهن جي قسمن ۾ هم معنيٰ (Synonyms) متضاد (Antonyms) ۽ واڌو زائد يا مهمل (Redundant/ excessive) قسم هوندا آهن."

مٿئين وچور ڪانپوءِ سومري صاحب لفظن جون لڙيون ڏنيون آهن، جن جي ورهاست هن ريت ڪري سگهجي ٿي.

1- پهرئين قسم جي لفظن ۾ گهڻو ڪري ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ هوندا آهن مثلاً لڳ لاڳاپو سچو سڪو طور طريقو قاعدو قانون، سنئون سبتو. اهڙا لفظ تمام گهٽا آهن.

2- ٻئي قسم ۾ معنيٰ ۾ ابتڙ لفظن جا جوڙا اچن ٿا، جن ۾ عام مروج ڪيترا لفظ آهن. مثلاً: ايرو سيرو، ڏي وٺ، اچ وڃ (آمدو رفت) اٿ

ويهه، لهه چڙهه وغيره.

3ـ ٽئين قسم جي لفظن ۾ ڪو هڪ لفظ بظاهر بي معنيٰ لڳندو، پر جوڙي ۾ لفظ کي زور وٺرائيندو آهي. جيئن سچو پچو سوڪڙي سڙي، پاڇي پتي، چوري چڪاري، ٽانو ٽپا، پاٽي ٻاٽي وغيره.

هاڻي ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي ڏنل وصف موجب جوکيي صاحب جي پهرئين نمبر تي ڏنل لفظن کي ڏسجي ته انهن مان ڪي ته هڪٻئي کي پر ڏيندڙ هم معنيٰ (Synonyms) آهن، جيئن سنئون سڌو ٽڏو منو چڱو ڀلو ڄاڻي ٻجهي (ڄاڻ ۽ ٻُجهه هم معنيٰ لفظ آهن) لڏ پلاڻ وغيره. ٻيا اهڙا به آهن، جيڪي مهمل (Redundant) واري قسم جا آهن. جن ۾ اصل لفظ سان هڪ ٻيو لفظ شامل ڪري، ان کي زوراڻتو ڪيو آهي. اهڙن لفظن ۾ جوکئي صاحب "پاڇي پتي، مهمان مڙو وغيره لفظ ڏنا آهن. باقي رهيل لفظ مرڪب چئي سگهجن ٿا، جو ته اهي به لفظ ملي، هڪ بامعنيٰ لفظ ناهين ٿا. جيڪي ٻوليءَ جي مجيل لفظن طور لغت ۾ به شامل ڪيا ويندا آهن، جن ۾ اتر واءُ، آتم ڪهاڻي، انگ اکر، پانهن ٻيلي، خدا پرست ۽ خدا ترس وغيره شامل آهن، جڏهن ته "ڏڳي ڳاڏي"، "دال روٽي"، "ڦوهه جواني" لفظن جا اهڙا جوڙا آهن، جن جي اصطلاحي طور هڪ معنيٰ ٺئي ٿي، پر اهي مرڪب لفظ نٿا چئي سگهجن.

ٻئي نمبر تي جيڪي لفظ ڏنا ويا آهن، اهي ڳنڍيندڙ ليڪ وارا ڇپيا ويا آهن. به – اکري، ٽيهه ـ اکري، ورڻ ـ مالا ، الف ـ ب ، شمسي ـ قمري ته قبول ڪري سگهجي ٿو (اڄڪلهه اهي ڳنڍيدڙ ليڪ کانسواءِ ٽيهه اکري، ورڻ مالا، الف بي طور لکيا وڃن ٿا) پر هڪ – اڌ، ٻه ـ اڍائي، زيرون ـ زبرون، ڏندن ـ چپ ڳاڏئون کي مرڪب لفظن ۾ ڪيئن ڳڻبو؟ جڏهن ته يڪطرفي، يڪمشت وغيره هاڻي به گهٽو ڪري گڏي لکيا وڃن ٿا. هن لسٽ ۾ هڪ لفظ "واو ـ ويچو" دراصل ٻنهي لفظن ۾ اصل لفظ پٺيان مهمل لفظ جي جوڙڻ جو مثال آهي.

ٽئين نمبر تي ڏنل مستقل مرڪب لفظن جي لڙيءَ ۾ لفظ "هڪدم" – يڪدم ، يڪمشت، يڪتارو (ٽئين قسم) واري ساڳي دائري/

ڪيتيگريءَ جو لفظ آهي. ڪي لفظ منجهن ا، و، ر، د، ڊ، ڏ وغيره هئڻ سبب جوڙي ملائي لکڻ بدران ڌار ڌار لکيا ويندا آهن. جيئن: "ڊانوانڊول"، "پور وچوٽ" يا "انگ اکر"- مثال طور "انگ اکر" ٻه جدا لفظ آهن، جن کي گڏي رکيو آهي، پر ملائي "انگاکر" نٿو لکي سگهجي، ڇو ته اتي ٻئي الف جي حيثيت آ سُر واري نه، پر پهرئين الف وانگر ئي (آ) ساڳي حيثيت آهي، جنهن کي ڪن پراڻن وياڪرڻين وَ يِ يَ وانگر وينجن (Consonant) وارو درجو ڏنو آهي. باقي گهڻا لفظ اڳياڙين پڇاڙين سان ٺهيل مرڪب لفظ آهن.

هن وقت صورتخطيءَ جي حوالي سان جن مرڪب لفظن بابت مونجهارا آهن، انهن مان پهريون معاملو آهي، ضميري صفتن جو جيڪي ضمير ۽ حرف اضافت جي ملائڻ سان ٺهن ٿيون، 'منهنجو'، 'تنهنجو'، 'پنهنجو'، 'اسانجو'، 'توهانجو' ۽ 'هننجو' وغيره. انهن لفظن مان پهرين ٽن لاءِ ڇيو وڃي ٿو ته ڇاڪاڻ جو انهن ۾ ضمير 'مُنهن'، 'تُنهن'، 'پنهن'، آزاد صورتن ۾ استعمال نٿا ٿي سگهن، ان ڪري انهن کي گڏي لکڻ گهرجي، باقي ٻين کي ڌار لکڻ گهرجي.

ياد رکڻ گهرجي ته اهي سمورا ضمير پنهنجي "حالت جريءَ" / اضافت ۾ آهن، جن جون فاعلي حالتون 'آءٌ/ مان'، 'تون'، 'هيءَ/ هو'، 'اسين، توهين' ۽ 'هي/ هو' آهن، جن جي اضافت واري يا جري حالت 'مون'، 'تو'، 'هن'، 'اسان'، 'توهان' ۽ 'هنن' ٿيندي آهي. سنڌي گرامر ۾ بناوٽ جو اصول آهي ته ڪو به حرف جر يا حرف اضافت ڪڏهن به لفظ (اسم يا ضمير) جي فاعلي حالت ۾ ڪو نه جڙندو بلڪ مفعولي، جري، اضافت اپادان واري حالت ۾ جوڙيو ويندو آهي. 'آءٌ / مان جو'، 'تون جو'، 'هي جو' (واحد ۾) ۽ 'اسين جو'، 'توهين جو' يا 'هو جو' (جمع ۾) ڪڏهن به ڪو نه ٺهندا. ساڳيءَ ريت ضمير مشترڪ "پاڻ" اضافت/ جري حالت ۾ ڦري "پان" يا "پنهن" ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري "جو" حرف جر جي اضافي سان اهو لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ "پانجو" يا "پانهجو" ۽ حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس ۽ مٿي اتر ڏانهن "پنهنجو" استعمال ٿيندو آهي. مثال

هي منهنجو پنهنجو گهر آهي. (خود جو)

هل تہ پنهنجي گهر هلون. (جمع ۾ 'اسان جو' مفهوم اٿس)

هو پنهنجي گهر ويو آهي. (خود جي گهر)

انهيءَ سبب مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر الانا، ان کي ضمير مشترڪ ("پاڻ" جي حالت اضافت واري صورت طور) سڏيو آهي، جنهن تي جوکيو صاحب تنقيد ڪري ٿو ۽ اهو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ ڪو اهو مشترڪ ضمير آهي. (ص 67_68 سنڌي ٻولي جرنل جولاءِ-ڊسمبر 2011). منهنجي خيال ۾ اها ضمير مشترڪ جي حالت اضافت ٿي سڏبي، بلڪل ائين ٿي جيئن اسم جي حالت ڪهڙي بہ هجي، اهو اسم ٿي رهندو. فاعلي: ڇوڪرو، جري: ڇوڪري کي، اضافت: ڇوڪري جو اپادان: ڇوڪري کان وغيره. سمورين بناوتن ۾ 'ڇوڪرو' لفظ جون سيئي ڦريل صورتون اسم ٿي سڏبيون ۽ وياڪرڻي ڇيد ۾ ان جي ڪهڙي بہ جاءِ هجي (فاعل يا خبر ۾) اهو اسم ٿي رهندو ساڳيءَ ريت ضمير، ضمير ٿي رهندو. جوکيي صاحب جو اهو چوڻ تہ "ضمير مشترڪ اهو ضمير، جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم اچي، جيئن: 'آءٌ خود توسان ملڻ لاءِ ايندس'، 'تون خود اهو ڪم ڪري اچ'. (ص 68) مثالن مان ٿي غلط ثابت ٿئي ٿو ڇو تہ هنن جملن ۾ "آءٌ" ضمير خالص مفعولي نہ، پر فاعلي حالت ۾ آهي، ساڳي صورت "خود" بدران "پاڻ" لڳائڻ سان ٿيندي. ساڳيءَ طرح "پان"، "مون" ۽ "تو" وارين صورتن سان لاڙ ۾ بدين ۽ ڪوهستان واري پاسي 'پانجو'، 'مون جو'، 'تو جو'، چون، جڏهن تہ حيدرآباد جي آس پاس ۽ مٿي اتر طرف اهي "پنهنجو"، "منهنجو" ۽ "تنهنجو" آهن. پر اجا مٿي وڃبو تہ اترادي لهجي ۾ متڪلم جي فاعلي، مفعولي توڙي ٻين حالتن ۾ هڪ ٿي لفظ "مان" استعمال ٿيندو آهي، ان ڪري اتي "مان جو" چون. "مُنهن"، "تُنهن" ۽ "پنهن" جي صورتن کانسواءِ باقي سمورين جري يا مفعولي صورتن ۾ ڪو بہ حرف جر/ اضافت لڳائي ڏسو تہ جري يا اضافت واري حالت ۾ لفظ جون صورتون واضح ٿي وينديون.

مثال: حالت جري: 'مون کي'، 'توکي'، 'هن کي'، 'اسان کي'، 'توهان کي'، 'هنن کي'، 'مون ۾'، 'تو ۾'، 'هن ۾'، 'اسان ۾'، 'توهان ۾'، 'هنن ۾'.
حالت اپادان: 'مون سان'، 'تو سان'، 'هن سان'، 'اسان سان'، 'توهان سان'، 'هنن سان'، 'مون کان'، 'توکان'، 'هن کان'، 'اسان کان'، 'توهان کان'، 'هنن کان'. (پاڻ کي، پاڻ ۾، پاڻ سان، پاڻ کان وغيره پڻ ان طرح جون بناوٽون آهن).

هتي اها وضاحت ڪرڻ بہ ضروري ٿي سمجهان تہ ڪتاب ''آيئے سندھی سیکھیں'' ۾ لفظ "آءٌ" بدران "مان" استعمال ڪرڻ کي محترم جوکيي جواز بنائي اها تنقيد ڪئي آهي تہ

> "ڇاڪاڻ تہ لفظ "آءٌ" لاڙي/ حيدرآبادي لفظ آهي، جنهن ۾ جملي جي نوعيت سبب ڦيري جي سگهہ ڪانهي، ان حوالي سان وچولي موجب "مان"، "مون" ۽ "منهن" جون صورتون ئي معياري ڄاتيون وڃن. ٻوليءَ جي مزاج ۽ علمي معاملن مطابق، خود حيدرآبادي عالم پڻ 'مان' جو لفظ ضمير متڪلم طور ڪم آڻيندا آهن. جيڪا سندن مجبوري پڻ هوندي آهي. اهڙا مثال ''آیئے سندھی سیکھیں'' ۾ ڊاڪٽر فهميده صاحبہ پڻ ڏنا آهن".

پهرين ڳالهہ تہ غيرسنڌين کي سنڌي سيکارڻ لاءِ 'مان' جي استعمال جو مقصد صرف ۽ صرف اردودان طبقي يا ٻئين سکندڙن کي سندن ٻوليءَ جي لفظن سان ويجهڙائي رکندڙ لفظ کان مانوس ڪري آساني پيدا ڪرڻ هو. "مان" ضمير متڪلم بہ منهنجي پياري ٻولي سنڌيءَ جو لفظ آهي، آءٌ ان کي استعمال ڪرڻ غلط نٿي سمجهان. ائين ئي "آءٌ" کي غلط ثابت ڪرڻ بہ مناسب ڪونهي، ڇو تہ اهو بہ منهنجي پياري ٻولي سنڌيءَ جو لفظ آهي. سنڌي ٻولي سکندڙن لاءِ آساني پيدا ڪرڻ واسطي انهن سبقن ۾ نحوي بناوٽن جي حوالي سان خالص اترادي بناوٽون بہ سيکاريون ويون، جڏهن تہ وچولي، ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ انهن جي معنيٰ ڦري ٿي وڃي، مثال طور:

زمان حال استمراريءَ جي جملي ”میں آرہا ہوں“ جو ترجمو ”مان اچي رهيو آهيان“ ڪيو ويو يعني معياري لهجي کان هٽيل بناوت سيکاري وئي. جڏهن ته معياري لهجي ۾ انهيءَ استمراري جملي جو ترجمو ”آءٌ/مان اچان پيو“ ڪرڻ گهرجي ها، پر ڇاڪاڻ جو اها بناوت اردو جملي جي بناوت سان وڌيڪ هڪجهڙائي رکندڙ هئي، ان ڪري ان کي ترجيح ڏنم. اچا به دادوءَ واري پاسي ”مان اچان ٿو پيو“ واري بناوت به مروج آهي، جيڪا وچولي جي لهجي کان بلڪل مختلف آهي، ان ۾ هڪ وقت به معاون فعل ”ٿو“ ۽ ”پيو“ استعمال ٿيل آهن. انهن سيني پيارن لهجن مان جنهن لهجي جي بناوت اردوءَ کي ويجهي هئي، مون اها سيکاري، جو ته اسان جو مقصد سنڌي ٻولي سيکارڻ آهي، نه ڪي سنڌيءَ جي لهجن بابت اجائي غلط بحث ۾ پوڻ.

هاڻي واپس اچون ٿا متين لفظن کي گڏ يا ڌار لکڻ واري معاملي تي. جيڪڏهن لفظن جي وياڪرڻي حيثيتن کي معيار بڻائجي ته پوءِ اصولاً ”جو“ حرف اضافت لڳايل سمورا ٻروس لفظ ضميري صفتن هئڻ سبب گڏ لکڻ گهرجن. جيڪڏهن صرف ٻروس صورتون، مُنهن، ٿُنهن يا ڀنهن کي ”جو“ سان گڏي لکجي ۽ باقي آزاد صورتون رکندڙ ضميري صفتن وارا لفظ ڌار ڌار لکجن ته معاملو صرف 'هن جو'، 'اسان جو'، 'توهان جو' کي به گڏي لکڻ بابت بچي ٿو ساڳيائپ (uniformity) رکڻ لاءِ انهن کي گڏي لکڻ جي ڳالهه ڪجي ته ان ۾ ڪهڙو حرج ٿي سگهي ٿو. ان ڪري فيصلو ٿيڻ گهرجي ته ضميري صفتون سڀ گڏي لکڻ گهرجن. باقي ٻين حرف جر وارن مثالن مان ' اسان کي'، 'توهان کي'، 'هنن کي' ملائي لکڻ کان پوءِ انهن جي هڪ لفظ واري حيثيت ڪانهي، ان ڪري اهي پلي ڌار لکجن.

رهي ڳالهه 'ٿنهن جو'، 'ڄنهن جو'، 'ڪنهن جو' بابت، انهن مان 'ڪنهن' لفظ ”ڪو“ ضمير مبهم جي مفعولي صورت آهي. باقي ٻن لفظن مان 'جنهن' صورت آهي ”جو“ ضمير موصول جي ۽ 'تنهن' ”سو“ ضمير جواب موصول جي مفعولي صورت آهي، جيڪي ٻروس نه پر آزاد صورتون آهن، جن ۾ حرف اضافت يا ڪو به حرف جر ڳنڍڻ سان جيڪي لفظ ٺهن،

اهي ملائي لکڻ جو معاملو بہ ساڳيو ئي آهي، اهو بہ سوال حل ٿيڻ گهرجي. اهو بہ ڏسڻ گهرجي تہ پاڻ ۾ ملڻ کانپوءِ نهندڙ لفظ ڇا پنهنجي جدا وياڪرڻي حيثيت رکي ٿو؟

لفظن جا مٿيان ٻئي قسم فيصلي لائق سمجهڻ لاءِ مون وٽ هڪ دليل آهي. جيڪڏهن لفظن جون آزاد صورتون ڌار ڌار لکڻ جو دليل قبول ڪجي تہ پوءِ 'جنهن جو' ۽ 'تنهن جو' وانگر 'جنهن ڪري' ۽ 'تنهن ڪري' بہ ڌار لکڻ گهرجن، پر عالمن صرف پوين ٻن کي گڏي لکيو آهي ۽ اهڙي سفارش بہ ڪن ٿا. آخر انهن لفظن جي وياڪرڻي حيثيت ڪهڙي آهي؟

مٿين ڳالهين جي بنياد تي منهنجي ناقص راءِ اها آهي تہ:

(الف) سمورا اهي لفظ جيڪي گرامر موجب ويا ڪرڻي حيثيت ۾ هڪ منفرد لفظ طور ڳالهائڻ جا جزا (Parts of speech) هجن، اهي گڏي لکڻ گهرجن. پوءِ ڀلي اهي ٻروس جزن مان ٺهيل هجن يا آزاد صرفين مان- ان ريت سموريون ضميري صفتون گڏي لکجن. 'منهنجو'، 'تنهنجو'، 'پنهنجو'، 'اسانجو'، 'توهانجو'، 'ڪنهنجو'، 'هننجو' وغيره.

جڏهن تہ 'مون کي'، 'توکي'، 'پاڻ کي'، 'اسان کي'، 'توهان کي' (۽ ٻين حروف جر سان) ڌار لکجن، ڇو تہ اهي بہ جدا جدا لفظ گڏجي ڪو هڪڙو نئون ڳالهائڻ جو جُز نٿا ٺاهين. (هن مسئلي تي محترم تاج جويي پنهنجي اها راءِ ڏني تہ جيتوڻيڪ اصولاً اها ڳالهہ درست آهي تہ بہ پاڻ 'اسانجو'، 'توهانجو'، 'ڪنهنجو' ۽ 'هننجو' کي گڏي لکڻ سان اختلاف رکي ٿو.)

(ب) " جنهن، تنهن"، سان جيڪڏهن "ڪري" گڏجڻ سان ڌار وياڪرڻي لفظ (جيڪي لغت ۾ بہ جاءِ رکندا هجن) ٺهي پون ٿا تہ اهي بہ گڏي لکجن. 'جنهنڪري' ۽ 'تنهنڪري' گرامر ۾ حرف جملي جي حيثيت رکن ٿا. البتہ 'جنهن کي'، 'تنهن کي' يا 'جنهن سان'، 'تنهن سان'، 'جنهن کان'، 'تنهن کان' وغيره جي ڌار انفرادي

لفظ واري حيثيت ڪانهي، ان ڪري جدا لکبا.

(ب) ان ڪانپوءِ مسئلو رهي ٿو "ڪان پوءِ" يا "ڪانپوءِ" جو ۽ "ڪان سواءِ"يا "ڪانسواءِ" جو. هاڻي "ڪان" "سواءِ" يا "ڪان" "پوءِ" لاءِ به جيڪڏهن ساڳيو اصول ونجي ته 'ڪانسواءِ' ۽ 'ڪانپوءِ' جي حيثيت گرامر ۾ ظرف واري بيهي ٿي، ان ڪري گڏ لکڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي، جيئن فارسيءَ ۽ اردو ۾ 'ازانسواءِ' به لکندا آهن. "ڪان"، "سواءِ" ۽ "پوءِ" ڌار آزاد صورتون به آهن. (مثال: سواءِ تنهنجي ٻيا سڀ اتي موجود هئا) پر گڏ ٿيڻ ڪانپوءِ نهندڙ نوان لفظ (ظرف) ڳالهائڻ جا جزا (Parts of speech) به آهن، جيئن انگريزيءَ ۾ without ۽ hereafter جا لفظ نهيل آهن.

ان بحث ۾ سائين محمد ابراهيم جويي پاران مون کي اها راءِ ڏني وئي ته جيڪڏهن ان اصول موجب گڏي لکبو ته پوءِ ڇا "ڪان وٺي" ۽ "ڪان اڳ" ۽ "ڪان مٿي" کي به گڏي لکبو ڇا؟ اهو سوال واقعي منجهائيندڙ آهي، انهيءَ کي انگريزي ۾ ڏسبو ته "ڪان اڳ" لاءِ ته (before) ظرف ملي ٿو باقي ٻئي بناوتون ظرف طور مرڪب صورت ۾ نٿيون ملن. منهنجي ناقص راءِ ۾ ته "ڪان اڳ" ۽ "ڪان وٺي" به ڌار ڌار لفظ گڏجي هڪ ويا ڪرڻي لفظ (Part of Speech) ناهين ته ڇو نه ٿا لکي سگهجن.

اهڙيءَ ريت "جي" ۽ "ڪڏهن" به ڌار آزاد لفظ گڏجي هڪ نئون لفظ "جيڪڏهن" (حرف جملو) ناهين ٿا، "جي" + توڻي +"ڪ"- "جيتوڻيڪ"، "ايسين" + "تائين"= "ايستائين"، "جيسين" + "تائين" مان "جيستائين"، "تيسين" + "تائين" مان "تيستائين" جهڙا لفظ جيڪي آزاد يا پروس جزن تي مشتمل لفظ آهن ۽ لغت ۾ به موجود آهن ته گڏي لکبا.

(ت) انهن ڪانسواءِ اڳياڙين پڇاڙين وارا سمورا لفظ گڏي لکجن، ڇو ته اهي به هڪ نئون لغت جو لفظ جوڙين ٿا. جيئن 'بيوس'، 'اڻوڻندڙ'، 'عقلمند' ۽ 'زوردار'.

(ٿ) جن لفظن جي وچ ۾ ننڍڙي ڳنڍيندڙ ليڪ ڏني وڃي ٿي، اهي هاڻي

گهڻو ڪري گڏي تا لکيا وڃن ۽ ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻ وارن جو خيال آهي ته اها ليڪ لکڻ جي رواني ۽ رفتار کي به گهٽائي ٿي، ان ڪري ان ليڪ کي خارج ڪيو وڃي.

"ٻه – ٻهري"، "ٻه– رنگو"، "ٽه – ٻٽائي"، "هم – زلف"، "هم – معنيٰ" کي "ٻهري"، "ٻه رنگو"، "ٽپٽائي"، وغيره لکڻ درست ٿيندو ۽ "هم زلف"، "هم معنيٰ" لکڻ ۾ ڀلا ڪهڙو حرج آهي؟

جيئن اڳي انگريزيءَ ۾ به ڌار ڌار لکيا ويندڙ لفظ هاڻي گڏي لکيا تا وڃن ۽ گرامر ۽ لغت ۾ انفرادي حيثيت جا حامل آهن، جن ۾ herewith, thereby, thereafter, outside, inside, downstairs, wherever, whenever, throughout وغيره شامل آهن. (پر بقول سائين ابراهيم جويي جي ضروري ناهي ته اسين به انگريزيءَ جي پوئواري ڪريون). پر سنڌي پنهنجو رستو ته وٺي سگهي ٿي.

**نتيجو:** اهڙا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ لفظ جيڪي ڌار ڌار آزاد صرفيا هجن ۽ جدا لفظن طور به استعمال ٿيندا هجن يا هڪ آزاد ۽ ٻي پروس صورت هجي، پر جڏهن گڏجن ته هڪ نئون لغت جو وياڪرڻي حيثيت رکندڙ لفظ ٺهي پوي، جيڪو ڳالهائڻ جو جز (Part of Speech) به هجي ته هڪ ايڪي طور (مرڪب يا پيچيده) ان کي گڏي لکڻ درست ٿيندو.

ٻيا اهي لفظ جيڪي ڪنهن آزاد يا پروس صورت ۾ اڳياڙين پڇاڙين جي ڳنڍجڻ سان ٺهن ۽ انهن جي پنهنجي وياڪرڻي حيثيت به هجي ته اهي به گڏي لکجن.

البت لفظن جا جوڙا يا ٻٽا لفظ جيڪي هڪ ٻئي کي زور وٺائڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن، انهن کي ڌار ڌار لکڻ بهتر ٿيندو. جيئن: لڳ لاڳاپو چاڻي ٻجهي، سنئون سڌو (Synonyms) ابتو سبتو، ڏي وٺ، اچ وڃ، لاها چاڙها (Antonyms) مهمان مڙو پاڄي پتي، ٽانو ٽپا (مهمل (Redundant) وغيره.

هن موضوع تي اڃا بہ بحث جي گنجائش نڪرندي هجي تہ استاد، عالم ۽ ٻوليءَ جا ماهر "سنڌي ٻولي"جرنل ۾ پنهنجا ويچار ونڊي اسانجي رهنمائي ڪري سگهن ٿا.

## مددي ڪتاب


1ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2005ع.

2ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1993ع.

3ـ جتوئي علي نواز، علم لسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1996ع.

4ـ جويو تاج، سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع.

5ـ جويو تاج، سنڌي ٻولي جرنل (مقالو: الطاف جوکيو)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، جولاءِ ـ ڊسمبر، 2011ع

6ـ جيٽلي مرليڌر، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ پريشد، دهلي، 1993ع.

7ـ فهميده حسين، 'آئيي سنڌي سيکين'، سنڌي لئگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010ع

# صورتخطيءَ ۽ هِجي جو علم Orthography

سنڌ بابت لکندي ڪيترن مؤرخن، سياحن ۽ ٻين عالمن سنڌي ٻوليءَ کي ڌار ڌار نموني لکڻ جو بيان ڪيو آهي. جاحظ کان البيرونيءَ تائين اهڙا احوال ملن ٿا، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ مختلف صورتخطيون هلندڙ هيون. البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي لفظن جا اچار عربي رسم الخط ۾ لکيا. ابوالحسن جي سنڌيءَ کان انگريزن جي مقرر ڪيل صورتخطيءَ تائين عربي- سنڌيءَ ۾ گهڻائي سڌارا واڌارا پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڊاڪٽر ٽرمپ سرڪاري طور مقرر ڪيل صورتخطيءَ تي وڏي تنقيد ڪئي ۽ 1853ع ۾ صورتخطيءَ جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ 1855ع ۾ عملي طور ان جي رائج ٿيڻ کان به پوءِ 1866ع ۾ سندس ڇپايل رسالي ۾ اڃا مختلف صورتخطي ملي ٿي ۽ 1872ع ۾ ڇپيل سندس گرامر جي ڪتاب ۾ به هن پنهنجي تجويز ڪيل صورتخطي استعمال ڪئي. بهرحال درسي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۽ اسڪولن ۾ ان جي رائج ٿيڻ کان پوءِ اهڙو تنقيد جو سلسلو ڪجهه قدر جهڪو ٿيو.

بعد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۽ لفظن جي درست هِجي بابت اِيياس ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي سنڌي لپي هڪ ڀيرو مروج ٿي وئي ته پوءِ ان تي تنقيد ڪرڻ ۽ اکرن کي گهٽ وڌ ڪرڻ بابت ڳالهائڻ يا لکڻ کي ڪڏهن به پسند نه ڪيو ويو جن عالمن تنقيد ڪئي، انهن تي انهيءَ تنقيد سبب تنقيد ڪئي وئي ۽ هڪ وقت اهڙو به آيو جو ان موضوع تي علمي بحث ڪرڻ يا لساني اصولن مطابق اختلافي راءِ ڏيڻ کي ٺيڪ سمجهيو ويو بلڪ عقيدي جي حيثيت ڏئي ان ۾ ڪابه درستي ڪرڻ جي گنجائش ئي نه ڇڏي وئي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو به اهڙو خيال هو ته ”صورتخطيءَ جي مسلسل سڌاري واڌاري ڏانهن گهٽ توجهه سببان ڪافي اوڻايون پيدا ٿيون“. اهو هڪ قسم جو غيرعلمي رويو آهي،

جيئڪو جديد علمن جي روز بروز ترقيءَ سان بدلجڻ گهرجي.

ٻولين جي لکيت يا Orthography هڪ وڏو علم آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ خاص لپيءَ (writing system) کي استعمال ڪري معياري علامتون (اکر_ حرف) استعمال ڪيون وينديون آهن. ان علم جو تعلق گهڻو ڪري هجي (spelling) سان بہ هوندو آهي، جيڪا دراصل ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظ ۾ موجود آواز/ صوتيي (phoneme) ۽ ان جي تحريري صورت (grapheme) جي تعلق ذريعي جڙندي آهي.

> Orthography is a standardized way of using a specific writing system (script) to write a language_ where more than one system is used for a language, there can be more than one orthography. It generally refers to spelling, that is the relationship between phonemes and graphemes in a language.

لسانيات ۽ خاص ڪري آرٿوگرافيءَ جي ماهرن جو خيال آهي تہ اصل ۾ آدرشي صورت تہ اها هئڻ گهرجي تہ هرهڪ صوتيي (phoneme) لاءِ هڪ ئي اکر (grapheme) مقرر ٿيل هجي. پر گهڻو ڪري سمورا هِجي جا نظام يا سرشتا غير صوتيتي (non phonemic) ڏٺا ويا آهن. سنڌيءَ ۾ صوتيي جي وصف لاءِ محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڪتاب 'علم صوتيات' ڏسي سگهجي ٿو جناب علي نواز جتوئيءَ بہ پنهنجي ڪتاب "علم اللسان ۽ سنڌي زبان" ۾ ان ڳالهہ کي سمجهايو آهي. صوتيات جي مغربي ماهرن جو چوڻ آهي تہ:

> Phoneme is the smallest semantically distinguishing unit in a written language. It does not carry meaning by itself.

يعني صوتيو ڪنهن لکيل ٻوليءَ ۾ ننڍي ۾ ننڍو معنوي فرق آڻيندڙ ايڪو آهي، جنهن جي پنهنجي ڪا معنيٰ ڪانہ هوندي آهي.

جڏهن تہ grapheme جي وصف هن ريت ڪن ٿا:

> Graphemes include alphabetic letters... Chinese characters, numerical digits, punctuation marks and the individual symbols of any of the world writing systems.

Graphemes ۾ الف ب جا اکر اچي ٿا وڃن. چيني ٻوليءَ جا مخصوص اکر، انگ، بيهڪ جون نشانيون ۽ دنيا جي لکتن جون علامتون انهيءَ وصف ۾ اچن ٿيون.

اها ڳالهہ مڃيل آهي تہ اصولاً تہ هرهڪ صوتيي لاءِ هڪ ئي اکر (grapheme) مقرر هئڻ گهرجي (ايئن هجي ها تہ ٻولين سکڻ ڏاڍيون سوليون ٿي پون ها.) ڪابہ هڪ ٻولي اها دعويٰ نٿي ڪري سگهي تہ اُن ۾ موجود سڀ لفظ خود سندس ئي ڄڻيل آهن. بلڪ اها پاڻ سان لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻولين جا لفظ اڌارا (loanwords) وٺندي رهي ٿي. ان ڪري اهي لفظ پنهنجا آواز صوتيا ۽ اکر بہ پاڻ سان کنيو اچن. ايئن هر لفظ ٻوليءَ جي پاران قبول ٿيڻ باوجود پنهنجو رنگ ڍنگ کنيو اچي. جيتوڻيڪ هڪ آواز لاءِ گهڻين نشانين هئڻ سان نون سکندڙن يا شاگردن جي ابتدائي درجن ۾ منجهڻ جو امڪان هوندو آهي، پر ڪوشش جي باوجود هجيئن ۾ شعوري سڌار (spelling reforms) ڪامياب نہ ٿا ٿين.

انگريزيءَ جو ئي مثال وٺو 'ف' جي آواز لاءِ هنن وٽ ڪيترائي اکر (symbols) آهن: F, f, ff, ph, gh

ڪيپيٽل F خاص اسمن لاءِ: Fida ,Fahad وغيره

f جو استعمال fig ,fan يا fall ۾

| | | | |
|---|---|---|---|
| ff جو استعمال | offer ، | affiliation ، | difference |
| ph ـ | photo ، | graph ، | phone |
| gh ـ | laugh ، | tough ، | enough |

يا وري ساڳيوئي اکرن جو جوڙ مختلف آواز ٿو ڏيکاري. جيئن ough وارا لفظ مختلف اچار ٿا رکي سگهن. ان بناوٽ جو ڪٿي سُر تہ ڪٿي وينجن جو تاثر آهي.

| | | |
|---|---|---|
| though جو اُچار دو۔ | سُر جو آواز۔ | او |
| tough جو اُچار ٽف۔ | وينجن جو آواز– | ف |
| through جو اُچار ٿرُو۔ | سر جو آواز۔ | اُو |
| plough جو اُچار پلائو۔ | سُر جو آواز۔ | آئو |
| nought جو اُچار ناٽ۔ | سُر جو آواز۔ | آ (not وانگر) |
| thorough جو اُچار ٿارو۔ | سُر جو آواز– | او |

ساڳيءَ طرح سان ڪجھ ٻيا مثال پڻ هيٺ ڏجن ٿا:

ght جو استعمال 'ٽ' 't' جي آواز لاءِ

| | | |
|---|---|---|
| right | رائيٽ | (ٽ) |
| fight | فائيٽ | (ٽ) |
| draught | ڊراٽ | (ٽ) |
| bought | باٽ | (ٽ) |
| daughter | ڊاٽر | (ٽ) |
| laughter | لافٽر | (فٽ) |

مختلف بنياد ۽ اشتقاق etymology سبب ڪڏهن ڪڏهن ساڳي هِجي وارو لفظ مختلف لفظن ۾ مختلف نموني ٿو اچارجي.

| | |
|---|---|
| Conscience | Science |
| ڪانشنس | سائنس |
| Signature | Sign |
| سگنيچر | سائين |

سر آوازن لاءِ به مختلف بناوٽون استعمال ٿين ٿيون. مثلا 'اِي' جي آواز جون هي صورتون ڏسو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اِي | = | ee | _ | sleeve |
| اِي | = | ea | _ | leave_ seal |
| اِي | = | e | _ | even |
| اِي | = | ei | _ | seize_ ceiling |
| اِي | = | ie | _ | siege |
| اِي | = | eo | _ | people |
| اِي | = | e | _ | me |
| اِي | = | oe | _ | phoenix |
| اِي | = | ae | _ | paediatric |

ڊگهي 'اُو' سُر لاءِ صورتون ڏسو:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اُو | = | oo | _ | too |
| اُو | = | ue | _ | true |
| اُو | = | oe | _ | shoe |
| اُو | = | ew | _ | flew |
| اُو | = | ou | _ | you |
| اُو | = | ough | _ | through |

ساڳيون صورتون مختلف اچار ڏسو '_ ou'

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| او | = | مولڊ | _ | mould |
| اُ | = | شُڊ | _ | should |
| اَ | = | فيمَس | _ | famous |
| آئُو | = | لائوڊ | _ | loud |
| اُو | = | يوُ | _ | you |

ساڳيو وينجن مختلف آواز ڏيکاري سگهي ٿو. جيئن 'g' جا ٻه آواز 'ج' ۽ 'گ' ٿي سگهن ٿا. يا 'c' جا ٻه آواز ٿيندا آهن.

C – س ـ ڪ

cross – cat ـ ڪ جو آواز

'e' ملائڻ سان س جو آواز:

receive, nice, prince, face

'i' ملائڻ سان س جو آواز

cinema, cieling, city

'y' ملائڻ سان

cyst, cycle

سنڌيءَ ۾ پڻ اهڙا ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا: "ڀ"، "ڃ" ٻه اهڙا نشان/ اکر (grapheme) آهن، جيڪي هڪ آواز نه پر لفظ جي وڏيڪ آوازن جا اهڃاڻ آهن. ٻن لفظن 'ائين' ۽ 'مين' لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.

## Morpho-phonemic Orthography يا صرفئي صوتيي واري صورتخطي:

لفظ جي صورتخطي صرف آوازن ۽ اچارن موجب نه پر ڪڏهن ڪڏهن ان جي طي ٿيل وياڪرڻي بناوٽ جي اصول موجب به طي ڪئي ويندي آهي. مثال طور انگريزي لفظ آهي 'ڪيٽ' 'cat' ـ ان جو جمع ۾ اچار آهي 'ڪئٽس' cats ته ائين لکبو به آهي. ٻيو لفظ آهي 'ڊاگ' dog، اچار موجب جمع اٿس 'ڊاگز' 'dogz'– پر ڇوته جمع ۾ S ملائڻ جو اصول طي آهي، ان ڪري ان جو اچار 'ڊاگز' هئڻ جي باوجود 'dogz' نه پر معياري انگريزي اسپيلنگ موجب 'ڊاگس' dogs ڪيو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ انهيءَ اصول موجب 'ڪٽ' جو اترادي اچار 'ڪٽر' ٿي سگهي ٿو پر لکبو ٻنهي صورتن (ٽ ۽ ٽر لاءِ 'ٽ') 'ڪٽ'. ائين ٿي 'ڊاڪ' کي اتر ۾ 'ڊراڪ' چون پر لکبو 'ڊاڪ'.

هڪ ٻيرو جڏهن سرڪاري علمي طور ان معياري صورتخطيءَ کي قبول ڪيو ويو آهي، ان ڪري جڏهن ڊاڪٽربلوچ صاحب پنهنجي سمجهه مطابق ان ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ عملي طور قدم کنيو (ٽر ۽ ٽ، ڊر ۽ ڊ وغيره) ته ان کي قبول ڪونه ڪيو ويو ان جو سبب اهو هو جو اهو هڪ فرد جو فيصلو هو

ان تي ڪا ٻوليءَ جي ماهرن جي ڪميٽي ڪانہ ويٺي هئي. ان تي تنقيد ڪرڻ وارن ڏنو تہ ان ريت سنڌيءَ ڪي هر ماڻهو پنهنجي نموني لکندو تہ ان جي مرڪزيت ختم ٿي ويندي. ان ڪري ان کي رد ڪيو ويو. بهرحال سندس اهڙي ساڳي ڪوشش الف ب جي ترتيب (order) کي بدلائڻ واري بہ تنقيد هيٺ آئي. فائنل پاس اڳوڻا سنڌي پرائمري استاد موجوده ترتيب کي ناقص قرار ڏين ٿا ۽ تازو سنڌ اسيمبليءَ ۾ بہ ان جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو. اهڙا وڏا فيصلا (major decisions) ڪا ماهرن جي ٽيم ڪري تہ شايد اهڙي تنقيد کان بچي سگهجي ٿو.

انگريزي ٻوليءَ ۾ اهڙا سڌارا (spelling reforms) ڪرڻ لاءِ گهٽائي پيرا ڪوششون ڪيون ويون ۽ ڪنهن حد تائين امريڪي انگريزيءَ ۾ انهن تي عمل بہ ڪيو ويو ٿو ('color' ۽ 'foto') پر مجموعي طور ناڪامي پلئہ پئي اٿن.

اردوءَ ۾ پڻ اهڙيون ڪوششون پنجاهہ واري ڏهاڪي کان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڊاڪٽر عندليب شادانيءَ 1952ع ۾ "اردو املا (صورتخطيءَ) کي سؤلو بنائڻ جي مقصد سان ڪن آوازن کي اردو حروف تهجيءَ مان ڪيڏڻ جي ڳالهہ ڪئي. ان کان پوءِ بہ ڪيترائي پيرا اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون، پر ڊاڪٽر فرمان فتح پوريءَ تہ انگريزيءَ ۾ هڪ آواز لاءِ گهڻا اکر ۽ هڪ اکر مان گهڻن آوازن جو دليل ڪڍي ان تبديليءَ جي رٿ کي رد ڪري ڇڏيو. نہ صرف وينجنن (consonants) جي معاملي ۾ بلڪ سُرن (vowels) جي حوالي سان بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي. هن مثال ڏنا تہ لفظ ۾ جيڪي سر يا وينجن تحرير ۾ الڳ آهن، پر اُچار ۾ ساڳيا انهن کي بہ ڇيڙڻ جي ضرورت ڪانهي. مثلاً:

> "'هما' - 'شمع' جي آخر ۾ 'آ' جو آواز آهي پر لکڻ ۾ مختلف آهن.
>
> 'تالاب' ۽ 'طالب' ۾ 'ت' جو آواز آهي، پر لکڻ ۾ مختلف آهن.

> تنهن هوندي بہ انهن سان انهن جون معنائون بدلجن ٿيون ۽ لفظن جي اصليت بابت معلوم ٿئي ٿو. ان ڪري انهن تي بحث نہ ڪيو وڃي تہ بهتر."

اها ساڳي ڳالهہ هن وقت سنڌيءَ لاءِ ڪري سگهجي ٿي، پر ڏٺو وڃي تہ اصولي طور اهي شيون غلط هيون ۽ آهن ۽ انهن تي ڪچيءَ ۾ ئي غور ڪيو وڃي ها تہ چڱو پر ان وقت بہ عقيدي ڪي وچ ۾ آڻي ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ کان روڪيو ويو. چي: عربي نالا، عربي اصل جا لفظ پنهنجي اصليت ۽ معنيٰ وڃائي ويهندا۔ ڇا 'عبدالرحمان' کي انگريزي (رومن) ۾ Abdul Rehman ۽ عبدالله کي Abdullah لکڻ سان اهي مسلمان نٿا رهن؟ ڇا اسين سڀ پنهنجا عربي فارسي نالا انگريزيءَ ۾ ڪونہ لکندا آهيون. ائين ڪرڻ سان نالا غيرمسلم ٿيو وڃن ڇا؟ چيني مسلمان پنهنجا نالا چيني ٻوليءَ ۾ ڪونہ لکندا هوندا! ڪو انگريز مسلمان ٿيندو فرانس يا جرمنيءَ ۾ ڪير اسلام قبول ڪندو تہ اتان جي ٻوليءَ ۾ رائج ٿيندڙ مسلمانڪا نالا ۽ مذهبي ارڪان ضرور پنهنجي انگريزي، فرينچ ۽ جرمن ۾ لکندو. ها جڏهن قرآن پاڪ پڙهبو تہ عربيءَ ۾ پڙهبو ان جو تفسير يا ترجمو ضرور سندن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٿيندو جنهن ۾ هو پنهنجن اکرن ۾ ويجهي ۾ ويجها اچار اختيار ڪندو.

مسلمان ملڪن مان اڳ ۾ ترڪي ۽ تازو مليشيا ۽ انڊونيشيا پنهنجي ٻولين جي لاءِ رومن اسڪرپٽ اختيار ڪيو آهي تہ ڇا اهي مسلمان ڪونہ رهندا يا عربيءَ ۾ قرآن پڙهڻ ڇڏي ڏيندا؟ مسلمان تہ عربيءَ کي هرحال ۾ سکندا، پر پنهنجي ٻوليءَ ۾ آيل عربي لفظن کي ان جي صورتخطي ۾ لکيو ويندو. پر سائين اپکنڊ هندو پاڪ ۾ اهو عمل يڪدم قابلِ اعتراض ٿيندو. بهرحال ان بحث کي اتي ڇڏيون ٿا، جو اهو ڪرڻ هاڻي too late (گهڻو تاخير سان) آهي. آرٿوگرافيءَ جي حوالي سان ڏسبو تہ سنڌيءَ ۾ انهن سمورن اکرن جا اچار موجود ناهن. 'س'، 'ث'، 'ص' سيني جو آواز 'س' آهي، 'ز'، 'ذ'، 'ض'، 'ظ' جو آواز 'ز' آهي، پر جيئن تہ اهي لفظن کي ڌار معنيٰ ڏيندڙ

صوتيا آهن، اِن ڪري انهن کي انهن صوتين جا اهجاڻ يا نمائينده صورتون چئبو. جيئن تہ ڳالهايل ٻوليءَ جي نمائيندگي صورتخطي ڪري ٿي، ان ڪري اصولاً غلط هئڻ جي باوجود انهن کي برقرار رکيو ويو آهي:

Orthography is alphabetic spelling system used by a language to represent speech in writing.

ان سبب ڪري ٻين بہ ڪيترين ٻولين ۾ ساڳئي اچار لاءِ مختلف هجئون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ڇو ہ هر اکر استعمال موجب جدا اچار بہ رکي سگهي ٿو. ان جو سبب گهڻو ڪري ٻين ٻولين مان اڌارا ورتل لفظ ٿيندا آهن.

انگريزيءَ جا مثال ڏسو:

الڳ هجي اچار ساڳيو:

| | | |
|---|---|---|
| heir | air | ايئر |
| plane | plain | پلين |
| break | brake | بريڪ |

سنڌي مثال:

ساڳي صورتخطيءَ يا هِجي سان مختلف معنائن وارا لفظ:

پَرَ- پکيءَ جا پر

پرَ- ليڪن

پرَ- پراوا

(پرسين مون نہ ڪيون گوشي گڏيا نہ سپرين)

وَرُ- مڙس

ورُ- موڙ- ڦيرو

ورُ- سٽڻ جو ورُ

(ورَ ۾ ڪونهي وَرُ ڏيرن مون سين وَرُ وڌو ڪيو)

مَٺُ- گهڙو

مٺُ- برابر

پٽُ۔ ريشم
پَٽُ۔ زمين/ فرش

واڙُ۔ هڪ وار (متي جو)
واڙُ۔ حملو
موڙي۔ اصل رقم
موڙي۔ ڏاڳن جي موڙي
ڦار۔ انب جي ڦار
ڦار۔ ڪنهن اوزار جي/ هر جي ڦار
ڀنگي۔ ڀنگ جو موالي
ڀنگي۔ ٻهاريدار

ساڳيا لفظ مختلف هجيئون:

ڪيترن لفظن جي لکڻ ۾ اچارن جي ڪري مونجهارا آهن. ڀتا سُر diphthongs ٻـ گهڻو ڪري غلط اچارڻ ڪري لکت ۾ مختلف هجيئون رکن ٿا:

ڀئونر -ڀنئور -ڀنؤر
ڀنهور- ڀهنور
آور۔ ائور۔ اؤر
فٽ –فوٽ
بڪ – بوڪ
خير۔ خَئِر
آءُ– آئون
سياڻي۔ صبحاڻي
ڪنوار۔ ڪنئار

سنڌي الف ب صورتخطيءَ يا لکت جي علم (Orthography) جي مجيل اصولن موجب ٺهيل ڪانهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتيا ۽ اکر برابر ڪونه

آهن. جيتوڻيڪ تمام وڏي الفابيٽ آهي (52 اکر) پر ڪي غيرضروري آهن ته ڪي اجا ڪٺل آهن. پر جيئن ته هاڻي اهي عام مقبول ٿي چڪا آهن، ان ڪري سڌاري نٿا سگهجن.

(الف همزو) سنڌي الف ب ۽ صورتخطيءَ ۾ وينجن طور ڪنهن به طرح شامل ڪرڻ لائق اکر نه آهي. اها الف جي اهڙي صورت آهي، جيڪا 'اَ' جو آواز وچ ۽ آخر ۾ ظاهر ڪري، باقي ڪوبه لفظ ان سان شروع نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي الف کان جدا صوتيو آهي.

ڊاڪٽر الانا ان تي بحث ڪيو آهي ۽ لکي ٿو:

"سنڌي الف ب جي تختيءَ ۾ 'ءَ' کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر اڄ تائين همزي جي درست استعمال کي سمجهيو نه ويو آهي. همزو ٻن سُرن جو ميلاپ يا جوڙ ڏيکاري ٿو. ٻن سرن جي جوڙ ۾ همزو پوئين سُر جي بدران ڪم اچي ٿو- مثال، آخري چوٿي سُر لاءِ:

ل+ آ+ اِ = لاءِ (اِ بدران ءِ)

م+ آ+ اُ = ماءُ (اُ - ءُ)

ه+ و+ اَ = هوءَ (اَ — ءَ)

يا وچئين چوٿي سُر لاءِ:

مُئَل- م+ اَ + ل (اَ- ئَـ)

ڳائڻ- ڳ+ آ + اِ + ڻ (اِ- ئِـ)

پائُر- پ+ آ + اُ + ر (اُ- ئُـ)

آخري ڊگهي سر بدران:

ڪائي- ڪ + آ+ اِي (اِي- ئي)

مائي- م+ آ + اِي (اِي- ئي)

ڪوئا- ڪ+ و + آ (آ- ئا)

وچئين ڊگهي سر جي بدران:

ڏئيت- ڏ + اي + ت (اي- ئي)

(سنڌي صورتخطي- ڊاڪٽر الانا، ص 117_116)

ٻٽن سرن وارن لفظن ۾ بہ مونجهارا آهن. آيہ آو- ائي / ؤ بہ لکبا آهن.

پيسو- پئسو

ڇو- ڇؤ- ڇئو

اچارن کان مختلف صورت ۾ لکڻ:

جوئاري- جُواري

وئيل- ۆيل

سنڌي الف ب ۾ وسرگ آوازن لاءِ بنا ڪنهن ترتيب جي نقطن جو استعمال ڪرڻ بدران جيڪڏهن ـهہ کي اوسرگ اکر سان جوڙيو وڃي ها تہ ڀ، ٿ، ک، گھہ جھہ ڦ، ٺ، ڌ ، ڏ ۽ ڇ جون ڌار ڌار صورتون گهٽ وڌ نقطن سان مونجهاري جو سبب نہ ٿين ها. ’ب‘ ۾ هڪ نقطو آهي، ان جو وسرگ ’ڀ‘ چار نقطا رکي ٿو ’ت‘ ۾ بہ نقطا آهن. ان جي وسرگ ’ٿ‘ ۾ بہ چار نقطا آهن. ’ڊ‘ کان ’ڍ‘، ’د‘ کان ’ڌ‘ جو وري جدا اصول آهي.

جيڪڏهن وسرڳائيءَ لاءِ ’ ـهہ ‘ کي ملائڻ وارو معيار رکجي ها تہ مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڪن ٻين عالمن پاران مهہ لهہ نهہ ٺهہ ڙهہ وغيره جي نہ هئڻ واري شڪايت پيدا نہ ٿئي ها ۽ اهي وسرگ بہ شامل ٿي سگهن ها. ۽ الف ب جي پٽي بہ ننڍي هجي ها. جهہ ۽ گهہ کي بہ پٽيءَ ۾ نہ رکيو وڃي ها. ۽ ٻارن کي/ سکندڙن کي ٻڌائجي ها تہ آواز ڳرو ڪرڻ لاءِ ـهہ ملائبي. ان لاءِ مخلوطي ـهہ جي شڪل رکي سگهيا ٿي. ان خلاف اعتراض اهو ڪيو ويو تہ ڪنهن وسرگ آواز ٻنيان ٻي ’هي‘ اچڻ جي صورت ۾ مونجهارو ٿئي ها. ان لاءِ اردوءَ وارن ہہ شڪل واري هي کي مقرر ڪيو آهي.

مثلاً: گهر- گھواره ۾ ’هي‘ جو استعمال ڌار ڌار آهي. اسان وٽ بہ ان لاءِ ٻن طريقن سان ’هي‘ جي لکت مروج آهي. وسرگ اکر کان پوءِ ٻي هي لاءِ سنڌيءَ ۾ بہ ائين ڪو طريقو ڪري ٿي سگهيا.

بهرحال هاڻي جڏهن دنيا جون سڌريل ۽ وسيلن واريون ٻوليون ڪي سڌارا قبول نٿيون ڪن ته اسان به ماٺ ٿا ڪري ويهون. پر صورتخطيءَ جا جيڪي مسئلا حل ٿيڻ جوڳا آهن، انهن تي ضرور ڪي ماهر گڏجي ويهي سوچي سگهن ٿا.

**مددي ڪتاب:**


1_ Hayes Bruce, Morpho_phonemic Analysis, in Introductory Phonology, Blackwell, 2009.

2_ Ram Frost and Leonard Katz, Orthography, Phonology, Morphology and Meaning, Amsterdam Elevier, 1992

3_ Smalley W.A, Orthographic Studies, Articles on New Writing Systems, United Bible Society, London.

4_ Online Webster Dictionary and other Websites on thenet.

5_ الانا، ڊاڪٽر غلام علي، سنڌي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد

6_ بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1992ع.

7_ ملڪ، فتح محمد، مرتب، اردو زبان اور اردو رسم الخط، مقالو ڊاڪٽر فرمان فتح پوري، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد 2008ع.

# علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت

'علم اللغات'، 'لغت سازي'، 'لغت نويسي' اهڙا اصطلاح آهن، جن کي عام طرح هم معنيٰ سمجهيو ويندو آهي، پر اصل ۾ انهن اصطلاحن ۾ ٿورو فرق آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

'لغت سازيءَ' کي انگريزيءَ ۾ Lexicography چيو ويندو آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لفظن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي ماهيت، عناصر، معنائون، اچار ويا ڪرٽي حيثيت ۽ سموري لفظي ذخيري (Lexicon) کي شامل ڪيو ويندو آهي، انهي ۾ ٺهندڙ لغت جي لفظن جي الف- ب وار ترتيب کي ڌيان ۾ رکندي سهيڙ (Compilation) وغيره ٿيندي آهي.

Lexicography جا ٻه قسم ٿيندا آهن، هڪ اصولي لغت سازي (Theoretical Lexicography) ۽ ٻيو عملي لغت سازي (Practical Lexicography)، پهرئين قسم موجب لغت ناهڻ لاءِ لفظن، انهن جي معنائن جو عالماڻي طريقي سان تجزيو ڪرڻ، انهن جي ياڃ (decipherment) ڪرڻ، ويا ڪرٽي حيثيت جو تعين ڪرڻ، بڻ بنياد ۽ ارتقا معلوم ڪرڻ ۽ لفظن جو پاڻ ۾ تعلق ڏسڻ شامل آهي:

> Theoretical Lexicography is scholarly discipline of analyzing and deciphering semantics, symptomatic and paradigmatic relationship within the lexicon (vocabulary)

اهي اصول آهن جن تي هلي ڪو به لغت ساز لغت لکڻ جو عمل يعني لغت نويسي ڪري سگهي ٿو.

عملي لغت سازي (Practical Lexicography) لغت جو خاڪو جوڙي ان کي لکڻ ۽ مرتب ڪرڻ يا سهيڙڻ بابت آهي. ان جي وصف هن ريت ٿيندي:

"It is the art or craft of compiling, writing and editing dictionaries."

ان ڏس ۾ جيڪي ڳالهيون خيال ۾ رکڻيون آهن ۽ جن تي لکڻو اهي هن ريت ڄاڻايل آهن:

"Practical lexicographic work involves several activities, and the compilation of well crafted dictionaries require careful consideration of all or some of the following aspects:

- Profiling the intended users (i.e. linguistic and non_ linguistic competences) and identifying their needs
- Defining the communicative and cognitive functions of the dictionary
- Selecting and organizing the components of the dictionary
- Choosing the appropriate structures for presenting the data in the dictionary
- Selecting words and affixes for systematization as entries
- Selecting collocations, phrases and examples
- Defining words
- Organizing definitions
- Specifying pronunciations of words
- Labeling definitions and pronunciations for register and dialect, where appropriate
- Selecting equivalents in bi_ and multilingual dictionaries
- Translating collocations, phrases and examples in bi_ and multilingual dictionaries
- Designing the best way in which users can access the data in printed and electronic dictionaries.

(Ref: wikipedia, the free encyclopedia)

ترجمو:

عملي لغت سازيءَ جو ڪم گهڻين ئي ڳالهين تي مشتمل آهي ۽ سهڻي نموني جوڙيل لغتن ۾ هيٺين پهلوئن جو ڌيان رکڻ ضروري آهي:

- لغت جو استعمال ڪهڙي قسم جا ماڻهو ڪندا، انهن جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکبو.
- لغت جي استعمال لاءِ ضروري نڪتن جي سمجهاڻي ڏجي.
- لغت جي مختلف جزن جي چونڊ ۽ انهن جي ترتيب.
- لغت ۾ معلومات يا ڊيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ضروري جوڙجڪ.
- داخلائن کي اهڙو رخ ڏيڻ لاءِ لفظن ۽ جوڙن (affixes) جي درست چونڊ.
- مثال، لفظن جي ڳنڍڪا ۽ چوڻين جي چونڊ (لفظن کي چٽو ڪرڻ لاءِ)
- لفظن جون وصفون يا سمجهاڻيون.
- وصفن جي ترتيب ۽ تنظيم.
- لفظن جا اچار
- اچارن ۽ وصفن کي درست اکرن سان ظاهر ڪرڻ ۽ ضرورت آهر لهجي جو ذڪر.
- ٻه- ٻوليائي يا گهڻ- ٻوليائي لغتن ۾ ٺڙ مترادف/ متبادل لفظ ڏيڻ.
- ٻه- ٻوليائي يا گهڻ- ٻوليائي لغتن ۾ چوڻين پهاڪن ۽ مثال جو صحيح ترجمو.
- پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ لغتن ۾ استعمال ڪندڙن جي سهولت جو خيال رکڻ.

هن ۾ سڌو سنئون لغت جوڙڻ جو عمل اچي وڃي ٿو ۽ هڪ خاص رٿابنديءَ سان مٿي بيان ڪيل اصولن ۽ طريقن کي عمل ۾ آڻي لغت ٺاهي وڃي ٿي... جنهن جا تياريءَ جا مرحلا مرتب ٿيڻ يا سهيڙجڻ تائين لغت نويس جي هٿ ۾ هوندا آهن. ان کانپوءِ وارو ڪم پبلشر ۽ پرنٽر جو هوندو آهي.

ٻئي طرف "علم اللغات" کي انگريزيءَ ۾ Lexicology چيو وڃي ٿو. اهو لسانيات جي علم جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لغت سازي (اصولي توڙي عملي لغت سازيءَ) جي علمي ڄاڻ ڏني ويندي آهي، ان لاءِ ٺٺي ڪيل قاعدا قانون ۽ اصول سيکاريا ويندا آهن. ان علم سان لسانيات جا ٻئي ڪي ٻيا علم پڻ تربيت جو حصو ٿيندا آهن، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) Semantics يا معنويات ذريعي لفظن جون معنائون، لغوي توڙي اصطلاحي، حاصل ڪرڻ لاءِ علامتن (Symbols) کي سمجهڻ ۽ انهن جي وصف ڪرڻ جو عمل ٿيندو آهي.

(2) Etymology يا علم اشتقاق ۽ لفظن جي بڻ بنياد ۽ ارتقا جي ڄاڻ به هڪ حد تائين ان سکيا ۾ ضروري آهي.

(3) Phonology يا علم صوتيات ذريعي لغت جي لفظن جي آوازن ۽ اچارن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي.

(4) Morphology يا علم صرفيات جي ڄاڻ لفظن جي جوڙجڪ ۽ ساخت سمجهڻ لاءِ ضروري هوندي آهي.

(5) Syntax علم نحويات يا گرامر جي ڄاڻ ذريعي لفظن جي وياڪرڻي حيثيت طي ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي.

(6) Orthography لکت، الفابيٽ ۽ صورتخطيءَ جا مسئلا هن علم ذريعي حل ڪري سگهبا ۽ لفظن جي خارجي ۽ داخلي ترتيب کي الف ب وار ڪرڻ پڻ هن علم ذريعي آسان ٿئي ٿو.

انهن سمورن علمن جي گڏيل اڀياس سان علم اللغات جو ڪم جهڙوڪر لغت سازيءَ جي عملي تربيت ڏيڻ ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ شايد ئي ڪو لغت ساز يا لغت نويس اهڙو هجي جنهن اهڙي تربيت ورتي هجي. اهو مضمون (Discipline) ته اڃ به ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ نٿو پڙهايو وڃي. سنڌ جي ڪنهن به يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾، نه ماسٽرس ۾ ۽ نه ايم. فل، پي ايڇ. ڊي سطح تي، ان بابت ڪو اڀياس يا ڪا تحقيق ٿي آهي. لسانيات جا شعبا اول ته سنڌ جي

يونيورسٽين ۾ آهن ڪونہ. پر جتي آهن بہ (جيئن ڪراچي يونيورسٽي جي انگريزي شعبي ۾) تہ اتي لغت جي علم يا لغت ناهڻ بابت ڪو تربيت ورتل ماهر موجود ڪونهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جهڙا ادارا لغتون ۽ انسائيڪلوپيڊيائون جوڙڻ جون رٿائون عمل ۾ آڻين ٿا تہ ڪين تربيت يافتہ ماڻهو ملڻ مشڪل آهن. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران "سنڌي لغت بورڊ" جي رٿا سنڌ حڪومت کي منظوريءَ لاءِ موڪلي وئي آهي، ان جي منظوريءَ تائين هڪ "ڊڪشنري سيل" جوڙيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ ماسٽرس ڪيل ڪجهہ نوجوانن کي اهڙي ذميواري تہ ضرور ڏني وئي آهي، پر اهي اهڙي ڪا تربيت حاصل ڪيل ڪونہ آهن، ۽ محض چند هدايتن جي تحت ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن وقت لغت بورڊ ٺهيو ۽ باقاعده تربيت يافتہ ماڻهن جي ضرورت پوندي تہ اٿارٽيءَ کي سخت مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوندو. اهو سوچي هن مضمون ۾ ڪجهہ بنيادي اصول بيان ڪيا ويا آهن. ڊڪشنري يا لغت بنيادي طرح لفظن ۽ انهن جي معنائن وارو ڪتاب هوندو آهي، ان ڪري سڀ کان پهرين انهيءَ پهلوءَ جا بنيادي نڪتا بيان ڪنداسين.

**(الف) معنويات** Semantics

معنيٰ جي حوالي سان اهو معلوم هئڻ گهرجي تہ هڪ سني لغت جي خوبي ان ۾ هڪ لفظ جي معنيٰ ان جي مترادف، هم معنيٰ ۽ ويجهي ۾ ويجهي معنيٰ رکندڙ هڪ لفظ سان ڏيڻ ۾ هوندي آهي. مترادف يا هم معنيٰ لفظ نہ هئڻ جي صورت ۾ ويجهي معنيٰ رکندڙ لفظن جا ٽڪرا (Phrases) يا وضاحتون ۽ وصفون ڏيڻ جي مجبوري لغت جي خوبيءَ کي متاثر ڪري سگهي ٿي. البت ڪنهن عام لغت بدران خاص مضمون واري لغت ۾ وضاحتون ۽ تشريحون ڏيڻ سبب انهن کي Descriptive Dictionaries جي حيثيت ڏئي سگهجي ٿي. معنويات (Semantics) جو علم لفظن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنائن ۾ فرق، لفظن اندر لڪل علامتن (Symbols) جي اشارن کي سمجهڻ، انهن جي ثقافتي استعمال، شاعراڻي استعمال کانسواءِ هڪ

لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنيٰ وارا گهڻا لفظ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ ڪنهن لفظ جي معنيٰ جو دائرو يا Scope پڻ علم معاني طي ڪري ٿو. هن علم جي مدد سان لفظن جو تجزيو ڪري بلڪل ٺهڪندڙ ۽ تز معنيٰ ڳولڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي. جيڪڏهن اسين لسانيات جي علم جي مدد سان ٻوليءَ جي وصف ڪريون تہ اها "پاڻمرادو اختيار ڪيل آوازي علامتن جي تنظيم آهي" تہ علم معانيءَ جو تعلق انهن علامتن کي سمجهڻ سان آهي. جيئن تہ اهي علامتون ڪنهن خاص ترتيب ۽ تنظيم سان پيش ٿيل هونديون آهن، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن لفظ ڪنهن جملي ۾ يا ڳالهہ ۾ پنهنجي جاءِ (Position) جي ڪري بہ مختلف معنيٰ رکي سگهن ٿا. مثلاً "هن کي سڏ ڪر"، "مون کي شاديءَ جو سڏ مليو آهي" يا "منهنجو گهر سڏ پنڌ تي آهي" ۾ "سڏ" لفظ جي معنيٰ ۾ فرق آهي، معنويات جو علم انهن جي معنيٰ جو تعين ڪرڻ ۾ بہ مدد ڪندو آهي.

(ب) **صوتيات** Phonology

لفظ جيئن تہ آوازن مان ٺهيل هوندا آهن، ۽ انهن جا اچار بہ انهن آوازن جي صحيح ادائگيءَ تي منحصر آهن، ان ڪري آوازن جي علم جي مدد پڻ لغت سازيءَ ۾ ڪم اچي ٿي. ڪنهن بہ لفظ جو اچار ڪرڻ ۾ ڪنهن ننڍڙي سر آواز جي تبديليءَ سان معنيٰ جو وڏو فرق اچي سگهي ٿو ۽ ائين لغت ۾ لفظ جي معنيٰ غلط درج ٿي سگهي ٿي: مثلاً "مَٽُ" (گهڙو)، "مِٽُ" (مائٽ)، "مُٽُ" (پيشاب)، "مِٽَ" (ڳل) وغيره لفظن ۾ حرف ساڳيا آهن، پر انهن جون معنائون مختلف آهن ۽ انهن جا جمع بہ مختلف ٿيندا. انهن لفظن کي صحيح صورت ۾ انهن چوڻن سُرن جي نمائيندگي ڪندڙ نشانين (اعرابن diacritics) سان واضح ڪرڻ بہ ضروري آهي.

(ٻ) **صرفيات يا علم صرف** Morphology

علم صرف جي حوالي سان انهن آوازن تي مشتمل لفظن جي مخصوص ساخت يا جوڙجڪ کي سمجهيو ويندو آهي. ڪي لفظ مفرد، سادا يا بنيادي هوندا آهن، ڪي مرڪب تہ ڪي مرتب ۽ پيچده. لفظ جي ڌاتوءَ،

مادي يا بنياد مان ڦيرن (Inflection) ذريعي ۽ مختلف حالتن ۾ ٿيندڙ تبديلين Declensions سان ٺهندڙ لفظن واري سرشتي کي به هن علم ذريعي سمجهي سگهبو آهي ته وري هڪ لفظ مان ٻئي لفظ جي نڪرڻ (Derivation) جو عمل به معلوم ڪبو آهي. مرڪب لفظن جي ٺهڻ جا طريقا، اڳياڙين پڇاڙين سان ٺهندڙ مرڪب لفظ پروس ۽ آزاد صورتن يا آزاد ۽ آزاد صورتن جي گڏجڻ سان ٺهندڙ لفظن جي حيثيت ۽ معنيٰ توڙي پاسي پاسي ۾ رکيل لفظي جوڙن يا ٻٽن لفظن جي بناوت پڻ هي علم سمجهائي ٿو ۽ اهو ئي علم مدد ڪندو آهي ته اهي لفظ ڪنهن عبارت ۾ ڌار ڌار ۽ گڏ ڪهڙي صورت ۽ معنيٰ رکن ٿا.

(ب) **نحويات** Syntax

ان ڪانپوءِ اهي لفظ جملي ۾ جيڪو ڪارج ٿا ادا ڪن ان مطابق سندن هڪ حيثيت هوندي آهي. ڳالهائڻ جي جزن طور انهن جي ورهاست ٿيل هوندي آهي، ڪي اسم، ڪي ضمير ته ڪي فعل سڏبا آهن. اهي خاص حالتن ۾ ڦيرا کائيندا آهن. فعل لازمي ۽ متعدي ٿيندا آهن، معروف ۽ مجهول صورت ۾ هوندا آهن. مختلف زمانن ۽ حالتن موجب گردان ڪندا آهن، ٻين لفظن سان جنس ۽ عدد موجب مطابقت رکندا آهن. انهن سيني ڳالهين جي ڄاڻ هڪ لغت دان کي لفظن جي ويا ڪرڻي حيثيت مقرر ڪرڻ لاءِ گهڻي مدد ڪندي آهي ۽ هو ٻڌائي سگهندو آهي ته لفظ اسم آهي يا صفت. جي اسم آهي ته واحد آهي يا جمع، مذڪر آهي يا مونث. اهڙيءَ ريت هر ڳالهائڻ جي لفظ (Part of Speech) جون خاصيتون لکي سگهندو. ڪي لفظ هڪ ئي وقت صفت ۽ ظرف جون خاصيتون رکندا آهن. مثلاً "ڇوڪرو تکو ڊوڙي ٿو" ۽ "هي هڪ تِکو گهوڙو آهي" ۾ لفظ تکو پهرئين جملي ۾ ظرف ۽ ٻئي ۾ صفت آهي. اها ڄاڻ لغت نويس لاءِ تمام اهم آهي.

ڪيترائي ماهر لغتدان (Lexicographer) چون ٿا ته ڊڪشنرين ۾ لفظ انفرادي ايڪن (Units) طور ڏنل هوندا آهن، آخر گرامر جو صيغو يا سڃاڻپ ٻڌائڻ جي ضرورت ڇو ٿي محسوس ڪئي وڃي؟ دراصل ڪوبه لفظ

پنهنجي استعمال واري هنڌ يا 'مقرر جاءِ' ڪانسواءِ ڪهڙي اهميت رکي ٿو؟ ان جي معنيٰ ان جي اڳيان پٺيان ڪتب ايندڙ لفظن جي ڪري متعجي به سگهي ٿي. ان ڪري ڪنهن جملي جي جوڙجڪ ۾ اهو هڪ لفظ ضرور ڪا حيثيت رکندو هوندو. جملي ۾ لفظن جي جاءِ ۽ حيثيت ۽ ائين ڳالهه يا عبارت جي مجموعي جوڙجڪ جي عمل کي ئي دراصل گرامر چئجي ٿو. انهيءَ جوڙجڪ ۾ لفظن جو استعمال ۽ ان جون معنائون هڪ ٻئي تي انحصار رکن ٿيون.

> "To a linguist, it (Grammar) means the condification of usage, and a description of the ways in which words are typically used, according to carefully collected evidence." (The Chambers Dictionary, 1993, page (vii).

جيڪڏهن ڪو اهڙو لفظ لغت ۾ ڏيٺو پوي، جيڪو ٻوليءَ ۾ جيڪي به مخصوص استعمال جا طريقا ۽ سبب آهن، انهن سان مطابقت نه رکندو ته ان کي ويا ڪرڻي حيثيت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو، انهيءَ ڪري چيو ويو آهي ته:

> Anything that does not conform to a typical pattern of usage is ungrammatical (Chamber's Dictionary, vii)

ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته:

ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن جي گرامر ۾ حيثيت، گردان/ ڦيرن (مصدر 'ڪرڻ' مان 'ڪر'، 'ڪري'، 'ڪيو'، 'ڪيائين' وغيره ۽ 'سچ' مان 'سچائي'، 'سچيرو'، 'سچار' وغيره) (derivation and inflection) ۽ لفظن تي اختيار رکندڙ قوت (governing) جنهن مان خبر پوي ته ڪهڙو لفظ ٻئي ڪنهن لفظ تي اختيار رکي ٿو لفظن جي ڦيرن، بنيادن وغيره کي سمجهڻ لاءِ گرامر جي ڄاڻ ضروري آهي. ان ڪري هڪ لغت دان يا لغت ناهيندڙ لاءِ گرامر جي به ڄاڻ ضروري آهي.

(ت) **علم اشتقاق** (Etymolgoy):

ٻئي طرف لغت سازيءَ ۾ لسانيات جي هڪ ٻي شاخ Etymology يا لفظن جي تاريخي حيثيت ۾ اشتقاق جو علم پڻ ضروري آهي، ان لاءِ ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهو علم ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۾ معنوي تبديلين جي کوجنا ڪي چيو ويندو آهي، اها بہ لسانيات جي شاخ آهي. ان جو بنياد etymons (يوناني) آهي جنهن جي معنيٰ 'سچ' 'حقيقت' آهي، ان مان etymon نهيو جنهن جو مطلب آهي "لفظ جو مادو يا مصدر" اصل لفظ جنهن مان ٻيا لفظ ٺهن.

> Etymology is the study of the history of words, their origins and how their form and meaning have changed over time.

علم اشتقاق لفظن جي تاريخ جو ۽ انهن جي بنياد جو علم آهي، ۽ ان سان اهو معلوم ڪبو آهي تہ لفظ اصل ڪهڙي زبان جو آهي، اتان ڪهڙي صورت ورتائين، اهڙن لفظن جون صورتون ۽ معنائون وقت گذرڻ سان ڪيئن تبديل ٿين ٿيون. ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا اڌارا ورتل لفظ (Loanwords) آهن. انهيءَ ۾ صرفيات جي علم وانگر اهو بہ ڏسبو تہ لفظن جي تبديليءَ جا ڪهڙا ڪهڙا طريقا رهيا آهن. مثال طور: (1) هڪڙن بنيادي لفظن مان ٻيا لفظ نڪرڻ (Derivation)، (2) ڦيرن (گردان) ذريعي نوان لفظ ٺهڻ (Inflection)، مرڪب ڪرڻ Compounding، آوازي ورجاءُ جيئن (در جي) ٺڪ ٺڪ، (دل جي) ڌڪ ڌڪ، Onomatopoeia، مياٺون مياٺون، پٺو پٺو آوازي علامتون Sound Symbolism، جن ۾ ٻڌل آواز موجب لفظ جڙن جيئن (انگريزي Click يا سنڌي ٺڪاءُ)

هڪ زبان مان لفظ جڏهن ٻي زبان ۾ ويندا آهن تہ هڪ تہ ان جي مزاج موجب بدلجندا آهن، ٻيو وري وقت گذرڻ سان اچارن سان گڏ معنائون بہ بدلجي وينديون آهن. مثلاً عربي لفظن جو مثال وٺو 'احتجاج' (حجت وغيره) معنيٰ دليل ڏيڻ پر سنڌيءَ ۾ ان جي معنيٰ ننڌا، مخالفت جو اظهار ڪرڻ آهي. 'الزام' معنيٰ لازم ڪرڻ، سنڌيءَ ۾ معنيٰ 'تهمت'، 'بهتان' وغيره. 'جلوس'= 'ويهڻ'، سنڌيءَ ۾ 'ميڙ ڪري هلڻ' جيئن جلوس ڪيڻ چئبو آهي- وغيره.

(ٿ) **صورتخطي** Orthography and Spellings

هڪ لغت دان کي ٻين ڳالهين سان گڏ ڪنهن ٻوليءَ جي لکت، الفابيٽ ۽ لفظن جي صورتخطيءَ جي باري ۾ بہ مڪمل ڄاڻ هجي ۽ ڪنهن لفظ جي مختلف نمونن جي هِجيئن مان معياري ٻوليءَ جي لفظن جي هِجيئن کي ترجيحي صورت ۾ قبول ڪرڻ گهرجي. هر زبان جي هڪ معياري ٻولي مقرر هوندي آهي، جنهن ۾ معياري هجيئون بہ مقرر هونديون آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ جون هڪ کان وڌيڪ هِجيئون قبول بہ ڪيون وينديون آهن. مثال طور: انگريزيءَ جو هڪ لفظ معياري هِجي ۾ هيئن لکبو "dispatch" پر ان کي ڪن ڊڪشنرين ۾ despatch جي صورت ۾ بہ لکڻ کي قبول ڪيو ويو آهي، اتي ان کي بدليل روپ (variant) چوندا آهن. هن خاص لفظ کي ان صورت ۾ قبول ڪرڻ جو سبب اهو آهي جو انگريزي ٻوليءَ جي پهرين لغت جيڪا سيميوئل جانسن 1755 ۾ ناهي، ان ۾ هن اها هِجي (spelling) لکي، ان ڪري اها قابل قبول سمجهي وڃي ٿي، جڏهن تہ ان جو جواز ڪوبہ ڪونهي. چون ٿا تہ اهو هڪ امڪان آهي تہ جانسن ڄاڻي واڻي ائين لکيو ۽ ٻيو اهو تہ ڪاتب لکڻ ۾ غلطي ٿي وئي، جيڪا پوءِ ايتري مروج ٿي وئي جو قبوليت حاصل ٿي ويس. ان کي اها حيثيت جانسن جي ڪري ملي. انگريزيءَ جي برٽش طريقي موجب لکت ۾ اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا لفظ آهن، جن کي مختلف صورتخطين ۾ قبول ڪيو ويو آهي، جن ۾ Judgment and judgment ، advisor_adviser وغيره آهن. انگريزيءَ ۾ مختلف صورتن ۾ هجيئن جو هڪ ٻيو سبب اميريڪن انگلش وارو آهي. اهو بہ هاڻي قابل قبول آهي، جديد دور ۾ ڇپيل ڊڪشنرين ۾ اهي بہ بدل (variants) طور ڏنا وڃن ٿا، جيئن Colour کي Color يا analyse کي analyze لکڻ (اهڙن اڪثر لفظن ۾ ايس (s) جي جاءِ تي زيڊ (z) جو استعمال ڪيو وڃي ٿو.) سو هڪ لغت ساز کي انهيءَ جي باري ۾ بہ ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

سنڌي لغت نويسن کي سنڌي لفظن جي معياري صورتخطي يا

هجي معلوم هئڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت ان جي ارتقائي صورتن جي واقفيت بہ ضروري آهي، جيئن "آءٌ" کي "آئون" بہ لکيو ويندو آهي، اڄڪلهہ 'استعفا' لکجي ٿو جيڪو اڳ ۾ "استعفيٰ" لکبو هو ۽ هاڻي بئي مروج آهن (جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ ٻنهي جي معنيٰ ۾ فرق آهي) هونءَ بہ سنڌيءَ ۾ اهو هجيئن جو معاملو اڃا پوريءَ طرح طي ڪونہ ٿيو آهي.

مرڪب ۽ پيچيده لفظن جي صورتخطي بہ هڪ مسئلو آهي. انگريزيءَ ۾ تہ مرڪب لفظن لکڻ لاءِ لغتدان هڪ اصول جي پوئواري ڪندا آهن، سو اهو تہ پهرين مکيہ لفظ (headword) لکبو ان کانپوءِ ان مان نڪتل لفظ لکبو پوءِ ان مان سڌو سنئون نڪتل (derived) لفظ لکبا. اهي ڳنڍيندڙ ليڪ وارا يا گڏ لکيل مرڪب لفظ تي سگهن ٿا، پر اهڙا مرڪب لفظ جن جي شروع ۾ مکيہ لفظ نہ هجي تہ پوءِ ان کي مرڪب بدران لفظن جي جوڙن وانگر لکبو. مثلاً: سچ ـ سچار، سچائي، سچيروـ سچ پچ ـ مکيہ لفظ 'سچ' آهي، ان مان ڦيرو ڪائي نهندڙ لفظن ۾ مختلف پڇاڙيون ڳنڍيل آهن، 'آر'، 'آئي' ۽ 'ايرو' وغيره ۽ آخري لفظ هڪ نہ پر ٻن لفظن جو جوڙو آهي، جيڪو گڏ استعمال ٿيندو آهي.

مصدر 'ڪرڻ' مان Derivation ذريعي 'ڪر'، 'ڪري'، 'ڪريان' لفظ نڪتا آهن (جديد نظريو اهو آهي تہ لفظ مصدر مان نہ پر ڌاتوءَ مان ڪڍجن) جڏهن تہ انهن مان ڦيرو ڪائي ٻيا لفظ 'ڪيو'، 'ڪئي'، 'ڪيائين' وغيره نهيل آهن، انهن لفظن جي سمجهاڻي يا معنيٰ مکيہ لفظ جي معنيٰ سان ڳنڍي (relate ڪري) ڏني آهي.

**(ٺ) ترتيب** Order

هڪ لغت نويس کي حروف تهجي يا الف ب جي ترتيب کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي، هڪڙي لفظن جي ٻاهرين ترتيب ٿئي ٿي يعني الف جا لفظ پهرين لکبا ۽ ب جا پوءِ، ان کانپوءِ ب ۽ ٻ جا ايندا. ٻي ترتيب لفظ جي اندر هوندي آهي، جنهن کي پڻ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي. لفظ ۾ ٻئي نمبر تي ايندڙ حرف جي ترتيب، ان کانپوءِ ٽئين جي ترتيب کي سامهون رکبو وڃبو ـ

مثلاً هي لفظ ڏسو: المر- امل- امر- البمر انهن ۾ سڀ کان پهرين ڏسو ته ٻئي نمبر تي ايندڙ حرفن مان ڪهڙي لفظ جو اکر الف ب ۾ پهرين ايندو آهي. ظاهر آهي ته 'ل' ۽ 'م' مان 'ل' پهرين ايندو ان ڪري الف ڪانپوءِ جن لفظن ۾ 'ل' آهي، اهي پهرين ايندا 'المر- البمر' پهرين رکبا ۽ 'م' وارا پوءِ ايندا. (امر ۽ امل). ان ڪانپوءِ تيون اکر ڏسبو- پهرين ٻن لفظن 'المر' ۽ 'البمر' ۾ ٽئين نمبر تي 'م' ۽ 'ب' اکر آهن، ظاهر آهي ته الف ب ۾ 'ب' ميم کان پهرين ايندي آهي، ان ڪري 'البمر' پهرين لکبو 'المر' پوءِ لکبو. پوين ٻن مان وري (امر ۽ امل) 'ر'- 'ل' کان پهرين ايندي آهي، ان ڪري 'امر' پهرين لکبو ۽ 'امل' پوءِ لکبو. ان طريقي هي چار لفظ هن ترتيب سان لکبا:

البمر، المر، امر ۽ امل-

جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ ڪمپيوٽر ۾ اهڙي عمل کي Sorting چيو وڃي ٿو ۽ اهو ڪم ڪمپيوٽر ذريعي ڪيو وڃي ٿو پر هڪ لغت (يا انسائيڪلوپيڊيا، ڏسڻي (انڊيڪس) وغيره) ٺاهيندڙ کي ان جو علم هئڻ ضروري آهي، جيئن هو ڪا به غلطي پڪڙي سگهي.

ان ڏس ۾ ضروري آهي ته ٻوليءَ جي مقرر ڪيل الف ب جي ترتيب به معياري مقرر ٿيل هجي. سنڌي ٻوليءَ جو الميو اهو آهي ته هتي اهڙا سمورا ڪم (الف ب جي ترتيب، هجيئون، اکرن جي لکڻ جي طريقي ۾ تبديليون ۽ ترميمون) مختلف دورن ۾ مختلف رهيون آهن.

ٻوليءَ جي حروف تهجي جي ترتيب (Order) کي هڪ مسئلو بڻايو ويو آهي. سنڌيءَ جي عربي لکت جنهن وقت انگريزن طرفان مقرر ڪئي وئي ته ان جي هڪ سرڪاري ترتيب به مقرر ٿي هئي. ان کان اڳ به ترتيب جا مختلف نمونا رائج هئا، جيئن ابوالحسن جي سنڌي هئي. ان ڪانپوءِ انگريزن واري مقرر ترتيب موجب سمورا ٻاراڻا ڪتاب ۽ ڊڪشنريون ڇاپيون وينديون هيون. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ اها ئي ترتيب آهي. ان ترتيب موجب ٻارن کي اکر سيکارڻ ۾ سهولت خاطر الف کان پوءِ ب ۽ پوءِ نقطن جي تعداد موجب حرفن کي رکيو ويو هو جنهن ۾

ٻ کي ب کانپوءِ رکيل هو ڪجهه وقت کان پوءِ اها ترتيب بدلائي وئي ۽ 'ٻ' کانپوءِ 'ڀ' کي رکيو ويو جواز اهو ڏنو ويو ته هر اوسرگ آواز پنيان وسرڳ آواز رکيا ويا آهن. پر اهو اصول 'پ' ۽ 'ڦ' سان لاڳو ڪونه ڪيو ويو ڇو ته 'ڦ' جي شڪل صورت 'ف' سان ملندڙ هئي. ان ڪري اتي رکڻ وڌيڪ مناسب سمجهي وئي. ان صورت ۾ موجوده ترتيب نه صوتيات جي لحاظ کان درست آهي ۽ نه وري نقطن جي ترتيب سان.

اهڙي قسم جون تبديليون اختيار وارين حيثيتن تي رهندڙ فرد انفرادي طور تي ڪندا رهيا آهن. جڏهن ته اهڙا ڪم ماهرن تي مشتمل ڪميٽين يا پئنلن کي ڪرڻ گهرجن. انگريزن الف جي جيڪا ترتيب رکي، اها هن ريت هئي:

انگريزن واري ترتيب جنهن ۾ وسرڳ آواز اوسرگ آوازن کان پوءِ رکيل هئا ۽ اکرن جي ترتيب مخرجن جي حوالي سان ڪيل هئي.

ا ب ٻ ت ٽ ٿ ٺ ث ڀ ڦ ج ڄ جهه ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ
ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و هه ء ي

ان کانسواءِ هيءَ ترتيب به رهي آهي، جنهن ۾ ڀ کي ٻ کان پوءِ رکيو ويو ۽ ان جي وسرڳ آواز ڦ کي ف ۽ ق جي وچ ۾ رکيو ويو.

ا ب ٻ ڀ پ ت ٽ ٿ ٺ ث ج ڄ جهه ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز ش
ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و هه ء ي

جنهن کي اسي واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران هيءَ ترتيب ڏني وئي:

الف ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهه ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز
س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن و هه ء ي

تازو ڇپيل جامع سنڌي لغات ۾ اها ئي ترتيب آهي.

هاڻي جڏهن پراڻين ڊڪشنرين تي نظر وجهون ٿا ته انهن جي ترتيب مختلف آهي ۽ موجوده دور ۾ اها ٻي آهي، ان سان شاگردن کي مونجهارو ٿي سگهي ٿو.

هتي هڪ ڳالهه اها به ضرور ڪجي ته لغت ۾ لفظن بابت معلومات ڏيڻ لاءِ اکرات مخفف ٺاهيا ويندا آهن. گرامر جي اصطلاحن توڙي انهن جي بنياد بابت مثلاً: لفظ اسم مذڪر واحد آهي ته م.ذ.و لکبو. فعل آهي ته متعدي يا لازمي هوندو ان لاءِ ف. م ۽ ف. ل جا مخفف لکبا آهن.

اها تاريخي حقيقت آهي ته شروعاتي دور کان هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ لغتون ٺاهڻ وارا عموماً پراڻا فائينل پاس استاد رهيا آهن. جن کي سنڌي "صرف" (لفظن جو علم) ۽ "نحو" (عبارت ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ حيثيت) جي مڪمل ڄاڻ هوندي هئي ۽ انهن جو قديم ويا ڪرڻ يا صرف نحو (گرامر) جو وسيع مطالعو هوندو هو ان کان سواءِ هو عموماً هندي يا عربي ۽ فارسي به ڄاڻندا هئا (ڪن کي انگريزي به ايندي هئي) ان ڪري انهن ٻولين جي لفظن جي ذخيري (Vocabulary) ۽ نحوي بناوٽن جي به ڄاڻ هوندي هئن. لفظن جا اشتقاق ڪرڻ به سکيل هوندا هئا ۽ ڦيرا/ گرادنون توڙي لفظن جي (مختلف حالتن فاعلي مفعولي جري وغيره ۾) تبديلي وغيره سان گڏوگڏ سادن، مرڪب ۽ پيچيده لفظن جي مادي يا بنياد بابت به ڄاڻندا هئا. ان ڪري لغت سازيءَ (Lexicography) جي باقاعده تربيت نه هئڻ باوجود انهن لغتون جوڙيون. ان ڪري انهن کي لغت ساز Lexicographer ته چئي سگهجي ٿو پر علم اللغات (Lexicology) جا ماهر نٿو چئي سگهجي.

سنڌ ۾ لغت سازيءَ جو ڪم انگريزن جي دور ۾ 19 صديءَ ۾ 1849ع کان شروع ٿيو جيڪو ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ڪيو. سندس پهرين لغت انگريزي- سنڌي 1849ع ۾ ۽ ٻي سنڌي- انگريزي لغت 1855ع ۾ ڇپي، جن ۾ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئي (جنهن کي تازو 2011ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران الٽو ڪرائي عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپايو ويو آهي) ... اهڙين لغتن کي ٻه- ٻولياڻي لغتون چئبو.

جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اڌارام ٿانورداس عربي سنڌي لپيءَ ۾ انگريزي- سنڌي لغت جوڙيو پرمانند ميوارام سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي لغتون، ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جوڙيون. ان کانسواءِ شهاڻي، عبدالحسين ميمڻ ۽ ٻين جون ٻه لغتون آيون. سنڌي- اردو لغتون ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ۽ ڊاڪٽر بلوچ کان سواءِ، عبدالستار بلوچ جوڙيون. ان کانسواءِ فارسي- سنڌي لغت، عربي- سنڌي لغت، هندي- سنڌي لغت تي به ڪم ٿيو.

اهڙيون لغتون ڇاپڻ جو سلسلو اڄ تائين هلندڙ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻوليائي لغت جوڙڻ جو ڪم باقاعده گهٽ ٿيو. شروع ٿيو ۽ پهرين لغت 1886ع ۾ جهمٽمل جي "وٿيپتي ڪوش" نالي ڇپي، جنهن ۾ سنڌيءَ جا اهڙا لفظ جن کي هن سنسڪرت مان نڪتل سمجهيو انهن جون معنائون ڏنائين. ان کانپوءِ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ شاهه لطيف جي ٽن سرن ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل ’غريب اللغات‘ جوڙي، جيڪا 1907ع ۾ ڇپي. مرزا قليچ ساڳئي شاهه جي حوالي سان "لغات لطيفي" مرتب ڪئي، جنهن کي 1914ع ۾ شايع ڪرايو. مرزا قليچ بيگ جي "قديم لغات" ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جي ڏکين لفظن تي مشتمل لغت 1924ع ۾ شايع ٿي، آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسيءَ جي "جواهر اللغات" 19 صديءَ جي وچ ڌاري تيار ڪيل هئي، پر ڇپي ڪانه هئي. ان جي لکڻ جو عرصو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي اندازي موجب 1845ع کان 1852ع جي وچ وارو ٿي سگهي ٿو (جواهر اللغات سنڌي اڪيچار مهاڳ) پر اها هڪ ٻولياڻي لغت واري ڳڻپ ۾ ان ڪري ڪونه اٿي جو اها سنڌي- فارسي لغت هئي ۽ ڇپائي به دير سان ٿيس).

1940ع ڌاري "سنڌي ساهتيه مرڪزي صلاحڪار بورڊ" طرفان "جامع سنڌي لغات" لکرائڻ جي باري ۾ سوچيو ويو شروع ۾ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي وئي، جنهن ڪجهه ڪم ڪرايو پر پوءِ اهو ڪم باقاعدگيءَ سان تڏهن ٿيو جڏهن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ صلاحڪار بورڊ کي ’سنڌي

ادبي بورڊ' جو نالو ڏئي نئين سر جوڙيو ويو ۽ لغت جو ڪم باقاعدي يونيورسٽيءَ ۾ قائم "ڊڪشنري آفيس" ۾ شروع ٿيو جنهن جي ذميواري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي ڏني وئي ۽ 1952ع کان باقاعدي ڪم شروع ڪيو ويو.

هن لغت جو ڪم باقاعده رٿابنديءَ سان شروع ڪرڻ لاءِ اڳوڻيون لغتون سامهون رکيون ويون، ٻين ماخذن، ڪتابن ۽ فيلڊ مان مواد ڪٺو ڪرڻ ۽ ڊڪشنري آفيس ۾ مقرر رسرچرن جي مدد سان لفظن جي اچارن، ويا ڪرڻي/ نحوي حيثيت ۽ معنائن بابت تصديق سان داخلائون تيار ڪيون ويون ۽ ان وقت سنڌي ٻوليءَ لاءِ مقرر صورتخطيءَ ۾ الف ب جي ترتيب موجب ان کي تيار ڪرايو ويو... پر اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ انهن سمورن عالمن، اديبن ۽ رسرچ ڪندڙ استادن عبدالڪريم سنديلي، شيخ محمد اسماعيل، محمد يعقوب ميمڻ، شيخ محمد واصف، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر غلام علي الانا مان ڪوبہ باقاعده علم اللغات جو ڄاڻو نہ هو ايتريقدر جو خود ڊاڪٽر بلوچ بہ ان علم جو سند يافتہ نہ هو. پر ڇاڪاڻ جو هو لغت سازيءَ لاءِ گهربل سمورين گهرجن کان واقف هئا، ان ڪري هو ان ۾ ڪامياب ويا. جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون. پهريون جلد ڊاڪٽر بلوچ جي سربراهيءَ ۾ ڇپيو باقي جلد مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ادارت/ سهيڙ سان ڇپيا، جن کي گڏ ڪري بعد ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب واڌارن سڌارن سان ٽن جلدن ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کان ڇپرايا.

هڪ ٻولياتي لغتن ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جي ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل لغت 'روشني' ڊاڪٽر بلوچ مرتب ڪئي. ڏهن ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جي لغت ڊاڪٽر فهميده حسين جي نگرانيءَ ۾ شاهہ لطيف چيئر ۾ تيار ٿي، اجا بہ ڪيترين لغتن تي ڪم ٿي رهيو آهي.

انهن لغتن ۾ هڪ ڳالهہ ۾ سمورا محقق، لغت دان منجهيل رهيا، اها هئي سنڌي لفظن جي بڻ بنياد ۽ اشتقاقن واري Etymology، جيئن تہ سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي، جنهن جي بڻ بنياد، توڙي تاريخي ارتقا

جي باري ۾ مختلف نظريا ۽ رايا ماهرن ڏنا آهن. جن جي بنياد تي هن ٻوليءَ ۾ موجود لفظن جا بنياد ۽ اشتقاق سمجهائڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. ڪي عالم هر ڪنهن لفظ کي سنسڪرت ۾ ٿا ڳولين ۽ ان سان هڪجهڙائيءَ جا درجا مقرر ڪري تتسم (ساڳيا سنسڪرت وارا لفظ) ۽ تدڀؤ (سنسڪرت کان ڪجهه بدليل / اسريل) ۽ ٺيان ديسي قرار ٿا ڏين. جن کي بہ ڪڏهن دراوڙيءَ جي نالي تہ ڪڏهن سامي سٽ تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي گروهہ ۾ ڪٽي ٿا وجن.

عالمن جو هڪ ٻيو گروهہ سنڌي ٻولي جي وڏ ۾ وڏ لفظن جا اشتقاق عربي يا فارسيءَ مان ٿا ڪن. انهن ٻنهي ٻولين سان سنڌيءَ جو تعلق گهڻو پراڻو نہ هئڻ ڪري (محمد بن قاسم 712ع۔ عربي ۽ ارغون ترخان مغل۔ فارسي) اهڙا لفظ ڳولڻ ۾ گهڻي مشڪل نٿي ٿئي. فارسي ۽ سنسڪرت جو آريائي زبانن سان تعلق هئڻ ڪري، ساڳيا آريائي ٻولين جا ملندڙ جلندڙ لفظ سنسڪرت ۽ قديم فارسيءَ جي حوالي سان بہ ملن ٿا. پر ڏٺو وڃي تہ لفظن جا بنياد ڳولڻ لاءِ بنيادي تحقيق جو ڪم اڻپورو ٿيو آهي ۽ جيڪو ٿيو آهي، اهو بہ انهن عالمن ڪيو آهي، جن سنڌي ٻوليءَ جون تاريخون ۽ لغتون جوڙيون. ابتدائي لغتدانن مان جهمنمل جي "وئتپتي ڪوش" ۾ تہ آهن ئي سڀ اهڙا لفظ جن کي هن سنسڪرت سان ملايو آهي. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنرين ۾ ان ڳالهہ کي ڪونہ ڇهيو ويو آهي، ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر سنديلي جون لغتون اچن ٿيون. جن ۾ اڪثر ڪري لفظن جا بنياد ڄاڻايا ويا آهن. ان کان سواءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پاران جامع سنڌي لغات جي تياريءَ دوران مختلف رسرچرن سان بحث مباحثن ۽ اڳوڻن ڪتابن جي مدد سان مختلف لفظن جي اشتقاقن بابت طي ڪيو ويو. قديم ڊڪشنرين مان ان سلسلي ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ جو ڪم نظر اچي ٿو.

ويجهڙائيءَ ۾ عربي۔ سنڌي لپيءَ ۾ الٿو ڪيل ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي۔ انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ انهي عمل کي جاچيو ويو تہ اتي مرتب پاران ڪافي لفظن جا بنياد ڄاڻايا ويا آهن، انهن مان ڪي هت ڏجن

تا: هو نج سنڌي لفظن لاءِ "S" ، عربي لفظن لاءِ A ۽ فارسي لفظن لاءِ P جون نشانيون مقرر ڪري ٿو پر ان کان علاوه لاڙي لفظن کي 'L' جي نشانيءَ سان بلڪل ڌار ڪري ٿو ان جا هتي مثال ڏجن ٿا:

S_ آ_ (حرف ندا) سڏڻ لاءِ ڪم ايندڙ

S_ اڪٿ_ (صفت) ناقابل اظهار (Unexpressable)

S_ اکر_ (واحد مذڪر)، الفابيٽ جو هڪ حرف، هڪ لفظ

L_ ائثي_ 'تون' جو فاعلي جمع (You)

L_ اُڪارڻ_ (فعل) جانور کي هلائڻ (To drive an animal)

A_ عقل_ (واحد مذڪر) ڏاهپ، سمجهه (Wisdom, understanding)

A_ عقلائتو_ (صفت، ظرف) سمجهه وارو، عقل وارو (rational, wise)

P_ انگستانو_ (واحد مذڪر) آڱر ۾ پائڻ وارو...

اهڙيءَ ريت چئي سگهجي ٿو تہ اسٽئڪ هرويرو چڪي سنڌي لفظن کي سنسڪرت بنياد مان ڪيڻ بدران عام رواجي طور سنڌي لفظ ڌار ڪيا آهن ۽ ظاهر ظهور عربي فارسي لفظ ڌار ڪيا آهن، ۽ سنڌيءَ جي لاڙي لهجي جا لفظ ڌار ڪيا آهن (ان جو ڪارڻ شايد اهو آهي جو اسٽئڪ سان جنهن سنڌي منشيءَ ڪم ڪيو هو اهو اتر جو هو_ انهيءَ ڪري سندس لغتن توڙي گرامر ۾ 'ٽ' جا بہ اچار 'ٽ' ۽ 'ٽر' ڏنا ويا آهن)

ويجهي ماضيءَ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل لفظن تي مشتمل هڪ لغت محترم سراج الحق ميمڻ تيار ڪري رهيو آهي (جيڪا ايجا اڻپوري آهي) ان ۾ هن شاهہ جي رسالي جي بيتن ۾ موجود ڪيترن نج سنڌي لفظن کي سنسڪرت، پراڪرت، دراوڙي، عربي ۽ فارسي لغتن ۾ ڳولي ڦولهي منجهن ڪا هڪجڙائي يا ڪا پري جي مماثلت ۽ ماڻتي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن هو پنهنجو اهو نظريو ثابت ڪري سگهي تہ هرويرو هر لفظ انهن پنجن ٻولين مان ڪنهن هڪ سان ڳنڍڻ واري روايت کي غلط ثابت ڪري سگهي ۽ اهو طي ٿي سگهي تہ سنڌي ٻولي اصلوڪي ٻڻائتي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون سنڌو ماٿر جي تهذيب ۾ کتل

آهن. انهيءَ حوالي سان سراج صاحب سنڌو ماٿر جي ٻين ٻولين جهڙوڪ، پنجابي، سرائڪي ۽ هندڪو وغيره جي لفظن ۾ ٻه جهاتي پائي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل جي مسئلي جو حل سائنسي طريقن سان موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي پاڄ ۾ آهي، جنهن ۾ اڃا تائين ڪاميابي حاصل نہ ٿي آهي، ان ڪري ان جو ٻيو طريقو سنڌيءَ ۾ موجود اهڙن لفظن جا بنياد ڳولڻ وارو ٿيندو جن کي ديسي نج سنڌي قبول ڪجي پر ان لاءِ بہ وڏي تحقيق جي ضرورت آهي، جيڪا يونيورسٽين جا شاگرد پي ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ انهيءَ مضمون کي کڻي ڪري سگهن ٿا.

**مددي ڪتاب:**


1- آخوند عبدالرحيم عباسي، جواهر اللغات سنڌي اڪيچار سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 1993ع.

2- اسٽئڪ ڪيپٽن، سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2011ع.

3- بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، جامع سنڌي لغات (جلد پهريون)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنہ 2007ع.

4- Atkins B.T.S & Rundell Michael, The Oxford Guide to Practical Lexicography, Oxford,U.P,2008.

5- Bejoint Henry, Modern Lexicography, An Introduction, Oxford U.P, 2000.

6- Encyclopedia Britanica, Vol:4, Edition 15, 2010.

7- ان کانسواءِ آڪسفورڊ ۽ چيمبرس ڊڪشنرين سميت، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڇپيل هڪ ٻولياڻي ۽ ٻہ ٻولياڻي لغتن جو مطالعو ڪيو ويو ۽ انٽرنيٽ تان معلومات حاصل ڪئي وئي.

# شاهہ لطيف جي ٻولي: هڪ نقطہ نظر

محترمہ ج ع منگهاڻيءَ جو ڪتاب "شاهہ لطيف جي ٻولي" شاهہ جي رسالي ۾ ڪتب آيل لفظن کي سمجهڻ جي هڪ ڪوشش آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي تر يعني لسٻيلي ۽ ڪوهستان ۾ مروج لهجي مطابق لفظن جون معنائون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪوشش دوران هن اڳ ۾ مختلف عالمن ۽ شاهہ جي شارحن پاران ڏنل معنائن سان نہ صرف اختلاف ڪيو آهي بلڪ ڪن لفظن جي معاملي ۾ تمام سخت لهجي ۾ احتجاج ڪيو آهي. سندس ڪوشش جي ساراهہ ڪرڻ سان گڏوگڏ آءٌ اهو ضرور چوڻ چاهيندس تہ پاڻ جيتري نيڪ نيتيءَ ۽ خلوص سان ڪم ڪري ٿي، اوتري ئي نيڪ نيتي ۽ خلوص انهن عالمن وٽ بہ هو ۽ هر ڪنهن وٽ شاهہ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش پٺيان ان سان محبت ۽ عقيدت جو ئي جذبو هو... جيئن ڀيڻ ج ع منگهاڻي انهن سان اختلاف ڪرڻ جو حق رکي ٿي، ائين ئي اهي ۽ ٻيا پوءِ اچڻ وارا رسرچر ساڻس اختلاف رکي سگهن ٿا. خود مون کي بہ ڪن لفظن جي معنائن سان اختلاف آهي. ان ڪري انهيءَ سموري عمل کي پيار جو پورهيو سمجهي ان جي آجيان ڪرڻ گهرجي. ڪنهن هڪ لهجي سان تعلق رکندڙ ٻئي لهجي وارن کي مڪمل رد ڪرڻ بدران، سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ عظمت ۾ يقين رکي ڪم ڪري تہ اسين سنڌي ٻوليءَ ۽ شاهہ لطيف سان پنهنجائپ ۽ محبت جو ثبوت ڏئي سگهون ٿا.

هن ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ ۽ اصطلاح زير بحث آيا آهن، جن تي اڃا بہ بحث جي گنجائش آهي ڇو تہ ڪيترا سنڌي لفظ اهڙا آهن جن جو استعمال ۽ معنيٰ هڪ لهجي کان ٻئي لهجي ۾ مختلف هئڻ سبب غلطيءَ ۽ مونجهاري جو سبب ٿي سگهن ٿا.

آءٌ هتي ڪجهہ لفظن بابت ٿيل بحث کي سامهون رکي مثال ڏيڻ چاهيندس:

ج ع منگهاڻيءَ ڪن لفظن تي هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا لکيو آهي ۽ تمام سخت لهجي ۾ انهن لفظن جي پنهنجي پاران ڏنل معنائن تي زور ڀريو آهي. انهن تي ترتيبوار بحث ڪجي ٿو:

(الف) اول/اوليو/اوليا/اوليين/اولجان (مصدر "اولڻ" ۽ "اولجڻ"):

هنن لفظن جي معنيٰ لڳ ڀڳ شاهه جي سڀني شارحن "ڏڪجي وڃڻ"، "ٿيلهجي وڃڻ، "ڀٽڪڻ"، "ڀٽڪائڻ"، "طوفان يا ڪنهن به مصيبت ۾ گهيرجڻ"، تواڻي ٿيڻ/ڪرڻ، "رولڻ"/"رولجڻ"، "دربدر ٿيڻ" وغيره ڏني آهي جيڪا عام طور اسان به گفتگوءَ ۾ ٻڌي آهي.... شاهه جون سٽون آهن:

- تڏهن منجهان تن اوتڙِ ڪو نه اوليو.
- او "فائق ۾ فرمان، آوَتڙِ ڪنهن نه اوليا.
- اوتڙ ڪنهن نه اوليا، سُتڙ ويا سالِم.
- الا ات مَ اوليين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ.
- سٽڙ سُوڻائون، اوتڙ ڪنهن نه اوليا.
- نيئي نيئي اول، پريان جي پار ڏي (وائيءَ جي سٽ)
- سمنڊ سوجهي تن، آڻي امل اوليا.
- جي ٻڌان تہ ٻن، مَرُ اولجان ان پار ڏي.
- قلم جي ڪاني، آڻي اوليس اول ۾.

انهن لفظن جي حوالي سان "اولجڻ" جي معنيٰ ڀيڻ منگهاڻي "ڦاسڻ/ ڦاسجڻ" تي ڪري، جيڪا سندس تر ۾ مروج آهي. هاڻي ڏنو وڃي ته نه رڳو سڀ شاهه جا شارح بلڪ لغتون پڻ هڪ طرف آهن، ته اها معنيٰ ٻئي طرف! اچو ته ڪجهه سوال ڪري مفهوم سمجهون.

پهرين ٽن سٽن ۾ لفظ آوَتڙِ جي "ڙ" جي هيٺان زير آهي ان ڪري چٽبو ته ان جي حالت جري (مڪاني) آهي ۽ حرف جر آهي، "ڏانهن" يعني "اوتڙ ڏانهن" انهيءَ صورت ۾ اوليو/اوليا جي معنيٰ ڀٽڪڻ، ٿيلهجي، ڏڪجي وڃڻ واري ٿيندي

پر جي اسان اوليو/اوليا جي ڦاسڻ/ڦاسائڻ واري معنيٰ ڪنداسين، تہ ان مهل "اوتڙ" لفظ جي "ڙ" کي زبر لڳائي حالت فاعلي ڪرڻي پوندي، "اوتڙَ ڪنهن نہ اوليا" جي معنيٰ ٿيندي ڪنهن اڙانگي/ ڏکئي تڙ انهن کي ڪو نہ ڦاسايو.... باقي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ لفظ اوتڙ جي صورت ڪهڙي مڃجي؟ "ڙ" هيٺيان زير واري يا زبر واري؟ ۽ معنيٰ ڪهڙي قبول ڪجي؟ "ٿيلهڻ" واري يا "ڦاسائڻ" واري، وائيءَ واري سٽ "نيئي اولِ پريان سندي پار ڏي" ۾ تہ حرف جر آهي ئي "ڏي" (معنيٰ ڏانهن).

انهيءَ بحث مان شاهہ جي بيتن کي سمجهڻ ۾ ڪيتري مدد ملي سگهي ٿي تہ اهڙو بحث ضرور ڪجي.

باقي سٽن وارن لفظن کي بہ انهيءَ طريقي سمجهي سگهجي ٿو. لفظ "اولئين" معنيٰ "تون اولين" (بيٺ تي، تڙ تي يا اوتڙ ڏانهن ڌڪي ٿيلهي موڪلين يا ڦاسائين؟) "اول" (نيئي نيئي اولِ) جي بہ ساڳي معنيٰ آهي، يعني اهو امر آهي، يعني مخاطبت آهي "تون اولِ" هاڻي ان کي تون ڌڪي وٺي وڃ (نيئي) يا "تون وڃي ڦاساءِ"، سمجهجي؟؟ سر سهڻيءَ واري بيت جي سٽ ۾ بہ ڌڪجي، ٿيلهجي ٻئي پار ڏانهن وڃڻ جي ڳالهہ آهي يا ڦاسڻ جي؟ هنن مٿين سٽن ۾ هڪڙي سٽ ۾ مفهوم مختلف آهي "سمنڊ سوجهي تن، آڻي امل اوليا" اتي "امل آڻي اولڻ" جي معنيٰ "امل آڻي ڦاسايا" ڪجي تہ بہ ڳالهہ ڪجهہ نهي نٿي، ڇو تہ سمنڊ مان ميجي يا ڪنهن جاندار لاءِ تہ ڦاسائڻ جو لفظ ڪتب آڻبو آهي. موتي/امل جواهر وغيره "ڦاسائڻ" بابت ٻولي جي ماهرن کان پڇڻ گهرجي.

(ب) سر ڪلياڻ ۾ سٽ آهي:

"پسئو پر عجيب جي لڇئو وڃي لوهہ"

انهيءَ لفظ "لڇيو" تي بہ گهڻو بحث ٿيو آهي. هن لفظ جي معنيٰ اڪثر شارحن 'لڏڻ'، 'ڏڪڻ'، 'لرزڻ'، 'ڪنبڻ' وغيره ڏني آهي. مختلف لغتن ۾ ۽ ڊاڪٽر بلوچ سنڌي لغت ۾ "لِڇڻ" جي معنيٰ 'جهڪڻ'، 'مڙڻ'، 'ڇپو ٿيڻ' ڏني آهي ۽ 'لڇڪڻ' جي معنيٰ 'لڏڻ'، 'لرزڻ'، 'ڏڪڻ' ڏني آهي.

جنهن مان لفظ 'لچڪي' نڪتل آهي. جڏهن ته منگهاڻي 'لچٿو' جي معنيٰ - 'چنبڙيو'/ 'چنبڙايو' ڏئي ٿي ۽ ان لاءِ معنائن واري فهرست ۾ هڪ لفظ "لتو" پڻ ڏئي ٿي، معنيٰ 'ثقيو'. جيڪو سيني لهجن ۾ عام طور استعمال ۾ آهي. 'لتو'، 'لتل'، 'ثقيل' جي معنيٰ ۾! مثال "هو سچو گپ سان لتو پيو هو/ وار تيل ۾ لتل هئس."

منهنجي خيال ۾ "لتو" لفظ "ليپ ڏيڻ" جو اسم مفعول آهي. پيڻ منگهاڻيءَ جيڪي جملا ڏنا آهن انهن ۾ 'لچيو' ۽ 'لتو' کي متبادل طور استعمال نٿو ڪري سگهجي.

جملو: هڪڙي هنڌ لچيو وينو آهين اٿي ٻاهر نڪر.

"ڇا ان جملي کي هيئن چئي سگهجي ٿو؟

هڪڙي هنڌ لتو وينو آهين، اٿي ٻاهر نڪر".

ان ڪري 'لچيو' کي 'لِتو' واري معنيٰ ۾ ونجي يا نه؟ ۽ ڇا شاهه صاحب وارو لفظ 'لچيو' ان معنيٰ ۾ بيت جي سٽ ۾ نهي ٿو؟ وري جيڪڏهن شاعراڻين خوبين جي حساب سان ڏسجي ته هن سٽ ۾ صنعت تضاد جي خوبصورتيءَ کي به ذهن ۾ رکڻو پوندو، جو سٽ جي معنيٰ بيهي ٿي ته "محبوب جي ٻِرِ کي ڏسي لوهه (ڪاتي) جهڙي سخت شيءِ به لزري ڏکي ٿي وڃي."

(ب) سر ڪلياڻ ۾ بيت جي سٽ آهي:

"وڍيين تان ويهه، نه ته وئيو واٽ <u>ونءُ</u> تون"

۽ ٻي سٽ آهي:

"جي اٿئي سڌ سُرڪ ۾، <u>وَنءُ</u> ڪلاڙڪي هٽ.

هنن ۽ اهڙين ٻين به ڪن سٽن ۾ لفظ "وَنءُ" آهي، ان جي معنيٰ اڪثر شارحن "وڃ" ڏني آهي ۽ لغتن ۾ به اها ئي معنيٰ آهي، جيڪا ٻنهي هنڌ نهڪي به ٿي. پيو هڪ اصطلاح به اسين ڳالهائيندا آهيون "ونئون وڃڻ" معنيٰ پري پڇڻ، تهڻ وغيره. پر اسان جي پيڻ ٿي چوي ته وڃن ان لفظ جي معنيٰ مختلف آهي يعني "گم يا غائب ٿي وڃڻ"، "هميشه لاءِ هليو وڃڻ" يا "تڪڙو هڪدم وڃڻ". مٿين ٻين سٽن ۾ اها معنيٰ نهي ٿي يا نه؟؟ سوچيو!

وري هن سٽ ۾ ڏسو:

"ويڄهو ونءِ مَر وات کي، ڪهج ڪُوات"

- اتي تہ سڌو سئون "وڄ" جي معنيٰ تي نڪري، ڇا ان معنيٰ کي بدلائڻ جي ڪا ضرورت آهي؟

(پ) سر ڪلياڻ ۾ هڪ سٽ آهي:

"تڪ ڏيئي ٻڪ پي گهوٽ منجهان گهاٽي"

ٻي هنڌ وري آهي:

"اڇاڙان ابت گهڙج گهاٽي نينهن سين"

پيڻ جو لفظ "گهاٽي" تي بحث پڙهي معلوم ٿيو تہ سنڌ جي ٻين لهجن جي معنيٰ کان وٽن مختلف معنيٰ آهي، يعني وٽن "گهاٽو" معنيٰ 'گهٽو' 'زياده' وغيره. جڏهن تہ ٻئي هر هنڌ عام مروج معنيٰ آهي 'ڳتيل' ۽ 'گهرو' يا 'ڇڊي' جو ضد 'گهاٽو'.

پهرئين بيت جي مفهوم ۾ بہ ڏسجي تہ موڪيءَ وٽ اهو خاص ٽپ وارو شراب ايترو گهٽو ڪو نہ هو (صرف هڪ مٽ ۾ سپ پيو هو) جو 'گهاٽو' گهٽي واري معنيٰ ۾ چئجي، البتہ ڇڊي جي ضد وارو گهاٽو ضرور چئي ٿو سگهجي، ساڳي ڳالهہ 'گهاٽي نينهن' بابت چئي سگهجي ٿي. لاسي، ڪوهستاني بہ اسان جي پنهنجي منڍي ٻوليءَ جا خوبصورت لهجا آهن، ان مان معنيٰ ڪرڻ ۾ ڪير بہ ارهو ڪو نہ ٿيندو پر جي اها معنيٰ سٽ ۾ بيت جي مفهوم ۾ نهڪي اچي تہ! وڌيڪ بحث جي گنجائش هجي تہ ٻلي ٻوليءَ جا سيني لهجن جا ماهر ويهي سوچين.

(ٽ) ان کان پوءِ وري هڪ ٻيو لفظ بہ آهي جنهن تي گهڻائي ڀيرا بحث ڪيو ويو آهي، سو آهي "روءِ" مختلف سرن ۾ اهو لفظ استعمال ٿيو آهي.

مثال طور:

جان رمز پروڙج روءِ تان سر وٺ سرڪي سڱڻي.

راڻين وري روءِ گوندر لتا گولئين

هن تاري هن روءِ هٿ منهنجا سپرين.

سيني عالمن وٽ ۾ لغتن ۾ معنيٰ آهي 'منهن'، 'چهرو'، 'شڪل'، 'صورت'، 'طرز'، 'نمونو'، 'رخ'، 'روپ'، روئداد، صورتحال وغيره. پيڻ منگهاڻي ان لفظ جي معنيٰ 'رنگ'، 'روئانت' تي ڪري (جيڪا سندس تر ۾ مروج آهي) مثال لاءِ هوءَ "ٻوڙ جي روءِ" يا "ماڻهوءَ جي ٽانڊي جهڙي روءِ" لکي ٿي. ڏنو وڃي ته "روءِ" مان اها هڪ معنيٰ به ڪڍي ٿي سگهجي، پر صرف ۾ صرف ان معنيٰ ۾ اهو لفظ سمجهائڻ درست ڪونهي. مختلف ڏنل معنائن ۾ "رخ" کي "منهن" به چئي سگهجي ٿو ته "طرف" به، ساڳي طرح "روءِ" "شڪل" به آهي ته "صورت" به. "رنگ" به آهي ته "روپ" به (جيڪو سندس ڏنل مثال ۾ به چٽو آهي) ته پوءِ عام مروج لغوي معنيٰ کي مٽائڻ جو ڪهڙو جواز ٿو پيدا ٿئي؟

(ٽ) ان کان پوءِ هڪ هنڌ ڏاڍي دلچسپ ڳالهه معلوم ٿي ته لسبيلي ڪوهستان ۾ "چيچ" کي "چيٽڪ" چوندا آهن ۽ ڏسٽي آڱر کي "ڦنبڪ". هڪ وائي جي سٽ آهي:

رانجها وو مين تيڏڙي آهيان.

چيٽڪ لايا وو مينون، ڪوڪ ڪنهن سڻوايا تينو.

اتي منگهاڻيءَ جي ڏنل معنيٰ نهڪڻ جي باوجود چيٽڪ لڳڻ سان ڪوڪ سڻائڻ جو تعلق سمجهه ۾ ڪو نه آيو. حيرت جي ڳالهه آهي ته پيڻ منگهاڻي هن وائيءَ تي اعتراض ڪو نه واريو آهي، جڏهن ته هن ۾ ڪيئي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي شاهه جي ڪلام جي موضوع سان نٿيون نهڪن. مثال طور لفظ "رانجها" ٻڌائي پيو ته هيءَ وائي 'هير رانجهي' واري

داستان سان واسطو رکي ٿي جيڪو شاهه صاحب جي رسالي جو موضوع ڪونهي، ٻيو ان جي ٻولي سنڌي ڪانهي ۽ سرائڪيءَ جو ٻه اهو لهجو آهي جيڪو پنجاب جي ويجهو ڳالهايو ويندو آهي. سنڌ جي سرائڪيءَ ۾ "مينون تينون" نه پر "ميڪون تيڪون" چوندا آهن. بهرحال!

(ٽ) اڳتي هلي هڪ سٽ آهي:

ڏڳايوم ڏنئين، ڇيرو اندر جندڙي

لفظ 'ڏڳڻ'/'ڏڳائڻ' جي معنيٰ تي بحث ڪندي محترم پيرڻ ان جي معنيٰ 'لرزڻ'، 'لرزائڻ'، 'رقڻ'، 'ڏڪڻ' وغيره تي ڪري .

اهو لفظ ڪنهن هڪ لهجي ۾ نه پر سڄي سنڌ ۾ ڳالهايو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جو واسطو "ٽانڊي" سان ئي ٻڌو پڙهيو اٿئون. ٽانڊو ڏڳندو ته چمڪندو ۽ روشني ٽم ٽم ڪندي. شعلو يا پيڙ ته لرزي سگهي ٿو پر ٽانڊو ڪيئن لرزندو؟ ان مان نڪرندڙ گئس يا دونهين ۾ شيون لرزنديون نظر اينديون آهن پر اهو پاڻ ڪو نه لرزندو آهي. تپ يا بخار ۾ بت جو ڏڳڻ، تپش واري معنيٰ ۾ چئبو آهي.

هڪ ٻئي هنڌ اڱارن لاءِ آهي ته:

"هڪڙا ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهه ڏڳن"

اڱار ڪيئن ڏڪندا؟ بلڪ اهي ته ٻهرين دکندا ۽ پوءِ زور جهليندا ته ٻرندا، تڏهن چئبو ته ڏڳن ٿا. ۽ جڏهن ٽاندو ڏڳندو آهي ته ان جو خوبصورت ڳاڙهسرو سونهري رنگ تشبيهه طور استعمال ڪري سگهجي ٿو جنهن مان حسن تجلا ڪندو ڏسڻ ۾ اچي يا روشنيءَ جي ٽمڪي ڪي لرزش واري معنيٰ ۾ ڪٿي تو سگهجي.

سر سريراڳ ۾ هيءَ سٽ ڏسو:

"آيل وڻجارن جون ڏڳن ڏجائون"

هتي شارحن جي ڪيل معنيٰ آهي 'تجلا ڪن' يا منگهاڻيءَ جي بقول 'لرزن' (پر اها اصطلاحي معنيٰ ته ٿي سگهي ٿي لغوي معنيٰ نه).

ساڳيءَ طرح لفظ "ڏڄ" يا "ڏڄا" تي بہ بحث ڪيو ويو آهي. اهو لفظ ڪپڙي جي ٽڪريءَ يا ليڙ واري معنيٰ ۾ عام فهم آهي، خود هندي يا اردوءَ ۾ "ڌجي" ڪپڙي جي ٽڪر کي چئبو آهي ۽ ان کي جهنڊيءَ يا بيرق جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو چو تہ جهنڊيءَ ۾ بہ ڪپڙي جو ٽڪر لڳل هوندو آهي. محرم ۾ جڏهن عَلم (جهنڊا) لهندا آهن تہ ان ۾ لڳل ڪپڙي کي چئبو ٿي "بيرق" آهي، جيڪا ماڻهو تبرڪ طور ٽڪر ٽڪر ڪري ڪٽي ويندا آهن. سو لفظن جون هڪڙيون لغوي معنائون هونديون آهن تہ ٻيون اصطلاحي ۽ ٽيون غلط العام صحيح.

(ٿ) "ڏڱايوم ڏنئين جيرو اندر جنڊڙي"

سٽ ۾ لفظ آيو آهي "ڏنئين". منگهاڻي صاحب ان جي 'لوڏڻ' واري معنيٰ تي ڪري ۽ ثابتيءَ لاءِ "پينگهو ڏنئڻ" جو مثال ڏنو اٿس.

انهيءَ لفظ جو مصدر آهي "ڏنوڻ" يا "ڏنئڻ"، ان مان نڪتل لفظ رسالي ۾ مختلف صورتن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. "ڏنوڻ" يا ڏنوڻي ان اوزار کي بہ چئبو آهي جنهن سان اهو عمل ڪيو ويندو آهي. ڏنوڻ يا ڏنوڻيءَ کي هيٺ مٿي ڪرڻ سان ان ۾ هوا پرجندي آهي جيڪا ٽانڊن کي ڏڱائيندي آهي، ان عمل کي "ڏنئڻ" چئبو آهي جنهن مان اهو لفظ "ڏنئين" نهيو آهي. ٻئي هنڌ جيڪڏهن اهو ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو (پينگهو ڏنئڻ) بہ تہ اهو انهيءَ مسلسل هوا پرڻ لاءِ هٽ هيٺ مٿي ڪرڻ واري تشبيهہ کي ذهن ۾ رکي ڪبو آهي. وڌيڪ ٻوليءَ جا ماهر پنهنجي راءِ ڏيندا.

(ٺ) ڪي ڳالهيون دل سان بہ لڳن ٿيون مثال طور:

منگهاڻيءَ جي ڏنل هڪ لفظ "اوڇون" جي پڙهڻيءَ سان اتفاق ڪرڻ تي دل ٿي چوي، سٽ آهي:

"اوڇون ڪري عام کي منجهايو ملن"

ان لفظ جون گهڻيون صورتون ملن ٿيون. انهن مان هڪ پڙهڻي "اوڇون" بہ آهي جنهن کي هوءَ "اهڇون" جو متبادل روپ سمجهي ٿي ۽ ان

جي معنيٰ بہ نهڪي ٿي سٽ جي مفهوم سان. ان جي باري ۾ بہ ماهر سوچي ان کي قبول ڪري سگهن ٿا.

(پ) هڪ وائيءَ جي سٽ آهي:

"اصل اسارن جا" ستي ويڙا سيڻ".

ان ۾ لفظ "اسارن" جي معنيٰ تي بحث ڪيو ويو آهي تہ اهو 'غافل ۽ ويسلو' نہ آهي ڇو تہ 'غافل ۽ ويسلو' تہ عقل ۽ شعور وارو بہ ٿي سگهي ٿو پر 'اساري' ماڻهوءَ کي 'غائب دماغ' چئبو.

عام طور اهو لفظ "اسارو"، "سار" (سارَ = يادگيري، سارَ = هوش، سارَ= خيال) جي ضد طور سيڪو ڄاڻي ٿو. 'اسارو' بنا هوش حواس واري ماڻهوءَ لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو تہ غافل کي بہ چئي سگهجي ٿو غافل ستل بہ ٿي سگهي ٿو جاڳندڙ بہ عقل وارو بہ تہ غائب دماغ بہ. جنهن کي ڪا سار نہ هجي هوش/ياد/جاڳ نہ هجي. گهڻا ئي متبادل لفظ ٿي سگهن ٿا:

ٻي هنڌ سٽ آهي:

"اڄ ڪيئن اسارو، ڪنوڻ ڏسيو ٿو ڪلين." (ٻي سارو/غائب دماغ).

يا وري

"ستين ڪهڙي سار، وڄ ڪنودئي ويسرا." (خيال ڪان)

"منهنجي سيد لهندو سار"

(سار لهڻ = خبر چار وٺڻ، سنڀارڻ)

ان سموري بحث ۾ پيڻ پنهنجي هڪ راهہ ورتي آهي ان کي بہ عالم ڏسن. معنائن تي بحث ڪندي ڪندي پيڻ ڪٿي ڪٿي بيتن جي سٽن جي جوڙجڪ يا لفظن تي بہ راءِ ڏي ٿي.

(ج) سر ڪنيات ۾ هڪ بيت جي سٽ آهي:

"مچڻ ٻونئي هڏِ، آهون اڪنديين جون."

ان لفظ "هڏِ" تي بحث ڪيو ويو آهي. ان لفظ ۾ "ڏ" هيٺان زير آهي. ان جي حالت جري (مڪاني) ٿي بڻائي، معنيٰ ٿئي ٿي "هڏ ۾"، جيڪا

اڪثر شارحن ڏني آهي. ٻيڻ منگهاڻي ان جي معنيٰ "ماڳهين". "بنهه ۽" اصل تي ڪري. اهو درست آهي تہ اهو لفظ ان معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي جيئن شاهہ صاحب جي هڪ ٻئي بيت جي سٽ ۾ آهي:

"ڪاٽا لاٽا ڪرها، چانگا هڏَمَ چرَ"

اتي ان جي معنيٰ 'ماڳهين' 'صفا' ۽ 'بنهہ' ٺهي ٿي، پر مٿي ڏنل پهرين سٽ ۾ اها معنيٰ ڪانهي. ڪنهن ٻوليءَ ۾ ساڳيو لفظ ٻن معنائن ۾ بہ استعمال ٿي سگهي ٿو جيئن "پٽي" آهي. "پٽي" معنيٰ سڌي سنواٽي شيءِ (ڪاٺ جي لوهہ جي يا ڪنهن ٻي شي جي) پر اهو ئي ساڳيو لفظ "پٽيءَ نہ ڪجان اهو ڪم" ۾ 'بنهہ'، 'صفا' جي معنيٰ ٿو ڏي. ان ڪري پهرين سٽ جي پد "مچڻ پونئي هڏِ" جي "هڏ ۾" واري معنيٰ ٿيندي، ۽ ٻي سٽ ۾ 'بنهہ' 'ماڳهين' واري.

(ج) ان ڪان پوءِ سر ڪنڀات جي بيت جي سٽ آهي:

"ولڙيون وهہ ساءِ، اچا پوءِ مُهنديون"

هن بيت ۾ لفظ "مُهنديون" جي "م" تي پيش آهي ان ڪري شارحن ان جون ٻن قسم جون معنائون ڪيون آهن. هڪڙي "مُهڻ" مان يعني 'مسائڻ'، 'نقصان ڪرڻ' واري ۽ ٻي "موهڻ" مان يعني "توکي موهينديون" واري. پر جيڪا معنيٰ ٻيڻ منگهاڻي ڪري ٿي تہ "اڳيان ايندڀون، اڳيون، مُهڙ واريون" سا لفظ "مَهنديون" جي آهي جنهن ۾ "م" تي زبر آهي. "مَهنڊِ" معنيٰ 'اڳيان' 'اڳي' وغيره. جيڪو مون پڻ پنهنجي گهر ۽ تر ۾ ٻڌو آهي. "هوءَ تو ڪان مهند مون وٽ آئي هئي". ان موجب "مهندار"۔ اڳواڻ وغيره لفظ ٺهن ٿا. ان ڪري اهو بہ ضروري آهي تہ لفظ جي زير زبر کي ڏسي معنيٰ ڪجي.

(جهہ) سٽ آهي:

"چانگي چکي چِٽَ، پوءِ نہ رهندو پٺند ريءَ."

ان ۾ لفظ آهي "چِٽَ" جنهن جي معنيٰ سيني شارحن 'چَٽو'، 'لذت'، 'چَش'/ 'چشڪو' ۽ 'مزو' ڏني آهي. ان جو بنياد "چٽڻ" مان آهي جنهن جو

تعلق سواد سان آهي. پر پيڻ چوي ٿي تہ وٺن اهو لفظ "توري ذريءَ" جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي ۽ اها ئي معنيٰ بيت ۾ آهي.

اهو لفظ تہ تمام عام آهي، ڪو ماڻهو لذت لاءِ اجايو سجايو کائيندو تہ چئبو "سچو ڏينهن اٿئي چٽو ماني ڪٽان وٽندئي" "هن ڪي تنهنجي هٽ جي مانيءَ جي اهڙي چٽ پئي آهي جو روز ڀڳو بيٺو آهي."

اهو ئي لفظ اردوءَ ۾ "چٽپٽا" ۾ ڏسي سگهجي ٿو جنهن مان "چٽورا" "چٽوري" لفظ بہ ٺهيل آهي. البت 'ماکيءَ چٽ' جهڙي بناوت جو استعمال بہ ٿيندو آهي پر اتي بہ چٽڻ وارو مفهوم ٿيندو ۽ چٽڻ هرويرو توري شيءِ جو ڪو نہ ٿيندو آهي. بلڪ هيئن بہ چئبو آهي تہ "مون چيو مانءِ چڪ پر تون تہ سچو چٽي وئينءَ"... سو لفظ جو مفهوم ڏسبو تہ اهو ئي مزي ۽ لذت وارو نڪرندو.

(ڇ) سر ڪنيات ۾ بيت جي سٽ آهي:

"سچو پسي مون سجي ڪرها تو ڪي ڪام"

(اهو لفظ ڪن نسخن ۾ "سجين" بہ لکيل آهي). ان ۾ پيڻ لفظ "سجي" تي بحث ڪيو آهي تہ ان جي معنيٰ آهي "آچ ڪرڻ" - اهو لفظ عام طرح سان هٿيار سڌو ڪرڻ واري معنيٰ ۾ يا نشانو چٽڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال طور "هو ياءَ تي پستول سجي بيٺو هو مون ڪي ڊپ ٿيو تہ متان گولي چٽي نہ وڃي" - اتي "سجڻ" جو مطلب نڪو هڻڻ آهي، نہ لڳائڻ ۽ نہ ئي اڇلڻ يا آچ جيان اڳيان وڌائڻ. ان لفظ کي "الارڻ" بہ نٿو چئي سگهجي پر ان ۾ اهڙو هڪ مفهوم لڪل آهي تہ عملي طرح هڻجي نہ پر صرف اهڙو اشارو ڪجي جڻ تہ ڌاڻجي يا هڻجي ٿو جيڪڏهن لسٻيلي ڪوهستان ۾ ان جي مختلف معنيٰ آهي تہ ان جي باري ۾ عالم فيصلو ڪن.

(ج) ساڳئي قسم جي بحث ۾ هڪ هنڌ پيڻ لفظ "پيٽي" جي معنيٰ 'وات'، 'گلي'، 'پهچ'، 'طاقت' تي ڪري، مختلف لغتن ۽ شرحن ۾ ان لفظ جي معنيٰ 'جاءِ'، 'هنڌ'، 'حد' ۽ 'پهچ' وغيره لکيل آهي، اهو هن طرح استعمال بہ ٿيندو آهي: "هن جي ظلم جي تہ پيٽي ڪانهي" يا شاهہ صاحب

ٻه چوي ٿو:

"ڪتين ڪٽ لوهار هاٿي انهيءَ پيٽين"

معنيٰ هاٿي انهن جاين/هنڌن تي لوهار ڪٽ ٿا ڪتين. باقي پاسائتي معنيٰ ۾ واٽ يا گلي معنيٰ ٿي سگهي ٿي.

(ح) سر ڪنيات ۾ ست آهي:

"قمر ڪهچ قريب ڪي، نست ۽ نٻر"

ان ۾ لفظ "نست" تي بحث ڪندي پيرڻ ان لفظ جي لغوي معنائن سان سهمت نٿي ٿئي. جيڪي آهن 'بي ستو'/ 'ستي'، 'بي طاقت'، 'هيٺو'/ 'هيٺي'، 'ڪمزور' وغيره. سنڌيءَ ۾ لفظ "ست" طاقت يا سگهه واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال طور "انهن ۾ ظلم سهڻ جو ست ئي ڪونهي" يا "آءٌ هن جي سامهون ٽيڻ جو ست ئي نٿي ساري سگهان" ۽ اها ئي معنيٰ سموري سنڌ ۾ رائج آهي. پر منگهاڻيءَ جو چوڻ آهي تہ سندس تر ۾ اهو لفظ 'بزدل'، 'بي همت' ۽ 'ياڙيو' يا 'گيدي' واري معنيٰ رکي ٿو پر منهنجو خيال آهي تہ هر ڪنهن بي ست/نست، ڪمزور ۽ نٻر ماڻهوءَ لاءِ اهي ناڪاري صفتون استعمال نٿيون ڪري سگهجن ڇو تہ ڪيترا ماڻهو ڪمزور ۽ هيٺا هوندا، نست ۽ نٻر هوندا پر ياڙي ۽ گيدي ڪو نہ هوندا. هانءَ جي سچائيءَ تي وڏي مصيبت اڳيان بيهي رهندا. سو انهيءَ غلط العام استعمال کي مٿين ست واري يا اهڙي ڪنهن مفهوم ۾ استعمال ڪرڻ ڪيتريقدر جائز آهي؟؟

(خ) سر سريراڳ ۽ سر سامونڊي ۾ ٻہ مختلف بيت اهڙا آهن جن ۾ هڪ ست ساڳي آهي (ڇو آهي؟ ان تي في الحال نٿا سوچيون) اها آهي:

"ننگريو نيٺين، من اوليءَ نہ اوهري"

ان جي معنيٰ تي اڳيان هلي بحث ڪنداسين. سر سريراڳ ۾ ست آهي:

سباجهي سيٽين پائي ڳڻ ڳهيو هنيون.

هن ست ۾ لفظ "ڳهيو" ۾ ڳ تي زبر آهي (اڪثر رسالن ۾). شارحن طرفان ۽ لغتن ۾ ان جي معنيٰ 'گروي رکڻ'، 'هلاڪيءَ ۾ پوڻ'/ 'وجهڻ' يا

’لوڙڻ‘ بہ آهي. (اهو لفظ هن صورت ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي: ”غريب ويچارو سچو ڏينهن ٿو ڳهي“ - پيڻ منگهاڻيءَ جو خيال آهي تہ اهو لفظ ”ڳ“ هيٺيان زير سان ”ڳِهيو“ آهي، جنهن کي هو ”ڳورڻ“ (ڳهڻ) تي چوي، هن جو دليل اهو آهي تہ گروي رکڻ سان بي اعتباري جو تاثر تو ملي ان ڪري اهو ڳيهڻ واري معنيٰ ۾ وٺڻ وڌيڪ مناسب آهي. يعني ”سهاجهن سيٽن ڳڻ ڪري منهنجي هنئين کي ڳيهي ڇڏيو.“ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ لفظن جي مفهوم کي ايترو منجهائڻ مان ڪجهہ ورڻو آهي ڇا جو هرويرو ويهي ايڏي اوک ڊوک ڪجي. جيڪڏهن ’گروي رکڻ‘ بي اعتباري ٿو ظاهر ڪري تہ ’ڳيهڻ‘، سچو سالم ڳورڻ مان تہ سيڻ آدم خور ٿا لڳن. منهنجي خيال ۾ تہ لفظن جي ايتري آپريشن ڪرڻ سان بيت جي سونهن ئي ختم ٿيو وڃي!

هاڻي وري اچون ٿا مٿي بيان ڪيل سٽ ”ننگريو نيڻين، من اوليءَ نہ اوهري“ تي. هن جي معنيٰ منگهاڻيءَ هن ريت ڪئي آهي تہ ”اکيون لنگر تان ۽ من ونجهہ تان لهي ئي نٿو“ جڏهن تہ منهنجي ناقص راءِ ۾ معنيٰ ٿيندي“ (محبوب جي) نيڻن من کي لنگر وانگر اهڙو قابو ڪري ڇڏيو آهي جو اوليءَ سان بہ نٿو اوهرجي (حرڪت ۾ اچي/ڏڪجي/هيٺ لهي) وڌيڪ عالم فيصلو ڪن تہ صحيح معنيٰ ڪهڙي ٿيندي. البت لفظ ’اهرجڻ‘/ ’اوهرڻ‘ ۽ ’اُهار‘ بابت منگهاڻيءَ جون ڏنل معنائون ضرور دل سان لڳن ٿيون.

(د) ساڳئي سر ۾ هڪ بيت جي سٽ آهي:

”وساڻو سو واءُ جنهن پر ڊڄن ناڪئا“

ان لفظ ”وساڻو“ تي بحث ڪندي پيڻ منگهاڻي ٻڌائي ٿي تہ وٽن ان جي معنيٰ ”ساهي پٽڻ ۽ آرام ڪرڻ“ واري آهي. مثال ڏئي سمجهائي بہ ٿي. لغت ۾ توڙي شرحن ۾ ”وسامڻ، ”جهڪو ٿيڻ“ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”وسامي ويو“ جيڪو هونءَ تہ باهہ جي وسامڻ سان واسطو رکي ٿو پر ان کي جهڪي يا ختم ٿيڻ جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي. ماڻهوءَ کي بہ چئي سگهجي ٿو ”چو اَڄ وساڻو پيو آهين؟“ ساهي پٽڻ يا آرام ڪرڻ لاءِ ان لفظ جو استعمال منهنجي لاءِ نئين ڳالهہ آهي. ساڳي ڳالهہ لفظ ”اجهاڻو“ سان

لاڳو ٿئي ٿي. اهي ٻئي هم معنيٰ لفظ تجنيس جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ گڏ استعمال ٿي سگهن ٿا.

(ڏ) سر سريراڳ جي هڪ بيت ۾ سٽ آهي:

لڳي ڪا مَ لپيٽ، شال غاريبي غوراب کي.

هن ۾ لفظ "غوراب" کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. ٻانهي خان شيخ سميت سمورن شارحن جي پاران ڏنل معنيٰ ۽ لغت جي معنيٰ موجب اهو "جهاز"، يا "ٻيڙو" آهي. ٻئي طرف پيڻ منگهاڻي چوي ٿي ته اهو "غوراب" نه پر 'گوراب'/ 'گراب' آهي جنهن جي سنڌس تر ۾ معنيٰ 'ڪچو ساماٽل اُٺ' آهي پر اهو عمومي طور "سواري" جي مفهوم ۾ ڳالهايو ويندو آهي ۽ لطيف ٻيڙي ۽ جهاز کي سواريءَ واري معنيٰ ۾ 'غُراب'/ 'گَراب' ڪوٺيو آهي، ان ڪري 'غراب'/ 'گراب' جي معنيٰ صرف 'ٻيڙو' يا 'جهاز' نه ڪرڻ گهرجي، بلڪ "سواري" ڪرڻ گهرجي.

هاڻي هتي ٻه سوال ٿا اٿن، سي اهي ته لفظ "غوراب/غُراب جي لغوي معنيٰ جهاز ۽ ٻيڙو آهي ۽ هن بيت، بلڪ سموري سر ۾ سمنڊ/پاڻيءَ ۾ هلندڙ سواريءَ جي ڳالهه پئي هلي ته پوءِ ان کي مٿائي گوراب/گراب ڇو سمجهجي، جڏهن ته بيت جي معنيٰ ۾ به ڪو فرق نٿو پوي ۽ ٻيو اهو ته تجنيس حرفيءَ جي ضرورت به پوري آهي ته پوءِ اهو بحث ڇو ڪجي؟؟

(ڌ) سر سريراڳ جي هڪ ٻئي بيت جي سٽ آهي:

ويرم لاهي ويهه، مٿي آر اوڙاهه جي.

هن سٽ ۾ لفظ "ويرم" تي بحث ڪيو ويو آهي جنهن مان "وير" کي ڌار ڪري ان جي معنيٰ هڪڙن شارحن "گيسر" ۽ "غفلت" ۽ ٻين "وقت" ۽ "دير" ڏني آهي، جنهن سان پيڻ اختلاف ڪندي ان کي وير= وقت، مهل، ويل، ورم وغيره چوي ٿي. منهنجو خيال آهي ته اهي به لفظ نه پر هڪڙو لفظ "ويرم" ئي آهي. (وير+ م ڪونهي). اهو عام طور سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ويندو آهي. ان سان وقت جو ضرور واسطو آهي پر اهو صرف "وقت" يا "ويل"

ڪونهي. ان جي معنيٰ "دير" ۽ "وقت جي وٿي" ڪي ويجهي آهي. اهو هيئن استعمال ٿيندو آهي: "هو ڪجهه ويرم ويهي هليو ويو" يا "بس ٿوري ويرم ٿي اٿس تہ هتان اٿيو آهي." هن سٽ جو پيو لفظ "لاهي" ڪجهه نسخن (ٽر ۽ بم) ۾ "لائي" آهي. "وير" ۽ "مَر" ڪي ڌار ڪرڻ سان سٽ جو مطلب بلڪل ابتو ۽ ناڪاري ٿيو وڃي. جڏهن تہ منهنجي هن معنيٰ تي غور ڪريو. 'ڪجهه دير لائي/لڳائي ويرم/ترسَ، اوڙاهہ جي آرَ'

هن بيت کان پوءِ واري بيت ۾ اوڙاهہ تي ڪجهه پهر گهارڻ جي ڳالهہ اهو مفهوم وڌيڪ واضح نموني ظاهر ٿي ڪري:

"ائي پهر اوڙاهہ تي، منجهہ گهڙءَ گهاري"

يا سر سهڻيءَ جي سٽ:

"وجهي ويرم نہ ڪري پريان ڪارڻ پاڻ"

هن سٽ ۾ "نہ" ڌار استعمال ٿيل آهي.

وڌيڪ ماهرن کي سوچڻ گهرجي تہ ڇا بيت ۾ "ويرم" هڪ لفظ آهي يا 'وير' ۽ 'مَر' ٻہ لفظ!!

(ڍ) سر سريراڳ جي هڪ کان وڌيڪ بيتن ۾ هڪڙو لفظ اچي ٿو "آرَ" شاهہ جي شارحن ان لفظ جي جيڪا معنيٰ ڪئي آهي "درياهہ جو سخت وهڪرو، وچ درياهہ ۾ اڇل، تک، سير" وغيره. منگهاڻي ان سان اختلاف ٿي ڪري، ۽ اها "مرضي"، لاڙو "رجحان" معنيٰ ٿي ڏي:

1. ويرمَ لاهي ويهہ، مٿي آرَ اوڙاهہ جي،
2. تنهنجي اڄ تراز آهي آرَ اکين ۾
3. ڏِسئو ڏوهہ ڏکي هنيون، آرَ مٿي ارواحَ
4. ڪنهن سنائي سانگ، آئي وڌءِ آرَ ۾.
5. ڇاڪ چري، تارِ تري، آيون مٿي آرَ
6. آٽيو وجهي آرَ ۾، وڏا وڻ ويڙهين.
7. آٽيو وجهي آرَ ۾ لهارو لوهيون

8. اُڪاريين آڏان آران آڪي واريون.
9. ميهار ڪج منهنجو اوگر ڪنهين آرَ تان
10. آٽي وڏيس آرَ ۾ درياهه ديواني.

انهن سيني سٽن سان ڪهڙي معنيٰ ٿي نهڪي اچي؟؟

ساڳي ڳالهه لفظ "تارِ" لاءِ بہ ڪري ٿي سگهجي. ان جي معنيٰ 'مرضي'، 'لاڙو' ۽ 'رجحان' بہ پيڻ شارحن ۽ لغتن کان ڏار ڪري ٿي. اهو پڻ تمام گهڻو استعمال ٿيو آهي خاص ڪر سر سهڻيءَ ۾! ان جي معنيٰ تي بہ سوچڻ گهرجي.

(ڍ) سر سريراڳ جي سٽ آهي:

"جن جي سيد لڄ ڪنئي، سي سپ لنگهيندا لڪيون"

اڪثر عالمن "لڪ" ۽ "لڪيون" جي معنيٰ وڏا ننڍا جبل ڏيڻ کانسواءِ هڪ ٻي عام معنيٰ بہ ڏني آهي. "ٻن جبلن جي وچ وارو سوڙهو رستو يا لنگهہ" پيڻ پوئين معنيٰ کي قبول نٿي ڪري. "بولان لڪ" يا "خيبر لڪ" پراڻن توڙي نون جاگرافيءَ جي ڪتابن ۾ "لنگهہ" واري معنيٰ ۾ موجود آهن. اهڙا لڪ سڪيءَ تي يا پاڻيءَ ۾ ٿي سگهن ٿا.

(ذ) سر سريراڳ جي بيت جي سٽ آهي:

"هڪيو هوئج هشيار، ڪوڻ ڪونڌئي اوچتي"

هن لفظ "هڪيو" تي بحث ڪيو ويو آهي، مختلف عالمن ان لفظ جي معنيٰ "اڳ ۾ تيار، حاضر، تيار، پوري پڪ سان، "مهل تي تيار" وغيره ڏني آهي، پر پيڻ منگهاڻي ان کي "هينئر"، "هن مهل" جو متبادل ٿي چوي، اهو لفظ بہ عام جام استعمال ۾ آهي. "هڪيو حاضر هئڻ"، "هڪيو تڪيو رکڻ" مروج اصطلاح آهن جن جو مطلب "يڪو" "يڪدم" "اڳئي تيار" عام طور سمجهيو وڃي ٿو پر اهو پڙهي حيرت ٿي تہ پيڻ واري لهجي ۾ اهو 'هينئر' يا 'هن مهل' واري معنيٰ ۾ استعمال ٿو ٿئي!! سنڌي ٻولي ڪيڏي نہ وسيع آهي!! هن ئي سٽ ۾ سمجهاڻي ڏيندي ٻئي لفظ 'ڪنوڻ' جو متبادل "وڄ"

استعمال ڪري ان جي معنيٰ ڏنگين ۾ "مينهن واءُ" تي ڏي، 'ڪِنوڙ' ۽ "وڄ" جي معنيٰ "بجلي" تہ ڪري سگهجي ٿي (وڄ= بج مان بجلي لفظ نهيو) مينهن واءُ ڪيئن؟؟

(ر) سر ساموندي ۾ هڪ سٽ آهي:

سڙهہ سبي ساڄا ڪري، ڪوها ڪنياڻون.

هن ۾ لفظ "ساڄا" تي بحث ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ اڪثر شارحن 'سڄا'، 'مضبوط'، 'پختا'، 'سنوان' وغيره ڏني آهي. جڏهن تہ پيڻ ان کي "سِڌا ۽ سبتا" بہ ٿي چوي تہ ساڄو/کاٻو واري معنيٰ ۾ بہ ٿي وٺي. اهي ٻہ لفظ."ساڄو" ۽ "کاٻو" هڪڙي لغوي معنيٰ تہ رکن ٿا پر انهن سان لاڳو ڪيٽريون ٿي اصطلاحي معنائون پڻ ملن ٿيون. الائي ڇو هميشہ ساڄي کي ٿي صحيح سمجهيو ويندو آهي. 'ساڄو' انگريزيءَ ۾ آهي "Right" معنيٰ "صحيح". مذهبي احڪامن ۾ بہ ساڄي هٿ ۽ طرف کي اوليت ۽ کاٻي تي فوقيت حاصل آهي. سياست ۾ ساڄو کاٻو اڃا مختلف معنيٰ رکن ٿا. "ساڄو ۽ کاٻو" کي "سڄو ۽ کٻو" بہ چئبو آهي. "سڄو" سالم، مڪمل ۽ ثابت کي بہ چئبوآهي تہ مثبت ۽ مضبوط کي بہ. "هاڻ جو سڄو/ساڄو ماڻهو" وارا اصطلاح ڪنهن نہ ٻڌندا هوندا. سٽ جي معنيٰ: "سڙهہ سبي صحيح، مضبوط ڪري، ڪوها ڪنياڻون" جي باري ۾ ماهرن جو ڇا خيال آهي!!

(ڙ) سر سهڻيءَ ۾ سٽ آهي:

ساهڙ ڪري شپت، اونهي مان اڪارئين.

ان ۾ لفظ "شپت" جي معنيٰ تي بہ اختلاف آهن. مختلف عالم ان لفظ جي معنيٰ 'سٺي پت'، 'سهڻي ريت'، 'سچائي'، 'چڱائي'، 'مهرباني' ڪن ٿا. جڏهن تہ محترمہ ان کي 'سُبتَ'، 'سيڌي'، 'سوڌي' واري معنيٰ تي ڏي، منهنجي خيال ۾ هتي پيڻ ڪجهہ منجهيل آهي. هن لفظ "سپت" جو ضد آهي "ڪُپت"، معنيٰ آهي 'سٺي پت' ۽ 'خراب پت'، پيو هڪ لفظ بہ عام

طور ڳالهائبو آهي "ڪارپت" جنهن کي ڪي "پت ڪار" بہ چوندا آهن.

"پت" معنيٰ عزت، مان، reputation "رب سائين منهنجي پت رکجان." ان جو سبتي يا ابتي سان ڪو واسطو ڪونهي. وڌيڪ ٻوليءَ جا ماهر صحيح راءِ ڏيندا.

(ز) ساڳئي سُر ۾ سٽ آهي

"تڙ تڪڙ تار گهڙڻ، ايءَ ڪاٺيارن ڪم"

انهيءَ سٽ ۾ لفظ "تڙ تڪڙ" کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، اهو ڪو اهڙو اصطلاح ڪونهي جنهن کي سمجهي نہ سگهجي. انهيءَ ساڳي سٽ ۾ ٻيو لفظ آهي "ڪاٺيارن". ان جي معنيٰ تي بہ ٻيهر غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. "ڪاڻ" 'غرض' کي بہ چئبو آهي تہ 'احتياج' کي بہ، جيئن آئون ڪنهن جي ڪاڻ ڇو ڪيان؟" ساڳئي وقت "عيب" يا 'نقص' واري معنيٰ بہ اٿس.

"عمر اچا ڪپڙا ڪاٺياريون ڪيئن ڪن"

۾ اها معنيٰ آهي. سو هن سٽ ۾ ان جي مفهوم مطابق معنيٰ ڪهڙي ٿيندي؟؟

(س) سر سسئي آبريءَ جي بيت جي سٽ آهي:

<u>پٽيءَ</u> ڪرمَ پانهنجو، گهوريو اڏ مَ گهر.

لفظ آهي "پٽي". ان لفظ جي اڪثر شارحن معنيٰ ڪئي آهي: ميدان، پوٺو (پٽي ڪر= ڊاهي ناس ڪر)، لغت جي روشنيءَ ۾ بہ "ڦٽائي ڇڏڻ، ڊاهي پٽ ڪرڻ" لکيل آهي. جڏهن تہ منگهاٽي ان کي "يڪو مسلسل" واري معنيٰ ڏي ٿي. منهنجي راءِ ۾ اهي ٻئي معنائون درست ناهن. لفظ "پٽيءَ" جي معنيٰ تمام عام فهم آهي. 'ٻنهہ'، 'صفا'، 'اصل، بنياد کان' ـ اهو استعمال جو طريقو هيئن آهي. "مون تنهنجي ڳالهہ پٽيءَ ڪو نہ سمجهي" يا "اهو ڪم پٽيءَ نہ ڪجان".

هتي سٽ جي معنيٰ ٿيندي "تون ٻنهہ صفا پنهنجو نہ ڪر، صدقو ٿيو (ڪڏ ۾ پيو) اهو گهر نہ اڏجانءِ".

(ش) ايئن ٻيا بہ ڪيترا لفظ آهن جن جي معنائن تي لکي سگهجي ٿو۔ سر سهڻيءَ جي بيت جي سٽ آهي:

ترڻ جا، "سُهما ڏينم سر تيون.

لفظ "سُهما" جنهن جي معنيٰ شارحن 'طعنا'، 'ميهڻا' ڪئي آهي. هن لفظ کي شايد منگهاڻيءَ 'سَمها' سمجهيو آهي ان ڪري ان جي معنيٰ 'سامهان'، 'اڳيان'، 'منهن تي' ڪئي آهي، جو تہ ٽرمپ واري نسخي ۾ "سامهان" آيل آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هم معنيٰ ٻنن لفظن جو استعمال ٿيندو آهي جيئن "سڏو سنئون" "تندون تارون" "طعنا ميهڻا"، ائين ئي "طعنا" سان "سَهما" استعمال ٿي سگهي ٿو پر پيڻ ان کي رد ڪري ٿي.

(ص) سر سارنگ جي هن سٽ تي تمام گهڻو بحث ٿيندو رهيو آهي:

ارون ابر آسري، تاڙا تنوارين.

هن سٽ ۾ 'ارون'، 'اڙون'، 'آڙيون' ۽ ٻين صورتن تي تہ بحث ٿيندو رهيو آهي پر هڪ ٻئي لفظ "تاڙا" تي ڀهريون ڀيرو پيڻ ئي بحث ڪيو آهي جيڪو ٻڌائي ٿو چيئر پاران ڇپيل سندس ڀهرئين ڪتاب "ڇپر ڪين ڏي" ۾ بہ هو تہ هن ڪتاب ۾ بہ آهي.

شاهہ جا سمورا عالم "تاڙو" پکيءَ جي قسم جو نالو ٿا لکن، جيڪو مينهن لاءِ واجهائيندو آهي پر پيڻ جو چوڻ آهي تہ 'تاڙو' سندس تر ۾ 'ڏيڏر' کي ٿو چئجي، جيڪو مينهن جي مند ۾ نڪري ٽر ٽر ڪندو آهي ان مهل چئبو آهي "تاڙا نڪري ٿا تنوارين".

ان ڳالهہ جي تصديق ڪوهستان جي ٿي هڪ ٻئي ماڻهوءَ تصديق ڪئي تہ برابر هنن وٽ 'تاڙو' هڪ قسم جو وڏو ڏيڏر ٿيندو آهي جيڪو مينهن پوڻ کان پوءِ نڪري آواز ڪندو آهي (مينهن کان اڳ نہ)، جيتريقدر هن بيت جو تعلق آهي تہ ان ۾ مينهن جي پوڻ کان اڳ جو منظر آهي، جنهن ۾ هر هڪ

ساهه وارو سارنگ کي ساري ٿو ۽ ابر جي آسري تنواري ٿو. پيو تہ تنوار پکيءَ جي ٿي سگهي ٿي ڏيڏر جي تہ ٽر ٽر ٿيندي آهي. بيت ۾ "تاڙو" هڪ پکي آهي، ان لفظ جي معنيٰ کي بدلائڻ سان ڇا ڪو اعليٰ مفهوم ادا ٿئي ٿو؟؟

(ض) سٽائج سَوَڙ کي حال منهنجو هيءَ

ان ۾ ڪن شارحن لفظ "سُوَڙ" تہ ڪن "سَوَڙ" سمجهيو آهي. هڪڙن معنيٰ 'سئو وڙ ڪرڻ وارو'، 'گٿوان' لکيو آهي تہ ٻين 'مٿان پائڻ جي رضائي' لکيو آهي. سوچڻ جو مقام آهي تہ حال ڪنهن کي ٻڌائڻو آهي؟ ۽ تشبيهہ ڪهڙي شيءِ سان ڏني آهي!

(ط) سر ڪيڏاري جي سٽ

"ڪارا رڱج ڪپڙا ادا <u>نيروٽي</u>"

جي سمجهاڻي ڏاڍي دلچسپ آهي. پيڻ منگهاڻيءَ جو خيال آهي تہ "نيروٽي" لفظ اسم ڪونهي، نير مان رڱيندڙ جي نالي طور چيل ڪونهي. بلڪ صفت آهي. سٽ جو مطلب هيئن ٿي وڃي. "ادا، ڪپڙا نيروٽي ڪارا رڱجان (نير ۾ ٻوڙي نيروٽي ڪارا رڱجان)... هاڻي عالم الائي ڇا ٿا فيصلو ڪن؟؟

(ظ) هن ساڳئي سُر ۾ هڪ سٽ جو پد آهي "مُنهن ۾ مَڻ ڳتياس" جنهن ۾ "مڻ" جي معنيٰ شارحن، 'مٽيو'، 'مٽيا'، 'نور'، 'روشني' وغيره ڪئي آهي. پيڻ منگهاڻي ان کي نانگ جي "مڻ" ٿي چوي، جيڪا "نرڙ مبارڪ تي نماز جي نشان طور مڻ وانگيان جڙيل هئي"- هاڻي ان کي 'مٽيو'، 'موتي'، 'مٽيا' (منهن ۾ مٽيا) = 'چمڪ'، 'روشني' وغيره مڃجي يا مڻ = نانگ جي مڻ! ڪهڙي معنيٰ ڏجي جيڪا وڌيڪ ٺهڪي اچي؟؟

ان کان سواءِ ٻيا ڪجهہ لفظ بہ پيڻ مختلف ٿي ڏي: "ڏمر" معنيٰ "ڪاوڙ" نہ پر "رسامو"، "وڙول" معني "ڳولا" نہ پر "پڙهو"، "ڏنڊورو"، "مُني" معني "مصيبت جي ماريل" نہ پر "ڦريل، لٽيل". (مِني بہ ماٺ مُني بہ ماٺ!) "ايري" معنيٰ "ڪمزور" نہ پر "ڪمتر" ۽ "گهٽ"، "اهک" معنيٰ "ڏک"، "ڏکيائي" نہ پر "اڻ وڻندڙ" ۽ "سوڙهہ" وغيره وغيره.

اهو ضرور مڃڻو پوندو ته پيرڻ تحقيق ڪري لفظن جي انهن معنائن کي گڏ ڪيو آهي، جيڪي مختلف ماهرن/عالمن ڏنيون آهن ائين ڪندي هن ڪنهن لغت ۾ لفظن کي ڪوڙ ڳوليو آهي، بلڪ انهن کي پنهنجي گهر ۾ تر ۾ مروج معنائن سان پيٽيو آهي، پر ڪٿي ڪٿي غلط العام صحيح واري مفروضي جي شڪار به ٿي وئي آهي. ڪيترا لفظ پنهنجي بناوت يا اشتقاق ۾ بنهه چٽا ۽ صاف هوندي به ڪيس معنيٰ سان اختلاف آهي. جيئن "نست" معنيٰ 'بنا ست' جي، 'بنا سگهه' جي، 'ڪمزور'، 'هيڻو' پر ان جي معنيٰ پاڻ 'پاڙي'، 'گيدي' ٿي ڪري، جيڪا غلط العام جي زمري ۾ ٿي اچي. ٻئي طرف ڪيترن اهڙن لفظن جون معنائون دل سان ٿيون لڳن جيڪي اڳوڻن عالمن مختلف ڏنيون هيون. مثال طور "جريدي" يا "شُهدي"، "اُهرجڻ" (اُهار) وغيره جون نيون معنائون غور طلب آهن.

جيڪڏهن ڪنهن ٻئي محقق کي ڪن لفظن يا معنائن سان اختلاف هجي ته ان کي به جڳائي ته ريسرچ ڪري پوءِ اهڙو اختلاف ضرور سامهون آڻي. اها هڪ صحتمند روايت آهي جنهن کي اڳتي وڌائڻو آهي.

[ڪتاب "شاهه لطيف جي ٻولي- تحقيقي جائزو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي، اپريل 2006ع ۾ لکيل 'مقدمو']

# ادب ۾ لفظ جي اهميت

ويهين صديءَ جي وچ ڌاري ادبي تنقيد جو هڪ نظريو بياني ادب (narrative) جي پرک، ان جي ٻوليءَ جي تجزيي ذريعي ڪرڻ بابت اسريو جنهن جي پنيان هڪ اهڙي دانشوراڻي تحريڪ هئي جنهن جو بنياد فرانس جي هڪ نقاد رولينڊ برٿس Roland Barthes وڌو. ان تحريڪ کي "ساختيات" چيو وڃي ٿو:

"Structuralism is an intellectual movement. It is one of the most popular approaches in academic fields concerned with the analysis of language, culture and society."

ساختيات هڪ دانشورانہ تحريڪ آهي، جيڪا ٻوليءَ، ثقافت ۽ سماج جي تجزيي ذريعي مختلف ڪيترن کي سمجهڻ بابت رخن مان هڪ مقبول رخ آهي. ادب جي ڪيتر ۾ ان جي استعمال بابت پڻ نقادن جو چوڻ آهي تہ:

"This theory in about investigation of structure, focused on revealing the importance of language in writing."

ڪنهن ادبپاري ۾ ٻوليءَ جي اهميت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان جي ساخت کي سمجهڻ خاطر ان جي تعمير (construction) ۽ رد تعمير (deconstruction) يا جوڙجڪ ۽ وري اکيڙ ۽ مروج معنائن جي تجزيي جو عمل ڪيو ويندو آهي. ٻوليءَ جي جزن جو تجزيو ڪرڻ جو مطلب آهي، لفظن جي بناوت ۽ معنائن جو تجزيو. هن نظريي وارن جو چوڻ آهي تہ لکڻيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ هوندو آهي، اهو ان جي اندر ان جي لفظن ۾ ئي لڪل هوندو آهي، ڪڏهن ظاهر ظهور ڪڏهن بين السطور.

"Structuralism is concerned with the connection between the structure of a sentence and that of a

narrative, thus allowing writing to be reviewed along linguistic lines"

ادب جا اڪثر نقاد اعليٰ شاعريءَ جي خوبين ۾ شاعر جي پنهنجي تجربي کان جذبي، خيال، اسلوب، گهاڙيٽي، ترنم، عڪسيت تائين هر هڪ پهلوءَ جي هڪ جيتري اهميت کي شامل ڪن ٿا. پر اهو مڃين ٿا تہ انهن سڀني عنصرن کي پڙهندڙ تائين پهچائڻ ۾ ٻولي ۽ ان جا لفظ چاڪاڻ جو اهم ذريعو يا وسيلو (medium) هوندا آهن ان ڪري انهن جي هڪ خصوصي اهميت آهي. لفظن جون نہ صرف لغوي پر پاسائتيون (subsidiary) معنائون بہ هونديون آهن، جيڪي پڻ وڏو ڪردار ادا ڪنديون آهن. مشهور نقاد پي گري ان ڏس ۾ لکي ٿو تہ:

"لفظ نہ رڳو معنيٰ جي لحاظ کان پر ڪيفيت ۽ مواد جي لحاظ کان بہ هڪ ٻئي کا مختلف هوندا آهن. ڪن لفظن جا مطلب مقرر ۽ جامد هوندا آهن تہ ڪن ۾ وري گوناگون دنيا لڪل هوندي آهي." انگريزي ٻوليءَ جو مشهور رومانوي شاعر ۽ نقاد ڪولرج پڻ اهڙي ڳالهہ ڪري ٿو تہ "آءٌ پنهنجي لفظن جي معنائن ۾ بظاهر موجود مفهوم سان گڏ انهن سڀني مفهومن کي لاڳو ڪرڻ ضروري سمجهندو آهيان، جيڪي انهن لفظن سان وابستہ هوندا آهن."

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ شاعر يا اديب جا ادبپاري ۾ استعمال ٿيل لفظ مقرر يا متعين مفهوم يا ڊڪشنري ۾ ڏنل معنائن کانسواءِ بہ وڌيڪ وسيع، گهرا ۽ گهڻ پاساوان مطلب رکندا آهن. اڄ ڪلهہ جيئن تہ ڪمپيوٽر جو دؤر آهي. ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي آهي ۽ اظهار جي سڀني ذريعن يا طريقن جيان ادب، خاص طور تي شاعريءَ ۾ بہ تبديلي آئي آهي. شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾ "لفظ" وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويا آهن. انهن کي محض سادو اظهار نہ پر هڪ ڪوڊ (code) وارو مفهوم مليو آهي، جنهن سان معنيٰ ۾ وسعت ۽ اظهار ۾ قوت حاصل ڪري سگهجي ٿي. لفظ جي هڪڙي حقيقي معنيٰ ٿئي ٿي، ٻيون ڪيتريون ئي اصطلاحي، سهڪاري ۽

پاسائتيون معنائون بہ ٿين ٿيون، پر شاعر جي تخليقي سگهہ ۽ تخيل ان کي لغوي معنيٰ ۽ عام مروج مفهومن جي محدوديت مان ڪڍي لامحدود ڪري ڇڏين ٿا ائين اهي پڙهندڙ جي اندر جي تارن کي ڇيڙڻ سان گڏوگڏ دماغ ۾ ڪيترن نون مفهومن کي اجاگر ڪري سگهن ٿا.

ادب ۾ اکرن جي اهميت کان ڪو بہ انڪار ڪري نٿو سگهي ۽ اهو صرف اڄ نہ پر قديم ڪلاسيڪي ادب ۾ بہ هڪ مجيل نڪتو هو. شاهہ لطيف ان جو چٽو اظهار ڪيو آهي، چوي ٿو:

اکر چتي هيڪڙي، ٻهون جي نہ ٻجهن،
ڪوهہ ڪبو کي تن، سڃي سڻائي ڳالهڙي.

ساڳيءَ ريت ڪجهہ چوڻ ۽ نہ چوڻ يعني لفظ ڪچڻ ۽ نہ ڪچڻ ۾ بہ ڪا مام ڪو ور لڪل آهي، جيئن سچل چيو هو تہ:

ماٺ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر،
انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهو لهي سچيڏنو چوي.

اهو وائيءَ جو ور دراصل ٻوليءَ جون مخفي معنائون آهن، جن کي سمجهڻ وڏي ڏاهپ جو ڪم آهي.

ڪي ماڻهو ڪئين ڪاڳر ڪارا ڪرڻ جي باوجود پنهنجي ڳالهہ سمجهائي نہ سگهندا آهن پر ڪن جو صرف هڪڙو حرف وسرڻ جهڙو ڪو نہ هوندو آهي. هو ان هڪ حرف جي اندر لڪل وڏي معنيٰ کي بيان ڪري سگهندا آهن. شاهہ صاحب چوي ٿو:

الِ اليندي ڪيترو ڪاتب ٿا لکن،
سنهي تلهي ڳالهڙي، جوڙيو جمع ڪن،
تون پاڙو سين تن، جن حرف نہ وسري هيڪڙو.

ڪڏهن ڪڏهن تہ اڻ چيل ڳالهہ بہ اهڙو ڪوڊ بڻجي وڃي ٿي جيڪو بس ڪي سمجهڻ وارا سمجهي سگهندا آهن. اتي معاملو وڃي ڪميونيڪيشن جي اڻ ڏٺل تارن جهڙو بيهي ٿو جيئن اردوءَ جو شاعر چوي ٿو.

وہ بات سارے فسانے میں جس کا ذکر نہ تھا،
وہ بات ان کو بہت ناگوار گذری ہے۔

شاهه لطيف وٽ به چپ سان چورڻ جو اهڙو تصور ملي ٿو:

سوڙا صبر تنهنجو مرڪ لڄاين،
چپ سين جي چون، ادب ڪجي ان جو.

ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته چيل توڙي اڻ چيل لفظن جو شاعريءَ ۾ وجود ان کي تخليقي سطح تي سگهارو ڪري ٿو. ڪيترا لفظ شاعر وٽ گهڻ معنائي ٿي پون ٿا. جيئن هن بيت ۾ ڏسو:

محبت جن جي من ۾ تن تشنگي تار،
پي پيالو اڄ جو اڄ سين اڄ اٿيار،
پنهون پاڻ پيار ته اڄ سين اڄ اجهايان.

هن ۾ لفظ "اڄ" کي تخليقي سطح تي شاعر ڪيڏو نه شاهوڪار بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ ٻيو به شاهه جو بيت ان ڏس ۾ ڏئي سگهجي ٿو جنهن ۾ هڪ سٽ آهي:

ڏونگر تون ڏاڍو، تو ڏاڍا تون ڏاڍايون ڪرين.

هتي لفظ "ڏاڍو" وسيع معنيٰ وارو لفظ ٿي پيو آهي، ڪن ڪن لفظن کي شاعر اهڙيءَ ريت استعمال ڪندا آهن، جو عام پڙهندڙ انهن کي اوستائين سمجهي ڪو نه سگهندا، جيستائين هو ان جي پس منظر ۾ موجود ڪهاڻيءَ بابت نه ڄاڻندا هجن مثال طور:

بندي ٻيا قرار اسين لوچيون لوهه ۾،
متي تن ترار سدا سانبيئڙن جي.

هن بيت ۾ لفظ "لوهه" جو هڪ پس منظر آهي ۽ "لوهه ۾ لوچڻ" جي هڪ ظاهري ٻي لڪل معنيٰ آهي. زنجيرن ۾ قيد ماڻهوءَ جي سوچ ۽ لوچ، آزاد ماڻهوءَ جي سوچ لوچ کان مختلف هوندي آهي. ساڳيءَ طرح "تن متان ترار" جي عڪس ۾ بيوسي توڙي خطري جو گڏيل تصور به هر ڪو ڪو نه سمجهي سگهندو. هن تصور کي مارئيءَ جي ڪهاڻيءَ کان واقف ماڻهو ئي بهتر نموني سمجهي سگهي ٿو.

"لفظ" جو تعلق ٻوليءَ سان آهي ۽ ٻوليءَ جي وصف ڪيئن طريقن سان

ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سماجي، نفسياتي ۽ لساني پهلو سامهون رکيا ويندا آهن. ساختيات بہ هڪ لساني نظريو آهي، جنهن سان ٻوليءَ جي پرک ذريعي ادب جي پرک ڪري سگهجي ٿي، لسانيات جي علم موجب هڪ لساني نظريو ٻوليءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو جن مان هڪڙو ٻوليءَ جو عام مفهوم رکي ٿو يعني ماڻهن جو اظهار LANGUE ۽ ٻيو PAROLE يعني لفظ، زباني ڳالهہ ٻولهہ يا لڪل مفهوم، انهيءَ مان لهجي (dialect) وارو مفهوم بہ نڪري سگهي ٿو تہ هڪ فرد جو محاورو (idiolect) بہ. پر شاعريءَ ۾ شاعر جي ڊڪشن، لفظن جي مقصد، معنيٰ ۽ مفهوم تائين پهچڻ لاءِ ٻوليءَ جي ساخت يا بناوٽ (structure) کي سمجهڻ ضروري هوندو آهي، ان لاءِ ساختيات جو نظريو آيو جنهن موجب ضروري سمجهيو وڃي ٿو تہ پهرين ٻوليءَ جي ان ساخت کي سمجهجي جنهن جي ذريعي لفظ کي عام متعين معنيٰ کان آزاد ڪري، لامحدود معنيٰ ڏيئي، شاعر کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ائين تنقيد جو هڪ نئون انداز ساختياتي (Structural) ۽ بناوٽ وارو (Constructional) سامهون آيو جنهن جو دارومدار ٽن ڳالهين تي آهي.

1. لفظ جي ظاهري سطحي بناوٽ
2. لفظن جي اندروني ساخت
3. لفظن جي ترتيب (word order)

اهي ٽئي شيون گڏجي معنيٰ جو تعين ڪن ٿيون. لفظن جي سطحي بناوٽ ٻوليءَ جي عام روايت سان تعلق رکي ٿي، پر اصل معنيٰ لفظ جي اندروني ساخت ۽ ترتيب ۾ هوندي آهي، جيڪا سٽن جي اندر يعني بين السطور هوندي آهي. مثال طور:

آءُ ڏوريئين، شال مَ لهئين، پرين هئين پري،
هڏ نہ ساهہ سري، تن نہ تسلي ٿئي.

عشق جي انتها تي پهتل عاشق مرڳو وصل کان ئي انڪار ٿو ڪري، پر مجموعي تاثر ڪهڙو ٿو بيهي! اهڙو وصل ڪهڙي ڪم جو جنهن ۾ نہ ساهہ ٿو سري سگهي، نہ تن کي تسلي ٿي ٿي سگهي! عاشق کي دائمي وصل ٿو

گهرجي، نہ تہ ان جي دائمي درد کي ئي هو پنهنجي حاصلات بنائڻ ٿو چاهي.
يا هن سٽ تي سوچيو:

الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

ان هڪ سٽ ۾ صدين جو تجربو سمايل آهي. شاعر ڏاهپ جا ڏنگ چاڻي ٿو هن کي معلوم آهي تہ هڪ ڏاهي لاءِ آگهيءَ جا پنهنجا عذاب آهن، اڻڄاڻ ماڻهو سکيو ستو پيو هوندو پر سڄاڻ ماڻهوءَ جي ننڊ ڦٽي پئي هوندي. ان ڪري ڪيترن وٽ ، پورائي (ignorance) ۾ ڀال آهن. اڻڄاڻائي هڪ نعمت مثل آهي. (Ignorance is bliss) ۽ بي خبريءَ ۾ ئي عافيت آهي. (no news is good news.

اکرن جو فهم ڏاڍو ڏکيو آهي ڪڏهن ڪڏهن شاعر جو تخيل پڙهندڙ جي تخيل کان گهڻو پري هوندو آهي. جڏهن اردوءَ جو شاعر چوي تہ:

مکّس کو باغ میں جانے نہ "دیجیو"۔

کہ ناحق خون پروانے کا ہوگا۔

تہ ڪيترا ماڻهو ان جي تہ تائين پهچندا.... تہ ماکيءَ جي مک باغ ۾ ويندي، گلن جو رس چوسيندي، ميڻ ٺاهيندي، ان مان ميڻ بتي (شمع) ٺهندي تہ پڪ سان ان تي پتنگ ايندا ۽ پنهنجو سر وڃائيندا. ان ڪري مرڳو ئي مک کي باغ ۾ ئي وڃڻ نہ ڏجي نہ تہ پرواني جو ناحق خون ٿي ويندو.

لفظن جي جوڙجڪ (construction) اندروني معنيٰ کي سمجهڻ واري طريقي ۾ غلطيءَ جو امڪان بہ گهڻو هوندو آهي. اهڙي ساختياتي اپياس ڪرڻ ۾ ڀل ٿي سگهي ٿي. انهيءَ امڪان کي ذهن ۾ رکي نقادن وري هڪ ٻي راهہ بہ ڏسي آهي تہ ان طريقي سان ڪنهن تخليق کي پرکڻ سان گڏوگڏ وري ان جي بنهہ ابتڙ طريقي کي بہ لاڳو ڪري ڏسجي، جنهن کي هو رد ساختيات ۽ رد تعمير (Deconstruction Theory) ٿا سڏين. يعني متعين معنائن کي رد ڪري ڏسجي، جيڪڏهن ڪو شاعر اکين لاءِ هيئن چوي تہ:

پوريون پرين پسن، اپٽيان تہ انڌيون،

وڃئو روز رسن، حبيباڻي حجري.

هتي شاعر پاڻ لفظن جون متعين معنائون رد ڪري ڇڏيون آهن. اکين کي ڪولڻ سان ڏسڻ جو عمل ٿيندو آهي. بند ڪرڻ سان انڌيون ٿي وينديون آهن. پر شاعر بنهه ابتي ڳالهه ڪئي آهي.اهڙي ئي تصور لاءِ هو پنهنجي ڪنهن خيال يا فڪر کي بيان ڪرڻ لاءِ عام مشاهدي جي ابتڙ ڳالهه ٿو ڪري، جيڪا شايد عام ماڻهو نہ بہ سمجهن پر شاعراڻي حس رکندڙ بخوبي ڄاڻن ٿا ۽ لفظن جي اکيڙ ۾ مروج معنائن جي رد مان اصل مفهوم تائين پهچي سگهن ٿا. ستر جي ڏهاڪي جي هڪ شاعره انيس جو شعر ڏسو ڪيئن نہ چپن جو ڪم اکين کان ۽ اکين جو ڪم چپن کان وٺڻ جو تصور پيش ڪيو اٿس:

بہ چپ—
بہ اکيون۔
چپ چُپ چاپ ڏسندا رهيا!
اکيون جڻ تہ ڳالهائنديون رهيون!

ان تصور کي سمجهڻ لاءِ اسان کي نئين انداز ۾ پرک ڪرڻي پوندي.اکرن ۾ لڪل علامتون ۽ اهڃاڻ سمجهڻا پوندا

رد ساختيات واري طريقي جي خاص خوبي اها آهي تہ اهو هر روايتي خيال ۽ معنيٰ کي از خود رد ٿو ڪري ۽ مروج ڪلچر، نظريي يا فلسفي کي چئلينج ٿو ڪري. مثال طور ڏسو تہ عام مروج قدرن موجب نيڪيءَ کي مثبت ۽ بديءَ کي منفي روپ ڄاتو ويندو آهي. اها هڪ روايتي ڳالهه آهي، جنهن کي رد ساختيات يا رد تعمير (Deconstruction Theory) جي نقطہ نظر سان ڏسبو تہ ان موجب نيڪيءَ جي پيٽ ۾ بدي هڪ آفاقي حقيقت آهي، جنهن کان انحراف کي نيڪي سمجهڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح اونداهہ پڻ هڪ اٽل حقيقت آهي، جنهن جو ضد آهي، ان حقيقت جو نہ هئڻ، جنهن کي 'روشني' چيو ٿو وڃي. شيطان برائيءَ جي علامت آهي، پر ان برائيءَ کي هڪ اٽل حقيقت طور قبول ڪري، صوفين ان جي اندر بہ هڪ مثبت پهلو ڳولي لڌو ۽ چيو تہ:

عاشق عزازيل ٻيا مڙئي سڏڙيا،
منجهان سڪ سبيل لعنتي لال ٿيو.

ساڳئي قسم جي ڪمٽمينٽ جي اهميت اجاگر ڪرڻ لاءِ توحيد پرست شاعر هيئن به چيو ته:

ڪوڙو تون ڪفر سين ڪافر مَ ڪوٺاءِ

شاهه عبداللطيف جهڙي هڪ عظيم شاعر لفظن کي نيون معنائون ۽ نوان مفهوم ڏئي ڇڏيا آهن. هوڏانهن علامه اقبال مسلمانن ۾ رسمن رواجن (rituals) کي اهميت ڏيڻ واري ڳالهه کي طنزيه طور هيئن نِنديو:

ہم موحد ہیں ہمارا کیش ہے ترک رسوم،
ملتیں جب مٹ گئیں، اجزائے ایماں ہوگئیں۔

توحيد پرست مؤحد انسانن انهي رسمن ۽ ماضيءَ جي روايتن کي به ايمان جو جزو بڻائي ٿي ڇڏيو جن کي ترڪ ڪرڻ هنن جو مقصد هو.

اهڙا به نقاد آهن جن چيو ته هر ادبي تخليق جي متن ۾ لفظن جي مقرر معنيٰ کي رد ڪرڻ جو مادو ازخود هوندو آهي، ان ڪري رد تعمير جو نظريو خود پڙهندڙ به لاڳو ڪري سگهي ٿو. ان ڪري ان کي پاڻ پڙهندڙ ٻاران ٿيندڙ تنقيد به چئي سگهجي ٿو (reader_oriented criticism)، جنهن ۾ هو آزاد آهي ته جيئن چاهي لفظ جي معني ڪري. هو عام معنائن کي مڪمل رد به ڪري سگهي ٿو. هڪ سٺي نظم ۾ لفظن ۽ مواد جو گهرو تعلق هوندو آهي ۽ اها مربوط اڪائي هڪ معنيٰ جو دائرو ٺاهيندي آهي، جنهن مان غير ضروري ۽ اجايا مطلب ٻاهر هوندا آهن. لفظن جون خاص معنائون هونديون آهن. هاڻي اهي خاص معنائون ڪيئن ظاهر ٿينديون؟؟ اهڙن ڳوڙهن سوالن اٿڻ جي ڪري ان تنقيدي نظريي کي دانشورن ۽ فلسفين نقطئه نظر چيو ويو آهي، جنهن ۾ ادبي معنائن، ڪلچر ۽ فلسفي جي روايتي مفروضن کي رد ڪيو ويو آهي. اهو رد تعمير هر روايتي رويي کي چئلينج ڪري ٿو. لفظن جي معنائن ۾ صدين جا تجربا سمايل هوندا آهن. مثال طور:

انگريزي لفظ right معنيٰ 'ساڄو' بہ آهي، 'حق' بہ آهي تہ وري 'صحيح' بہ. هاڻي اهو ضروري تہ ڪونهي تہ جيڪو 'ساڄو' (طرف) هجي اهو 'حق' يا 'صحيح' بہ هجي! اهو ئي مفهوم اسان وٽ سنڌيءَ ۾ بہ آهي. ساڄو يا سائو معنيٰ سٺو ڪابو يا ڏائو معنيٰ خراب يا ڏنگو. عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي هڪ سٽ آهي تہ:

جيٽون چڱايون لکي، ڏائو ڏوهنئا.

هتي "جيٽو" معنيٰ ساڄو آهي، انسان جا چڱا عمل ساڄي طرف وارو فرشتو لکندو آهي ۽ ڏوهہ ۽ برا عمل ڏائي طرف وارو. ساڄي هٿ کي پاڪ ۽ کاٻي کي ناپاڪ سمجهڻ جو مذهبي تصور بہ موجود آهي تہ ڪلچر ۾ بہ اهڙا ڪيترا خيال موجود آهن. گهر ۾ گهڙڻ مهل پهرين ساڄو پير رکجي تہ سياڳو عمل سمجهبو. خيرات ساڄي هٿ سان ڏبي تہ قبول پوندي، ماني ساڄي هٿ سان کائڻ، ڪنهن مهمان سان ملڻ مهل ساڄو هٿ ڏيڻ، ساڄو معنيٰ سٺائو سمجهڻ وغيره. ڪيترائي پهاڪا، چوٽيون ۽ اصطلاح اهڙي نفسيات کي ظاهر ڪن ٿا. صدين جي ثقافتي ارتقاء ۾ لفظن کي اهي معنائون مليون آهن، انهن ۾ ڪي مشاهدا، ڪي تجربا بہ شامل هوندا، تڏهن تہ اهڙا اصطلاح وجود ۾ آيا تہ "ساڄو سنئون ڪري ڏائو ڏنگو" پر ان جي ابتڙ مشاهدا ۽ تجربا ٿين تہ ماڻهو ڇا ڪري؟ ان صورتحال ۾ روايتي معنائن کي رد ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. ڀلا جي ڪو چڱو ماڻهو کاٻڙيل هجي تہ ڇا ڪري؟ اڪثر اهڙا ماڻهو وڌيڪ هشيار ۽ ذهين هوندا آهن. سندن اکر سهڻا ۽ خيال اعليٰ هوندا آهن. هو انهن کي لکندا بہ ڏائي هٿ سان آهن، تہ ڇا اها عام مروج تصور کان مختلف ڳالهہ قبول نہ ڪجي!! هاڻي جيڪڏهن موجوده دور ۾ ڏسجي تہ سياست ۾ ساڄي ڌر ۽ کاٻي ڌر (Rightist and Leftist) جا اصطلاح هڪ ٻنهہ جدا مفهوم ۾ مروج آهن. جتي لبرل سوچ کاٻي ڌر سان لاڳاپجي ٿي ۽ مذهبي انتهاپسندي ساڄي ڌر سان. هتي صحيح ۽ غلط وارو تصور ڪن لاءِ ٻنهہ ابتو ٿي سگهي ٿو.

ان ڪري لفظن جي روايتي تصور کي رد بہ ڪري سگهجي ٿو.
اهڙي نموني اسين پنهنجي جديد شاعريءَ جي پرک بہ ڪري سگهون ٿا. اهو
ئي سبب آهي تہ ادب ۾ ٻوليءَ ۽ ان جي لفظن جي وڏي اهميت آهي، جنهن
جي ذريعي نہ صرف ڪنهن فنپاري جي پر ان سموري دور جي سماج، ڪلچر
۽ خود ٻولي جي معنائن ۽ مفهومن کي سمجهي سگهجي ٿو.

# فيمنزم جو لساني پهلو

Feminism يا عورتازاد ڪيترين ئي تحريڪن تي مشتمل هڪ نظريو بلڪ هڪ فڪر آهي، جنهن جو مقصد عورتن لاءِ سياسي، سماجي، معاشي حقن ۽ موقعن جي حاصلات آهي، جيڪي ڪين جنسي برابريءَ (gender equality) جي بنياد تي ملڻ گهرجن. عورتن جي حقن (rights) ۽ موقعن (oppertunities) جي دائري ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون اچي وڃن ٿيون، مثلاً وراثت ۽ ملڪيت جو حق، ووٽنگ جو حق، روزگار جو حق، تعليم جو حق، اظهار جي آزاديءَ جو حق، زندگي پنهنجي مرضيءَ سان گذارڻ جو حق، جيون ساٿي چونڊڻ جو حق وغيره. موقعن جي حوالي سان عورتن لاءِ سندن صلاحيتن موجب هنر، تعليم، روزگار ۽ اُن ۾ برابر پگهار ۽ ترقيءَ وغيره جا برابر موقعا مهيا ڪرڻ پڻ شامل آهن.

ان کان سواءِ جنسي بنياد تي مت ڀيد، سماج ۾ گهٽ ۽ غلاميءَ جهڙي حيثيت، بي مانو ٿيڻ، هراسان ڪرڻ (sexual harassment) گهريلو تشدد (domestic violence)، زوري زنا (rape)، زبردستيءَ جي شادين وغيره خلاف جدوجهد بہ عورتازاد جو مقصد رهيو آهي.

سماجي لسانيات (Sociolinguistic) واري پهلوءَ کان ڏسجي تہ سماجي سطح تي ٿيندڙ مختلف مت ڀيدن ۽ ناانصافين مان هڪ قسم جو مت ڀيد لساني بنياد تي يا ٻوليءَ جي استعمال ۾ بہ نظر اچي ٿو.

فيمنزم جي حوالي سان ٻوليءَ جي اڀياس ڪرڻ جا بہ رخ آهن: هڪڙو مردن ۽ عورتن جي ٻوليءَ ۾ فرق معلوم ڪرڻ تہ ڪهڙيءَ ريت سماج ۾ مليل حيثيت موجب مرد جي ٻوليءَ ۽ عورت جي ٻوليءَ ۾ قوت، اعتماد ۽ پاڻ مڃائڻ جو فرق ٿئي ٿو يا سماجي حيثيت موجب ٻوليءَ ۾ سختي يا نرميءَ جا درجا ٿي سگهن ٿا. ڪن سماجن ۾ عورتن کي پاڻ لڪائڻ، پاڻ تي اعتماد ڪري خود اعتماديءَ سان ڳالهائڻ کان روڪيو ويندو آهي ۽ چيو

ويندو آهي تہ ڪين وڏي آواز سان ڳالهائي پاڻ لڪائڻ يا ٻين کي متوجهہ ڪرڻ نہ گهرجي.

چٽي چنيسر ڇام سين ليلا لڪاءِ مَ تون!

ليلا جمر لڪائيين، چٽي چنيسر ساڻ.

اهو concept صرف اسان وٽ نہ پر مغرب ۾ بہ آهي. ان لاءِ Dale Spender لکيو آهي تہ.

> Women use hedges more than men because they are to believe that asserting themselves strongly isn't nice or lady_ like or even feminine.

ٻوليءَ جي حوالي سان ٻيو اڀياس سماجي روين جي نسبت سان ڪري سگهجي ٿو. سماج جي طرفان ڪنهن هڪ جنس (gender) کي ڏنل ڪمتر يا برتر حيثيت موجب ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اصطلاح، لفظ، پهاڪا وغيره جنسي مت ڀيد ظاهر ڪري سگهن ٿا، ڇوتہ اهي سماجي روين ۽ سوچ (concepts) کي ظاهر ڪن ٿا.

سنڌ ۾ فيمنزم جو جديد نظريو تہ هاڻوڪي ڳالهہ آهي، پر ان جي فڪر کي ڏسجي تہ ان حوالي سان ادب ۾ اهڃاڻ تمام آڳاٽا ملن ٿا. ان ڏس ۾ اسان وٽ سڀ کان سگهارو آواز لاکيٽي لطيف جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. جنهن چيو هو تہ:

سسئيءَ لنگهيو سو، مرد جنهن مات ڪيا،

جبل وڏو جو، نوڙ مڙوئي نينهن کي.

معنيٰ جنهن جبل مردن کي مات ڪري ڇڏيو هو ان کي سسئيءَ ۽ سندس جذبي اڳيان جهڪڻو پيو. يعني هڪ عورت چاهي تہ جبل کي بہ مات ڏئي سگهي ٿي. اتي عورت ۽ مرد جي حوصلي، همت ۽ جذبي جي ڀيٽ ڪري عورت کي وڌيڪ حوصلي مند ظاهر ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ بہ سنڌي ادب ۾ خصوصاً ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون سٽون ملن ٿيون. مثلاً:

منڊَ نہ منجهانِ ٿِن، ڀَسي لڪَ لڏن جي.

آڏو ٿڪر ٿر، متان روهہ رتيون ٿيون.

تون جي پهڻ پٻ جا، تہ لڱ منهنجا لوهہ. وغيره.

جيتوڻيڪ انهن بيتن ۾ سٽن جو حوالو ڪي مخصوص ڪردار آهن، پر جيئن تہ اهي عورتون آهن، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ان سماج ۾ جيڪڏهن عملي طور نہ، تہ بہ شاعراڻي ماحول ۾ عورت جي ڪردار بابت ائين تصور ڪرڻ ممڪن هو. ٻئي طرف ٻوليءَ جون مخصوص بناوتون ملن ٿيون، جيڪي صرف عورتاڻي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿينديون آهن. مثلاً.... ڻئيس ۽ ڪنيس، جيئن لطيف جي سٽ آهي:

’منيس جهل مهار، ڪنيس ڪاهِ مَ ڪرهو‘

هتي منهنجو مقصد شاهہ لطيف يا ڪلاسيڪي شاعري يا ٻئي سموري سنڌي ادب ۾ اهڙا اهڃاڻ ڳولڻ نہ آهي، جيتوڻيڪ اهو بہ هڪ اهم موضوع آهي، جنهن تي يقيناً ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. سموريءَ دنيا جي ادب، ننڍي کنڊ جي ادب ۽ پاڪستان خصوصاً سنڌ جي ادب ۾ فيمِنزم هڪ اهم موضوع آهي، جنهن تي ڪم ٿيڻ گهرجي. خاص ڪري سنڌي ادب ۾ فيمنزم جي حوالي سان ستر جي ڏهاڪي ۾ ’سگهڙين سٽ‘، ’اديون‘، ’سوجهري‘ يا ٻين صفحن ۽ رسالن جي ادا ڪيل ڪردار تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي، خيرالنساءَ جعفري، نورالهديٰ شاهہ، تنوير جوڻيجو، عطيہ دائود يا امر سنڌوءَ ۽ عرفانہ ملاح جي لکڻين جي فيمنزم جي حوالي سان ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان سنڌي سماج جي عورت ڏانهن روين تي چڱيءَ طرح روشني وجهي سگهجي ٿي.

اڄ جي سيمينار لاءِ مون هڪ بنهہ مختلف موضوع چونڊيو آهي، سو آهي ’فيمنزم ۽ ٻولي‘ يا ان جو لساني پهلو جنهن ۾ عورتن جي حوالي سان ٻوليءَ جي خصوصي استعمال بابت هڪ مختصر جائزو پيش ڪنديس:

انساني ارتقا ۾ عورت ۽ مرد جو ساٿ هميشہ کان هو سنڌن، پورهيو ڪاميابيون، ناڪاميون سڀ گڏيل هيون، پر عورت جي ادا ڪيل ڪردار ۽ ڪارنامن جي تاريخ يا تاريخي رڪارڊ جي غيرموجودگيءَ جديد دور جي فيمنسٽن کي انهيءَ ڳالهہ تي مجبور ڪيو تہ انگريزي لفظ history جو ڇيد ڪن ۽ ائين هنن محسوس ڪيو تہ شايد ڄاڻي واڻي انهيءَ لفظ کي his+story ڪري ان معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. معنيٰ مرد جي ڪهاڻي. ڇوتہ سندن خيال ۾:

History is mostly the story of men's achievements.

جيتوڻيڪ ڊڪشنريءَ ۾ لکيل آهي تہ اهو لفظ اصل لاطيني لفظ historia مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي story يا ڪهاڻي- پر عورتن جي ڪاميابين يا achievements کي انهيءَ ڪهاڻيءَ کان ڌار رکڻ جي شعوري يا لاشعوري غيرشعوري ڪوشش کين اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ عورتن لاءِ his+ story ۾ ڪا جاءِ ڪانهي، ان ڪري ڇونہ her+ story وجود ۾ اچي، جنهن ۾ سندن ادا ڪيل ڪردار ۽ ڪارنامن کي جدا لکجي.

تاريخ کان اڳ واري دور ۾ Matriarchal يا مادري سماج ۾ پلي تہ عورت جو ديوي ماتا يا قبيلي جي اڳواڻ وارو ڪردار رهيو هجي، پر تاريخ لکجڻ واري دور کان عورت کي سماج ۾ سدائين هيٺين سطح تي زيردست (subordinate) حيثيت ۾ رکيو ويو ۽ اهڙا سمورا لفظ ۽ اصطلاح جن ۾ برتري، طاقت، وڏائي، اڳواڻي، بهادري ۽ اختيار (authority) يا ڪنهن مثبت پهلوءَ جي وصف هجي، اهي عورت لاءِ آهن ئي ڪونہ ۽ مذڪر جو صيغو رکن ٿا. جيتوڻيڪ اهي جنس کان آزاد (gender free) يا بي جنس (neuter) هوندا آهن.

خود لفظ "خدا" (God) جيڪو پنهنجي وصفن ۾ نہ مذڪر آهي، نہ مونث، ان لاءِ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ مذڪر جو صيغو استعمال ٿئي ٿو. ان جا سمورا نالا بہ مذڪر معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا.

لفظ 'ماڻهو'(Man، مانڻ انسان) سموري انسانذات لاءِ هوندي بہ مذڪر آهي ۽ گهڻو ڪري مرد لاءِ استعمال ٿئي ٿو. اسين سنڌيءَ ۾ "مڙس

ماڻهو“ ۽ ”زال ماڻهو“ ڀـ چوندا آهيون. پر ”مڙس ماڻهو“ تيڻ وڏي بهادريءَ جي وصف آهي، جڏهن تہ ’زال ماڻهو‘ بيوسيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي علامت آهي.

ٻيا سنڌي لفظ ڏسو: اڳواڻ، سرواڻ، سردار، بهادر، سورهيہ، رهبر يا شاعر، اديب، فنڪار، هنرمند يا موجوده دور ۾ مروج ٿيل ڊائريڪٽر، چيئرمئن وغيره سڀ بنيادي طور مذڪر لفظ آهن. انهن مان ڪن جا مونث مختلف پڇاڙيون Suffixes لڳائي ناهيا ويندا آهن. ايتريقدر جو هن وقت جڏهن ڪن صورتن ۾ ڪنهن عورت کي اهڙي حيثيت ۾ ڏسون ٿا، جيڪا جديد تعليم ۽ تبديليءَ سبب هن حاصل ڪئي هجي تہ اتي بہ اڳواڻيءَ يا سرواڻيءَ جي معنيٰ ۾ لفظن جي استعمال ۾ مونجهارا پيدا ٿيندا آهن. مثلاً: لفظ ”چيئرمئن“ (Chairman) کي ڏسو. جڏهن اهو رتبو ڪنهن عورت حاصل ڪيو تہ ان کي ڦيرائي چئروومن (Chairwoman) نہ پر ”چيئرپرسن“ (Chairperson) ڪيو ويو تہ جيئن اڳتي اهو مونجهارو ختم ٿئي، چوتہ person ۾ ٻئي، مرد ۽ عورت اچي وڃن ٿا. پر مون ذاتي مشاهدو ڪيو آهي تہ مرد چيئر تي هجي تہ چيئرمئن ئي سڏبو. صرف عورت جي چيئر تي ويهڻ کان پوءِ ”چيئرپرسن“ چوندا. اسان، جن سڄي عمر human ۽ person (انسان ۽ فرد) تيڻ ۽ مجائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو، تن جي ’پرسن‘ سڏجڻ سان مرگو مردن ”پرسن“ تيڻ تان هٿ کڻي ڇڏيو، ۽ هاڻي جي ٻئي گڏ ويٺا هجن تہ چوندا: ”اسين سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمئن ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن کي ڀليڪار چئون ٿا“. جڏهن تہ چوڻ گهرجي ”اسين سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسنس کي ڀليڪار چئون ٿا.“ ھلو ڪتي تہ اسان کي پرسن (فرد) قبول ڪيو ويو. حيرت آهي، جو اتي بہ مرد هئڻ کي فرد هئڻ تي فوقيت حاصل آهي. لفظن جي اهڙي نموني استعمال کي فيمنسٽ اصطلاح ۾ false gender neutrality يا ڪوڙي ٻي جنسيت چئبو آهي.

فيمنسٽ بہ جذبات ۾ اچي ڪڏهن ڪڏهن عجيب مطالبا ڪريو وجهن. مثلاً مون هڪ ڪتاب ترجمو ڪيو هو: Women Poets of the

World يعني 'دنيا جون شاعر عورتون'. انهيءَ جي ايڊيٽر /مرتب مهاڳ ۾ ان ڳالهه جي دعويٰ ڪئي ته اسان لفظ poetess (شاعره) بدران (women poets) اختيار ڪيو آهي، جيئن poet يا شاعر جي لفظ کي بي جنس (gender free) رکجي. مون کي ڳالهه دل سان لڳي، مون به ان جي تقليد ڪئي، پر پوءِ ڏٺم ته دنيا جي ڪنهن به ڪتاب ۾ man poet (مرد شاعر) ته ملي ڪونه ٿو بس ٺلهو poet معنيٰ 'شاعر'. ته پوءِ اسين ڇو women poet يا 'شاعر عورت' چئون. اها ته بنهه 'مڙس ماڻهو' ۽ 'زال ماڻهوءَ' واري ورهاست آهي. (زال ماڻهو معنيٰ زائفان يعني ضعيف ۽ ڪمزور). تنهن ڪان ته اسان شاعره، اديبه، فنڪاره جهڙيون خالص مونث بناوٽون استعمال ڪريون. ان ۾ ڇو شرمايون.

ڪو زمانو هو جو پنهنجي لاءِ مرد جي برابر حيثيت جي دعويٰ ڪرڻ لاءِ جڻ ته پنهنجي وجود تي شرمنده عورتن برابريءَ جو مفهوم اهو ورتو ته مردن جهڙو ٿي ڏيکارجي، بواءِ ڪٽ وار رکجن، مردن جهڙو عوامي سوٽ پائجي، انهن وانگر سگريٽ يا شراب پيئڻ کي به آزاديءَ (emancipation) جي نشاني سمجهي اختيار ڪجي (پوءِ پلي ته پنهنجي ٻار جي ڦڦڙن يا دماغ تي خراب اثر پوي) اسان جي ڳوٺن ۾ مايون چلم ۽ ٻيڙي پين ٿيون. اهي مرد سان برابريءَ لاءِ نه ٿيون پيئن، بلڪ ان لاءِ ٿيون پين، جو اُهي اِهي پيئڻ چاهين ٿيون. هتي ڪو اخلاقي سبق ڏيڻ مقصد نه سمجهيو وڃي، بلڪ آءٌ اهو ٿي چوڻ چاهيان ته عورتون جيڪي پاڻ لاءِ بهتر سمجهن، سو ڪن (پوءِ پلي ڦڦڙن جو ڪينسر ٿئين سندن مرضي). باقي محض مردن جهڙو ٿيڻ لاءِ انهن جي تقليد ڪرڻ درست ناهي. عورت جي مرضي آهي ته هوءَ جيئن چاهي تيئن زندگي گذاري پر اهو به معلوم هئڻ کپيس ته غلط غلط آهي، صحيح صحيح! مردن جي غلط ۽ غيراخلاقي حرڪتن کي ننديڻ بجاءِ اسان به اهي سمورا ڪم پنهنجي لاءِ جائز قرار ڏيون، جيڪي ٻنهي لاءِ هڪ جهڙا معيوب آهن ته پوءِ اسان ۾ ۽ هنن ۾ ڪهڙو فرق رهيو؟ سماج ۾ مرد سگريٽ ۽ شراب پيئي ته قابل قبول آهي، پر جي ڪا عورت صرف سگريٽ به واپرائي ته خراب عورت سمجهي ويندي. ساڳيءَ طرح دوستيءَ جي نالي ۾

ڪنهن سان ويجهي لاڳاپي، extra marital افيئر وغيره لاءِ بہ چيو وڃي ٿو تہ تہ اُهي جڏهن مردن لاءِ خراب ناهن تہ عورت لاءِ ڇو خراب سمجهيا وڃن! انهن اهو ڪونہ سوچيو تہ بہ غلط ڳالهيون گڏجي هڪ درست ڳالهہ ڪانہ ٿينديون آهن. (Two wrongs don't make one right) ان ۾ بہ لڳي ٿو تہ ڪن عورتن جي تحريڪ جي دشمنن جي چال هئي تہ جيئن عورت جو استحصال جاري رهي. (جي عورتن، مردن سان دوستي ڪرڻ ڇڏي ڏني تہ عياشي ڪيئن ڪندا) مرد اهو سڀ ڪجهہ ڪندي بہ هن مرداني سماج ۾ عزتدار سڏائي، اوچي ڳاٽ هلي سگهي ٿو ۽ ساڳئي رشتي ۾ رهندڙ عورت کي بد ڪردار ۽ ڪريل قرار ڏئي نندي، condemn ڪري ڪانئس پري رهڻ جي تلقين ڪئي ويندي آهي. ڪيس سُريت، ويهاريل، رکيل، ڪريل سڀ منفي معنائون رکندڙ نالا ڏنا ويندا آهن. ڇا اوهان ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪونہ ڏٺو آهي؟ ڪا عورت مرد سان تعلق رکندي تہ ان کي ان سان 'ٺهيل' بہ چوندا تہ 'ڦِتل' ۽ 'ڪريل' بہ چوندا. مرد ڪسب ڪري تہ 'ڪمي ڪاسبي'، پر عورت 'ڪسبياڻي'، مرد پيشو ڪري تہ 'پيشہ ور' ۽ عورت پيشو ڪري تہ خراب پيشو ڪندڙ مرد ڏندو ڪري تہ ڏنڌوڙي ۽ عورت ڏنڌو ڪري تہ وئشيا ـ لفظن جون معنائون بہ سماجي حوالي سان ڦريو وڃن.

ان بابت رڳو اسان وٽ نہ، پر ٻين سڌريل سماجن ۾ بہ ساڳي ڪار آهي. هڪ فيمنسٽ ليکڪ انگريزي ٻوليءَ ۾ لفظن جي اهڙي استعمال بابت لکيو آهي:

> A word for women assumes negative connotations even where it designated the same state or condition as it did for men (Spender, D. Man_ Made Language, New York 1975)

وري ٻئي فيمنسٽ لکيو آهي تہ:

> Take the example of "Professional" comparing "he is professional" and "she is professional", and note that the latter is far more likely than the former to

be taken to mean that the person in question is a "prostitute". This is sexualisation of words for women. (Lake Off, R. Language and Women's Place, Harper and Row, N.Y 1975)

سو ڳالهہ پئي ڪيم پنهنجي عورتپڻي تي شرمندگيءَ جي. جيڪڏهن اسين پاڻ عورت هئڻ تي شرمنده هجون ۽ مردن جهڙيون ٿيڻ لاءِ ڪوشان هجون تہ مردن تي ڪهڙي ميارا ڪو مرد عورت جهڙو ٿيڻ ڪونہ ٿو چاهي ۽ 'زنانو'، "رن ڏاتيرو"، 'زنخو' (lady like) ٿيڻ ڪي گار ٿو سمجهي تہ عورت "مردانہ" ٿيڻ چو ٿي چاهي؟ معنيٰ تہ هوءَ پاڻ پنهنجي عورتپڻي کان خائف آهي. اسان کي عورت هئڻ تي، ان جي وجود سان شامل هر وصف، هر attribute تي فخرمند هئڻ گهرجي، ڇو تہ اسين مختلف ضرور آهيون، پر ڪمتر ناهيون. هڪ جهڙيون انسان آهيون. قدرت جون پسنديده (favourite) آهيون. ماءُ جي ممتا جو عظيم جذبو اسان کي ڏنو ويو آهي. تخليق جي صلاحيت بہ اسان ۾ آهي. اسان نسل بہ نپايا آهن تہ فصل بہ اپايا آهن، ٻولي بہ اسان ايندڙ پيڙهين ۾ منتقل ڪئي آهي ۽ ان جي حفاظت بہ ڪريون ٿيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ طبقاتي سماج، ان کي پنهنجيون معنائون ڏئي ڇڏيون آهن.

ٻوليءَ جي استعمال جي حوالي سان ڪيترن ئي لفظن جو تجزيو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. مثلاً: لفظ "سُريتِ" (رکيل) جو ذڪر آيو ڇا ان جو ڪو هم معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ مرد لاءِ آهي. اهو concept ئي ذهن قبول ڪونہ ڪندو تہ ڪو ڪنهن عورت جو بہ ڪو مرد رکيل هجي. ان تي جمال ابڙي جي طنزيہ ڪهاڻي (satire) "مان مڙد" پڙهي ڏسو. سنڌ ۾ خاص ڪري ٿر ۽ ڪاڇي ۾ عورت لاءِ هڪ لفظ "ڏوسي" استعمال ٿئي ٿو جنهن جي معنيٰ ئي آهي: "ڏوهي" يا قصور وار۔ هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت روز اول کان 'حوا' کي ئي 'آدم' جي هر مصيبت جو ڪارڻ ڄاڻائي 'ڏوهي' قرار ڏنو ويو آهي. عورت ڄڻ تہ عورت طور جنم وٺي ڏوهہ ڪيو آهي. انگريزيءَ ۾ بہ ڪن ڊڪشنرين ۾ woman جي اشتقاق طور woe+man يعني مرد جي

مصيبت يا ڏک واري معنيٰ ڏنل آهي. خود لفظ 'عورت' جو ڪن عربي لغتن ۾ مطلب "اوگهڙ" ملي ٿو ۽ سنڌي 'زائفان' ورتو ويو آهي 'ضعيف' مان.

پاڻ وٽ سنڌيءَ ۾ 'رَن' لفظ آهي، جيڪو 'رن زال' ۾ ته ٻيوهه جي معنيٰ رکي ٿو پر اڪيلي سر تمام منفي يا negative معنيٰ اٿس. هندن ۾ ته وڌوا/ ٻيوهه کي جيئڻ جو حق ڪونه هو اها ستي ڪئي ويندي هئي، پر مسلمانن وٽ به رن زال جي ڪا عزت ڪانهي. ان جو پهاڪن چوڻين وغيره ۾ استعمال به اهڙو امتيازي سلوڪ ڏيکاري ٿو جنهن تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. مثلاً

"مرد رُلي ته کلي، رَن رُلي ته ڇُلي"

"رن زال آهي اگهاڙي ڪنيءَ برابر"

"رنن زالن جا کهڙا جمعا"

"ڪني رن جا يار به گهڻا ٻار به گهڻا"

اها آهي سماج ۾ اڪيلي عورت جي عزت! ڪيڏي حقارت آهي انهن ٻولن ۾!

'ڪَنڊڻ' يا 'ڏوتي' به مونث لفظ آهن. انهن جي به ناڪاري معنيٰ آهي. وري 'ڏائڻ' صرف مونث ٿيندي آهي. ان جي برابريءَ وارو ڪو مذڪر لفظ آهي ئي ڪونه. انهن صفتن وارا شايد ڪي مذڪر ڪردار ٿين ئي ڪونه. انگريزيءَ ۾ اُن جو متبادل witch ته اهڙين عورتن لاءِ به استعمال ٿيندو هو جيڪي ڏاهپ ۽ ذهني اتڪلن ۾ پڙ هونديون هيون ۽ ڪنهن به ڏاهي عورت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ مٿس witch هئڻ جو الزام هڻي، چرچ طرفان ان کي مارڻ جي اجازت مليل هئي.

سنڌيءَ ۾ عورت جي عقل کي تسليم نه ڪرڻ جو مثال هي پهاڪو آهي ته:

"عورت جو عقل ڏاڻي ڪڙيءَ ۾، سانجهيءَ کان پوءِ اهو بہ گم"
يا: "چريون ڏئي چار، واڇان ونجي هڪڙي"
ڪيس دبائي رکڻ لاءِ ۽ سندس ذات کي ٻي مانو ڪرڻ لاءِ پهاڪو ڏين:
"زال ذات کي اٿندي بہ موچڙو ويهندي بہ موچڙو"
عورت کي ٻي عزت ڪرڻ لاءِ هيئن بہ چون:
"ڏچر گهوڙي، سچر زال، چِٻي ڪُڪڙ، گهاٽا تر. اڌارو وهاڻ۔ تئي نہ ٿيا".
اهو آهي عام ڳوٺاڻي سماج ۾ عورت جو مان!
مرداني سماج ۾ عورت کي ڌيءَ جي پيٽ ۾ پٽ جو جمڻ وڏيڪ ماناٽتو بنائي سگهي ٿو. انهيءَ جو نمونو هن پهاڪي ۾ ڏسي سگهجي ٿو:
"لوڪ ليکي چري ڪري، مڙس ليکي حور، ڄڻي ڏنائينس پٽڙا، لهي ويس سور"
شادين مرادين ۾ ڳايل ڳيچن ۾ پٽن جمڻ جي دعا ڪندا آهن. لانئڻ مهل 'ترمٽڻ' جي رسم ۾ چون:
"جيترا تر مٽيندي، اوترا پٽ ڄڻيندي"
ڇوڪريءَ جو جمڻ جهڙو ڪر پاراتو هجي جو هيئن چون:
"ڄائي وڻ هڪڙو ڄائي وڻ ٽيهہ،
شال نہ ڄمي ڌيءَ، جا ڏجي پرائي پٽ کي."
سنڌيءَ جو مشهور لوڪ گيت آهي تہ:
"ڇوڪري ڄڻيئي اهڙيون ڌيئر امان،
ڌيئر پرايو ڌڻ اٿئي ڙي امان.
پينگهي ۾ سمهاري لوليون ڏنئي، پرديس وڃڻ جون"
هتي ڌيءَ کي 'ڌڻ' سو بہ پرايو چئي گگدام جانور برابر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف وري سماجي ۽ ثقافتي طور ڌيءَ جي جمڻ سان رنج ٿيڻ جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ سبب اهو بہ آهي تہ ڌيءَ کي پاڻ کان پري

ڪڏهن تہ پرديس ۾ پرڻائي ڏنو ويو وڃي، پيو تہ وري سندس ايندڙ زندگيءَ ۾ سور بہ سجهندا هوندن. ان ڪري سندس جمڻ تي ماتم ڏکوئيندي ويندا هوندا. ان کان سواءِ اڪثر معاشي سبب بہ هوندا آهن، جو ڪن ذاتين ۽ قومن ۾ ڏيتي ڏاج ڏيڻ جو بہ رواج آهي. خاص ڪري هندن ۾، ان لاءِ بہ ڪيئي پهاڪا آهن. جيئن:

"ابو گسي، ڏيءَ وَسي" يا وري "ڌني جائي، چٽي وائي."

معنيٰ تہ ڏيءَ کي وسائڻ لاءِ پيءُ کي سخت محنت ڪرڻي ٿي پوي. سندس ڌني کان پوءِ جهڙوڪر گهر ۾ ماٺ لڳيو وڃي. پوءِ بہ ساهرن جو پيٽ پرجڻ جو ڪونهي:

"سيجي ابي جائي، چيچ چنبيندي آئي."

يا وري

"سُيجن اباڻن، ڏوڙ مُرڪن ڏيئون."

ٻئي طرف وري مسلمانن جي ڪن قبائلي ذاتين ۾ ڇوڪريءَ کي ٽَڪن تي ڏنو ۽ ورتو ويندو آهي ۽ هڪ وِڪر، هڪ وٽُ وانگر سندس سودو ٿيندو آهي. ان لاءِ اصطلاح آهي، "ڦُلن مٺ" تي ڏيڻ- ڏاج ڏيڻ ۽ ٽَڪن تي ڏيڻ ٻئي شرم جوڳا عمل آهن. جن سان عورت کي وڪري جي وٿ (commodity) بڻايو ويو آهي.

سنڌيءَ ۾ "وِڙواند" لفظ بہ مونث آهي. جهيڙو يا ڦيتارو وجهندڙ جي معنيٰ اٿس ۽ صرف عورتن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ مرد دنيا ۾ جهيڙا فساد ۽ خون خرابو ڪن ٿي ڪونہ؟ آخر هي پهاڪو ڇا ٿو ثابت ڪري:

"مڙس تہ ڦڏو نہ تہ جڏو". ان ۾ بہ فخر پيو ڏسڻ ۾ اچي.

لفظ "ڏهاڳڻ" پڻ عورت لاءِ گار يا پٽ مثل آهي. مرد تہ "سهاڳ" آهي، جي اهو ڇڏي وڃي تہ عورت 'ڏهاڳڻ'، بدنصيب ۽ نياڳي، پر جيڪڏهن ڪنهن مرد کي عورت ڇڏي وڃي تہ ٻوليءَ ۾ ڪو لفظ ڪونهي. عورت ويچاريءَ لاءِ اهڙو سوچي بہ نٿو سگهجي تہ ڪو اها پاڻ مرد کي ڇڏي سگهي ٿي. عورت لاءِ دعا جا ٻہ ٻول بہ سندس زندگيءَ لاءِ نہ هوندا آهن، پر سندس

سُهاڳ لاءِ هوندا آهن. ڪيس دعا ڏبي تہ "سدا سهاڳڻ" هجين معنيٰ سهاڳ جي هوندي مرين. جي مڙس جي مئي کان پوءِ جيئري هوندي تہ نڪ ۾ ڦلي، ٻانهن ۾ چوڙيون، سينڌ سرمي ۽ پلن ڪپڙن لاءِ سچي عمر سِڪندي ۽ شادين مرادين ۽ خوشيءَ جي موقعي تي سندس موجودگي نياڳ سمجهندا. "ست سهاڳڻيون" ساٿ ڪن ۽ اهڙي موقعي تي ڪيس شامل ڪرڻ بدسوڻ سمجهي ڏکي ٻاهر ڪيندا.

چوڪِري ذات کي ان سهاڳ حوالي ڪرڻ لاءِ ڪو پنهنجو گرو گنجو چريو ڪريو چونڊڻو هجي تہ ڪيس "ٻهر" يا "گند ڪچري" سان تشبيهہ ڏئي چوندا:

"پنهنجي گهر ۾ ڪڏ هجي تہ ٻهر ٻاهر ڇو اُڇلجي".

يعني ڇوڪري اهڙو 'ٻهر' آهي، جنهن کي ڪڏ ۾ اڇلڻ ضروري آهي. اها ڪڏ پوءِ پلي سندس قبر ثابت ٿئي، سا بہ مُئي کان پوءِ نہ، جيئري قبر ۾ معنيٰ زنده درگور! ويچاري 'ڏيءَ ڏڻ' آهي ٿي "پرايو ڏڻ". ان کي هڪلي هڪ ڪليءَ کان ٻي ڪليءَ ۾ ٻڌڻ ضروري آهي. چوندا:

"پنهنجو هوندو تہ ماري چانوٺ ۾ تہ اڇليندو"

معنيٰ پنهنجي توڙي پرائي کي ڏيءَ کي مارڻ جو اختيار آهي. باقي اعتراض رڳو اِس ۾ اڇلڻ تي آهي- مُئي کان پوءِ ڪهڙي اُس ڪهڙي ڇانوَ! جگر جي ٽُڪري کي مارڻ لاءِ ڏئي، پوءِ وري چون:

"جن کي ڏنيون سين جايون، تن سان ڪهڙا سينا ساهيون".

عورت جو پنهنجو تہ ڪو گهر ئي ڪونهي، نہ ماڻٽاڻو گهر پنهنجو اٽس جو اتي هوءَ مهمان آهي، نہ ئي ساهراڻو گهر، جو مڙس يا ساهرا جڏهن چاهين ڌڪا ڏئي "ٽي ٻتر" مُنهن ۾ هڻي يعني طلاق ڏئي گهر کان ٻي گهر ڪري ڇڏين. "طلاق" وري اهڙو "ٽِڪو" يا "داغ" آهي، جيڪو سندس پيشانيءَ تي هر وقت پيو چِمڪندو ۽ سماج جا ميهڻا ۽ طعنا سندس نصيب هوندا. پوءِ پلي سندس ڪو ڏوهہ هجي يا نہ هجي. "گونگي گانءِ" هوندي مار موچڙو برداشت ڪري رهي پئي هجي، پر جي ڳالهائي وڌائين تہ 'واترادي' ۽

'وات وڪيل' جو خطاب ملندس. نياڻي 'نماڻي' چڱي، جو جيڪو ورتاءُ ڪَنِس، اهو ماٺ ميٺ ۾ سهندي رهي ته چڱو.

هڪ انگريزي ڪتاب Feminism and Linguistic Theory جي ليکڪا Deborah Cameron اهڙن ڪيترن انگريزي لفظن جو پوسٽ مارٽم ڪيو آهي، جيڪي عورت سان لاڳاپجي منفي معنائون اختيار ڪن ٿا يا آهن ئي منفي ۽ عورتن لاءِ مخصوص آهن. (انهن مان ڪي اگهاڙپ کي ظاهر ڪن ٿا، ان ڪري هتي نٿا ڏئي سگهجن) "هستيريا" هڪ مرض آهي، جيڪو گهٽن سببن ڪري ٿيندو آهي، جن مان هڪ شادي نه ٿيڻ به آهي. اهو مردن ۽ عورتن ٻنهي کي ٿي سگهي ٿو پر ان کي صرف عورتن سان لاڳو ڪندا آهن. شايد ان ڪري جو سماج ۾ مرد ته شاديءَ واريون گهرجون ٻاهر به پوريون ڪري سگهي ٿو پر عورتون نه ٿيون ڪن. اهڙين عورتن جو علاج جن ڪيڻ وارا پير، عامل، ڀوپا ۽ ڪي نيم حڪيم به ڪندا آهن. Deborah اهڙي طبيب Therapist جو تجزيو ڪري، اُن کي ٽوڙي The_rapist ٿي چوي، اسان وٽ به اڪثر جعلي پير ۽ ڀوپا اهوئي ڪردار ته ادا ڪندا آهن.

ٻوليءَ کي معنيٰ سماج ڏيندو آهي ۽ سماج جو ٻوليءَ ۾ عورت ڏانهن رويو کهڙو آهي، اهو چڱيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو. اسان جي سماج کي، بلڪ سموري سوچ جي نظام کي تبديليءَ جي ضرورت آهي، ۽ سماج جي سوچ ۾ تبديلي تعليم سان ايندي، رويا به ائين تبديل ٿيندا ۽ روين جي تبديليءَ سان يقيناً ٻوليءَ جي استعمال ۾ به فرق ايندو ۽ عورت سان لاڳاپيل لفظن، اصطلاحن وغيره جي منفي معنائن کي رد ڪيو ويندو ۽ سنڌي سماج جا عورتن بابت ڪي آڳاٽا مثبت رويا به نمايان ٿي سگهندا، جن ۾ "نياڻي ست قرآن" يا "نياڻين آئي ست خون به معاف" جهڙيون چوڻيون به موجود رهيون آهن.

## مددي ڪتاب


1_ Cameron, D. Feminism and Linguistic Theory_ Macmillan (1992)
2_ Eckert, P. and Mc Conell Ginet, S. Language and Gender_ (2003) Cambridge University Press, U.K
3_ Lakoff, R. Language and Woman's Place_ (1975) Harper and Row, New York
4_ Spender Dale, Man_ Made Language_ New York, Routledge
5_ Stanford Encyclopedia of Philosophy, 2010 edition

۽ سنڌيءَ ۾ موجود ٻهاڪن جا مختلف ڪتاب


(سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد پاران 18 جون 2011ع تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيو ويو)

# آٽوميٽڪ رومن ٽرانسلٽريشن

موجوده دور گلوبلائيزيشن جو ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. گلوبلائيزيشن جي نتيجي ۾ انگريزي ٻولي ۽ ٻيون اقتدار جون ڪي ٻوليون، مقامي ، ديسي ٻولين کي ڪاٽي ختم ڪري رهيون آهن. انهيءَ خطري کي محسوس ڪري ڪيترائي ملڪ پنهنجين ٻولين جي جياپي لاءِ مختلف طريقا آزمائي رهيا آهن سنڌي ٻوليءَ کي به اهڙائي خطرا درپيش آهن، ان لاءِ اسان کي تمام خبرداريءَ سان ٻوليءَ جي بقا جي لاءِ ڪوششون ڪرڻيون پونديون. ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ ٻه پهلو نظر ۾ رکڻا آهن، هڪ خود ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ استعمال ۽ ٻيو ان جي لکيل صورت، ادب ۽ تاريخ جو بچاءُ. اسين ان ڳالهه کان اکيون پوري نٿا سگهون ته گذريل هڪ صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وجود کي ڪهڙا ڪهڙا خطرا درپيش رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تعليم وڃي صرف سرڪاري اسڪولن ۾ باقي رهي آهي ۽ سرڪاري اسڪولن جي تعليم جو ڪريل معيار ڏسي ڪوبه سمجهدار ماڻهو پنهنجا ٻار اتي پڙهائڻ لاءِ تيار ناهي ۽ جيڪو غريب غربو اتي ٻار پڙهائي ٿو اهو به مالي مجبوريءَ کان. نه ته جنهن وٽ چار پئسا ٿين ٿا ته اهو غير سرڪاري اسڪول ۾ اردو / انگريزي ميڊيم جي نالي ۾ تعليم ڏيارڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي (پوءِ ڀلي ته انهن اسڪولن جو معيار به ڇونه خراب هجي) اهڙي صورتحال ۾ محض ماڻهن کي طعنا ڏيڻ سان ماڻهو ٻارن کي سرڪاري سنڌي اسڪولن ۾ڪونه پڙهائڻ لڳندا ۽ نه ئي تقريرون نصيحتون ڪرڻ سان ٻولي بچندي. ان لاءِ عملي ڪم ڪرڻا پوندا ۽ جيڪي ماڻهو ٻوليءَ کان پري ٿي ويا آهن انهن کي موٽائڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻا پوندا.

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌي توڙي ملڪ کان ٻاهر رهندڙ لکين سنڌين کي ڪمپيوٽر جي ميڊيم ذريعي پنهنجي ٻولي سيکاري

سگهجي ٿي ۽ انهن کي پهرئين مرحلي ۾ رومن رسم الخط ذريعي سنڌيءَ ڏانهن آڻي، ٻئي مرحلي ۾ عربي سنڌي لپيءَ سيکاري، ان ذريعي سنڌي ادب ۽ تاريخ وغيره ڏانهن مائل ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين انگريزيءَ ۽ ٻين غالب ٻولين جي غلبي هوندي به پنهنجي ٻوليءَ کي بچائي سگهجي ٿو.

اهڙي قسم جي ڪم لاءِ ضروري آهي ته ٻوليءَ کي رومن ذريعي سيکارڻ جي ابتدا ڪجي. عربي، فارسي ۽ چيني، جاپاني ٻولين جا آن لائين ڪورس نظر مان ڪيڻ ڪانپوءِ اهو خيال پيدا ٿيو ته سنڌيءَ لاءِ به آن لائين ڪورس تيار ڪجن. ان مقصد لاءِ رومن رسم الخط جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ان جون به ٻه صورتون آهن، هڪ ته عام ماڻهو (جيڪو سنڌي لکي پڙهي نٿو ڄاڻي) رومن ڪيئن لکي ۽ ٻيو ڪمپيوٽر تي سکيا لاءِ متبادل رومن ڪيئن هجي ۽ آن لائين ڪتابن کي رومن ۾ پاڻمرادو (آٽوميٽڪ) ٽرانسلٽريشن / اٿلائڻ لاءِ ڪهڙيون نشانيون مقرر ڪجن ۽ ان ڏس ۾ پيش ايندڙ مسئلا ڪيئن دور ڪجن. انهيءَ حوالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سنڌي ٻوليءَ کي جديد ٽيڪنالاجيءَ سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ مختلف سافٽ ويئرز تي ڪم هلي رهيو آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ورڊ پروسيسر، جامع سنڌي لغات، سنڌي ٽائيپنگ ٽيوٽر جا سافٽ ويئر مڪمل ٿي چڪا آهن. هن وقت جن رٿائن تي ڪم هلي رهيو آهي، انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي online سکيا ۽ سنڌيءَ جي آٽوميٽڪ ٽرانسلٽريشن تي ڪافي پيش رفت ٿي چڪي آهي ۽ آٽوميٽڪ ٽرانسليشن جو مرحلو ان کان پوءِ ايندو.

اسان جو اڄ جو موضوع اٿلويا Transliteration آهي، ان جا ٻه رخ آهن پهريون اهو ته جن ماڻهن کي عربي سنڌي لپي نٿي اچي انهن لاءِ عام لکپڙهه لاءِ رومن نشانيون مقرر ڪجن ۽ ٻيو وري ڪمپيوٽر تي استعمال لاءِ نشانيون مقرر ڪجن.

ڪمپيوٽر تي آٽوميٽڪ ٽرانسلٽريشن جو مقصد اهو آهي ته online سنڌي

ٻوليءَ جي سکيا ڪانسواءِ سنڌي ڪتابن کي يا ڪنهن به لکت کي پنهنجي ملڪ اندر ۽ دنيا ۾ موجود اهڙن ماڻهن تائين پهچائجي جيڪي سنڌي ڳالهائي ته سگهن ٿا، پر عربي- سنڌي رسم الخط نٿا ڄاڻن. ان ۾ شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جي وڏي طبقي کان سواءِ انڊيا، يورپ، آمريڪا، مڊل ايسٽ، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ ماڻهو شامل آهن. ان سان سنڌي ٻوليءَ جو واهپو وڌندو ۽ ماڻهو ٻوليءَ جي لکيل سرمايي مان لاڀ پرائي سگهندا. ان ڪانسواءِ موبائيل فون تي عربي رسم الخط مڪمل طرح رائج ڪرڻ لاءِ ڪوشش آهي تيستائين رومن ۾ ته ماڻهو sms ڪن پيا.

سنڌي ٻوليءَ جو موجوده عربي- سنڌي رسم الخط اسان جون سموريون گهرجون پوريون ڪري ٿو ۽ اهو اسان جي سائڪيءَ جو حصو بنجي چڪو آهي، ان سان ڪابه هٿ چراند ڪرڻ کان سواءِ مٿي بيان ڪيل مقصد لاءِ رومن رسم الخط مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان حوالي سان ضروري آهي ته پهرين manually عام لکپڙهه لاءِ نشانيون يا متبادل مقرر ڪجن، ان کان پوءِ ڪمپيوٽر ۾ data base جي حوالي سان پيش ايندڙ مشڪلاتن کي حل ڪجي.

اها ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته 29 اپريل 2000ع تي ڊاڪٽر غلام علي الانا جي چيئرمئن شپ دوران سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ 'مستند رومن ٽرانسلٽريشن' جي سلسلي ۾ هڪ مذاڪرو ٿيو هو ۽ اڄ ڏهن سالن کان پوءِ وري انهيءَ ساڳئي موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. فرق صرف اهو آهي ته ان وقت اها ٽرانسلٽريشن صرف انساني هٿ سان ڪرڻ لاءِ نشانيون مقرر ڪرڻ لاءِ هئي، پر اڄ اسين ڪمپيوٽر تي 'machine transliteration' بابت پڻ ڳالهائينداسين ۽ ان ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ اسان کي ٻوليءَ ۽ لسانيات جي ماهرن سان گڏوگڏ I. T يا ڪمپيوٽر جي ماهرن جي به ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ٻئي مرحلي ۾ وري مشين ٽرانسليشن يا ترجمي جو ڪم ڪرڻ جو ارادو آهي.

ان ۾ اٿارٽيءَ طرفان تجويز ڪيل رومن متبادل هن ريت هئا:

| | اٿارٽيءَ جو رايو | وضاحت |
|---|---|---|
| ب | b | گهڻو ڪري سيني ادارن 'b' حرف استعمال ڪيو آهي. |
| ٻ | b̲ | پلئٽس ۽ پارت جي سنڌ الاجيءَ جو ٿاهيل حرف 'b̲' وڌيڪ مناسب آهي. اسان به اهوئي حرف رکيو آهي. |
| ڀ | bh | 'ٻ' وسرگ صورت آهي، ان ڪري وسرگ صورتن لاءِ 'h' حرف وڌائي b سان ملايو ويو آهي. |
| ت | t | سيني ادارن 't' حرف ڪم آندو آهي. |
| ٿ | th | سيني ادارن 'th' حرف ڪم آندو آهي. |
| ٽ | ṭ | روسي، اميريڪي، پارتي ماهرن ۽ پلئٽس جي لغت ۾ 'ṭ' حرف استعمال ٿيل آهي. |
| ٺ | ṭh | روسي، اميريڪي، پارتي ماهرن ۽ پلئٽس جي لغت ۾ 'ṭh' حرف استعمال ٿيل آهي. |
| ث | ṡ | (ث)عربي حرف آهي. اميريڪي ماهرن 'ṡ' حرف ڪم آندو آهي. اسان ṡ حرف جي سفارش ڪئي آهي. |
| پ | p | سيني 'p' حرف ڪم آندو آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| ج | j | سيني ماهرن 'j'حرف ڪم آندو آهي. |
| ڄ | <u>J</u> | پارتي ماهرن '<u>j</u>'حرف ڪم آندو آهي. 'ٻ' واري حرف '<u>b</u>'سان هڪجهڙائي رکڻ لاءِ '<u>j</u>' حرف رکيو ويو آهي. |
| جه | jh | سيني ماهرن 'jh'حرف ڪم آندو آهي. |
| ڃ | n̈ | گهڻوڪري سيني ماهرن 'n̈' حرف ڪم آندو آهي، پر اسان n̈ حرف ڏنو آهي. |
| چ | ch | روسي، امريڪي، ڪرسچن مشنرين، پارت جي ڊاڪٽر ڏاسوانيءَ 'c' حرف ڪم آندو آهي. جيڪڏهن 'ch' ڪم آڻجي، ته به صحيح آهي. |
| ڇ | chh | ساڳيو رايو 'ch' حرف ۾ جيڪڏهن 'چ' لاءِ 'ch' رکبو ته پوءِ 'ڇ' لاءِ chh رکڻو پوندو. |
| ح | ḥ | امريڪي ماهرن ۽ پلئٽس 'ḥ' حرف ڪم آندو آهي. اسان به 'ḥ' حرف رکيو آهي. |
| خ | <u>kh</u> | 'خ' لاءِ '<u>kh</u>'جي سلسلي ۾ ساڳيو رايو آهي. |
| د | d | سڀني ماهرن 'd' حرف ڪم آندو آهي. |
| ڌ | dh | 'dh' لاءِ به ساڳيو رايو آهي. |
| ڏ | <u>d</u> | 'ڏ' لاءِ سيني ماهرن '<u>d</u>'حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ڊ | ḍ | 'ڊ' لاءِ سيني ماهرن 'ḍ'حرف مقرر ڪيو آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| ڏ | ḍh | 'ڏ' لاءِ سينِي ماهرن 'ḍh' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ذ | z | 'ذ' عربي حرف آهي. لائبريري آف ڪانگريس جو قبول ڪيل 'z' حرف، اسان به ڪم آندو آهي. |
| ر | r | 'ر' لاءِ سينِي ماهرن 'r' حرف استعمال ڪيو آهي. |
| ڙ | ṛ | 'ڙ' لاءِ سينِي ماهرن 'ṛ' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ز | z | 'ز' لاءِ سينِي ماهرن 'z' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| س | s | حليم بروهي ۽ پارتي ماهرن ۽ ڪرسچن مشنرين ث، س ۽ ص لاءِ 's' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ش | sh | 'ش' لاءِ روسي، امريڪي ۽ ڪئناڊا جي مشنرين ڌار ڌار حرف ڏنا آهن. اسان 'sh' حرف رکيو آهي. |
| ص | ṣ | 'ص' لاءِ لائبريري آف ڪانگريس ۽ پلئٽس وارو 'ṣ' حرف اسان به مقرر ڪيو آهي. |
| ض | z̤ | حليم بروهي صاحب ۽ پارتي ماهرن ۽ ڪرسچن مشنرين 'ذ'، 'ز'، 'ض' ۽ 'ظ' لاءِ 'z' حرف مقرر ڪيو آهي. اسان لائبريري آف ڪانگريس جو 'z̤' حرف رکيو آهي. |
| ط | t̤ | 'ط' لاءِ لائبريري آف ڪانگريس ۽ پلئٽس وارو مقرر ڪيل 't̤' حرف اسان به مقرر ڪيو آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| ظ | ẓ | 'ظ' لاءِ لائبريري آف ڪانگريس وارو حرف 'ẓ' مقرر ڪيو ويو آهي. |
| ع | ' | 'ع' لاءِ بين الاقوامي طور مقرر ڪيل نشاني '' رکي وئي آهي. |
| غ | g͟h | 'غ' لاءِ روسي ماهرن ۽ لائبريري آف ڪانگريس جو جوڙيل 'g͟h' حرف قبول ڪيو ويو آهي. |
| ف | f | 'ف' لاءِ سيني ماهرن 'f' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ڦ | ph | 'ڦ' جي لاءِ سيني ماهرن 'ph' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ق | q | 'ق' لاءِ گهڻو ڪري سيني ماهرن 'q' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ڪ | k | 'ڪ' جي لاءِ سيني ماهرن 'k' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ک | kh | 'ک' جي لاءِ سيني ماهرن 'kh' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| گ | g | 'گ' جي لاءِ سيني ماهرن 'g' حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ڳ | g̱ | 'ڳ' لاءِ ڀارتي ماهرن جو جوڙيل حرف 'g̱'، ڪتب ويو آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| گھ | gh | 'گھ' لاءِ سيئني ماهرن 'gh'حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ڱ | n | 'ڱ' جي لاءِ روسي، لائبريري آف ڪانگريس ۽ پلٽس ۽ ٻين ماهرن جو جوڙيل حرف 'n' ڪنيو ويو آهي. |
| ل | l | 'ل' جي لاءِ 'L'حرف بين الاقوامي طور مقرر ٿيل آهي. |
| م | m | 'م' جي لاءِ 'm'حرف بين الاقوامي طور مقرر ٿيل آهي. |
| ن | n | 'ن' جي لاءِ 'n'حرف بين الاقوامي طور مقرر ٿيل آهي. |
| ڻ | ṇ | 'ڻ' جي لاءِ گھڻوڪري سيئني ماهرن 'ṇ'حرف مقرر ڪيو آهي. |
| و | v | 'و' جي لاءِ سيئني ماهرن 'v'حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ه | h | 'ه' جي لاءِ سيئني ماهرن 'h'حرف مقرر ڪيو آهي. |
| ء | ء | 'ء' لاءِ ڪنهن به ڌار حرف جي انهيءَ ڪري ضرورت نه آهي جو 'ء' ٻن 'سُرن' جي آخري ميل جي صورت وٺندو آهي. |
| ي | y | 'ي' جي لاءِ سيئني ماهرن 'y'حرف مقرر ڪيو آهي. |

ڪانپوءِ وري ان کي واپس ٻه اٽلائي رومن مان عربي ڪري سگهجي. اها ڳالهه خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي آن لائين سکيا لاءِ ضروري آهي ڇو جو ان جي معرفت نہ صرف سنڌي ٻولي ڳالهائڻ جي سکيا ڏيڻي هوندي پر لکڻ پڙهڻ جي سکيا پڻ ڏيڻ مقصد هوندو. ان لاءِ ضروري آهي تہ سکندڙ رومن لپيءَ ذريعي ٻولي سکي ۽ جڏهن اها سکي وٺي تہ رومن لپيءَ ۾ ڏنل اکرن کي هڪ ڪلڪ سان عربي- سنڌيءَ ۾ تبديل ڪري ڏسي سگهي ۽ ائين هو چاهي تہ اسان جي لپيءَ ۾ لکيل اکر بہ پڙهي سگهي).

هن ۾ اسان جي تجويز آهي تہ جيئن تہ عام ماڻهو اڳ ۾ ئي SMS ۽ Emails ۾ ۽ ماڻهن جي نالن ۾ سنڌي آوازن جون متبادل ڪي نشانيون استعمال ڪري رهيا آهن ان ڪري تجويز ڏجي ٿي تہ استعمال جو هڪ آسان (user friendly) نمونو جيڪو هن وقت ڪتب اچي رهيو آهي ان کي بہ ضرور خيال ۾ رکجي.

ث، س ۽ ص لاءِ s جو اکر هڪڙو ئي ستعمال ڪجي

ز، ذ، ض ۽ ظ لاءِ z جو اکر هڪڙو ئي استعمال ڪجي.

ه، ھ ۽ ح لاءِ بہ صرف h استعمال ڪجي

ء، ع ۽ الف لاءِ a استعمال ڪجي

ت ۽ ط لاءِ t استعمال ڪجي

ي لاءِ y (consonant طور)

هي جيڪا تبديلي تجويز ڪجي ٿي اها آهي گهڻن آوازن بابت

جنهن ۾ ن لاءِ n تہ آهي. پر ڻ غني لاءِ ñ ڻ لاءِ ṇ

انهيءَ حوالي سان ڃ ۽ ڱ لاءِ اڳ ۾ اٿارٽيءَ پاران:

ڃ لاءِ n̈

ڱ لاءِ ṅ ڏاهيا ويا هئا.

اسان جو خيال آهي تہ ڄ ۾ جيڪو 'ڄ' جو عنصر آهي، ان کي ظاهر ڪجي ۽ متبادل $\tilde{j}$ (nj) ڪجي.

۽ ڱ ۾ جيڪو گ جو عنصر آهي، ان کي بہ قائم رکجي ۽ ان جو متبادل $\tilde{g}$(ng) رکجي. ~ جي نشاني هجڻ بہ لفظ جي نڪائين آواز (nasalization) يا گهٽائيءَ لاءِ قبول ڪيل آهي. يعني

ڄ $\tilde{j}$ (nj)

ڱ $\tilde{g}$(ng)

جيڪڏهن مخصص آوازن لاءِ نيون نشانيون مقرر ڪرڻ سان ڪي بورڊ جو مسئلو ٿيندو تہ پوءِ سولائيءَ خاطر مرڳوئي سيني چوسڻ آوازن (implosives) لاءِ ٻٽو اکر استعمال ڪجي جيئن ٻ لاءِ bb، ڳ لاءِ gg ۽ ڏ لاءِ dd وغيره جيڪو گريئرسن بہ تجويز ڪيو هو. پر ان تي هڪ اعتراض اهو ٿي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن ڪٿي تشديد ڏيڪارڻي هجي تہ پوءِ ڇا ڪبو؟ ان ڪري عملي طور چوسڻ آوازن لاءِ ساڳيو اکر بہ ٻيڻو لکڻ مناسب ڪونہ ٿيندو.

اهو بہ خيال آهي تہ 'ي' جڏهن consonant طور استعمال ٿئي تہ ان کي y سان ظاهر ڪجي. اهڙيءَ طرح حرف صحيح جي لکت ۾ صورت 'يـ' هجڻ سبب ان لاءِ y لکڻ سولو ٿيندو. جيئن 'يڪو' يا 'پايل' ۾ آهي البت ان جي وچ ۾ ۽ آخر ۾ سر (vowel) طور استعمال جون صورتون مختلف ٿينديون ۽ اي، اِي، آي وغيره لاءِ آوازن جي نسبت سان سُرن وارين نشانيون لڳائڻيون پونديون.

جيڪڏهن اسين سنڌيءَ جي ڇوٽن، ڊگهن ۽ ٻٽن سرن توڙي گهڻن سُرن (short and long vowels diphthongs and nasal vowels) تي نظر وجهون تہ سن 2000 ۾ جيڪو تقابلي چارٽ ٺاهيو ويو هو سو هن ريت آهي:

## سرن (vowels) جو تقابلي چارٽ سن 2000 ۾ ناهيل

| عربي سنڌي حرف | روسي ماهرن جو ناهيل | لائبريري آف ڪانگريس جو حرف | پارٽ جي سنڌ الاجي | حليم بروهيءَ جو حرف | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | ڪرسچن مشنرين جو حرف | سيد علي موسوي | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَ | a | a | a | U | a | a | A | a |
| آ | $\bar{a}$ | $\bar{a}$ | $\bar{a}$ | AA | - | A | A | $\bar{a}$ |
| اِ | i | i | i | I | - | i | I | i |
| اِي | $\bar{i}$ | $\bar{i}$ | $\bar{i}$ | EE | ee | E | I | $\bar{i}$ |
| اُ | u | u | u | U' | - | u | U | u |
| اُو | $\bar{u}$ | $\bar{u}$ | $\bar{u}$ | OO | | U | U | $\bar{u}$ |
| اي | $\bar{e}$ | e | e | AY | ay | E | E | e |
| اَي | $a\bar{i}$ | ai | ai | UAY | ai | | AI | ai |
| او | o | o | o | O | | O | O | o |
| اَو | au | au | au | UO | | | OU | au |

## گهڻن سُرن (nasal vowels) جو تقابلي چارٽ
## سن 2000 ۾ ٺاهيل

| عربي سنڌي حرف | روسي ماهرن جو ٺاهيل | لائبريري آف ڪانگريس | پارٽ جي سنڌالاجي | حليم بروهيءَ جو حرف | ڪرسچن مشنري | يونيڪوڊ الفابيٽ | اٿارٽي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَن | ã | ã | an | UN | ā | | ã |
| آن | ā̃ | ā̃ | ān | AAN | Ã | | ā̃ |
| اِن | ĩ | ĩ | in | IN | Ĩ | | ĩ |
| اِين | ī̃ | ī̃ | īn | EEN | | | ī̃ |
| اُن | ũ | ũ | un | UN | u | | ũ |
| اُون | ū̃ | ū̃ | ūn | OON | Ũ | | ū̃ |
| اَين | ẽ | ẽ | en | AYN | Ẽ | | ẽ |
| اَين | ãi | ãi | ain | UAYN | | | ãi |
| اون | õ | õ | on | ON | Õ | | õ |
| اَون | ãu | ãu | aun | UON | | | ãu |

انهن سڀني کي سامهون رکي جيڪا پنهنجي اسان تجويز ڪئي آهي اها هن ريت آهي:

### سُرن (vowels) جو چارٽ

| سُر | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| a | a | اَ | (زبر) |
| aa | ā | آ ـا | (ڊگهو سر/ مد) |
| i | i | اِ | (زير) |
| ee | ī | اِي | (ڊگهو سر) |
| | e | اي | |
| | ai | اَي | |
| | u | اُ | |
| oo | ū | اُو | |
| | o | او | |
| | ao | اَو | |
| | ñ | ن٘ | (ڊگهو سُر) ن ڦنو |
| aañ<br>ooñ<br>eeñ | āñ<br>ū ñ<br>ī ñ | آن٘<br>اُون<br>اِين | ڊگهو سُر ن ڦنو وچهي ٿاهو |

ٻئي طرف اهي صورتون وري ڪمپيوٽر ذريعي آٽوميٽڪ ٽرانسلٽريشن جي معاملي ۾ منجهائيندڙ آهن. Vowel / سر طور آخر ۾ ايندڙ ي ۽ وچ ۾ ايندڙ 'يـ' جا آواز 'اي' ۽ 'اِي' __ 'ڪري' ۽ 'چرِي' ۾ يا 'ڪيٽي' ۽ 'سِيٽي' ڪي لکت ۾ ته مختلف نشانيون مقرر ڪري لکي سگهجي ٿو پر ڪنهن به متن (text) ۾ ان فرق کي ڪمپيوٽر هڪجهڙو ڏسي ساڳي متبادل صورت ڏيندو ۽ پڙهندڙ منجهي پوندو ته 'ڪري' پڙهي يا 'ڪرِي'، 'چري' پڙهي يا 'چَري'، 'ڪيٽي' چوي 'ڪِيٽي'، 'سِيٽي' چوي يا 'سِي ٽي'.

اهو مسئلو ٻين سرن (vowels) سان به لاڳو آهي.

'و' جڏهن حرف صحيح (consonant) طور استعمال ٿيندو ته v متبادل ٿيندو. جيئن 'وحدت' يا 'وڻ' ۾، پر سُر (vowel) طور 'مور'، 'مُور' ۽ 'مَور' جي لاءِ au,oo,o وغيره صورتن مان ڪمپيوٽر ڪهڙي صورت ڪڍي؟ ڇوته اصل ۾ اعراب نه هئڻ جي صورت ۾ ڪمپيوٽر لاءِ 'و' جون سڀ صورتون ساڳيون آهن.

انهن جي مقرر متبادل رومن اکرن کي لکت ۾ ته ڪم آڻڻ سولو ٿيندو پر ڪمپيوٽر ۾ مشڪلات پيش اچن ٿيون.

مثال طور "سنڌو" لفظ آهي.

جڏهن آٽوميٽڪ بدل (machine conversion) ٿيندي ته ڪمپيوٽر ان کي (سَنڌوsandho)، (سَنڌُوsandhoo )، (سِنڌو sindho)، (سِنڌُو sindhoo) (سُنڌوsundho)، (سُنڌُو sundhoo)مان ڪهڙي صورت ڏيندو؟ ڇوته ڪنهن به اکر تي ڪا زير، زبر ۽ پيش جي نشاني ڪانهي.

معنيٰ ته ساڳي ڳالهه سيني ڊگهن سُرن (long vowels) ۽ ننهي ڇوٽن سرن (short vowels)اَ_اِ_اُ (يا زير زبر پيش) لاءِ درپيش ايندي

ان کي حل ڪرڻ جا ٽي طريقا سمجهه ۾ اچن ٿا.

1. اهڙا لفظ جن جي ساڳي صورتخطي آهي رڳو زيرن زبرن سان اُچار ۽ معنيٰ ۾ فرق اچي ٿو آٽوميٽڪ تبديليءَ کان پوءِ ڪمپيوٽر ان

جا ٻه يا ٽي جيڪي اچار ممڪن هجن اهي سڀ ڏيئي وچ ۾ ليڪ يا slash سان جيئن:

| | |
|---|---|
| سنڌ | sindh/sandhu |
| سنڌو | sandho/sindhoo |
| هڪ | hiku/hika/huku |

يا ٻي صورت ۾

| | |
|---|---|
| ڪري | kare/karee/kiree |
| ڪيتي | ketee/keetee/kete |

ان صورت ۾ پڙهندڙ وٽ چونڊ (choice) هوندي تہ هو جملي جي مفهوم موجب اُچار ڪري پر ان مان اهو مسئلو اڀري ٿو: تہ متن (text) تمام وڏو ٿي ويندو ۽ ڪتي مونجهارا بہ پيدا ٿيندا ۽ غلط اچار بہ ٿيندا.

ٻيو طريقو اهو آهي تہ اهڙين منجهائيندڙ صورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ چوٽن سُرن لاءِ ڪي common نشانيون ٺاهجن جن کي پڙهندڙ پنهنجي مرضيءَ سان decode ڪري مثلاً

او اُو يا آو جي لاءِ Ø

اي اِي يا آي جي لاءِ e

آخري زير ز.ر ۽ پيش لاءِ نشاني <

جيئن hik< (هِڪُ)

huk< (هُڪُ)

hik< (هِڪَ)

پر اتي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ hi ۽ hu جي اُچارن کي ڏسندي لفظن جي مُنڍ يا وچ ۾ ايندڙ زير، زبر ۽ پيش جو حل وري بہ مشڪل ٿو لڳي. ان صورتحال کي ڪيئن منهن ڏجي؟

ان لاءِ ٽيون طريقو اهو ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ وچ وارا چوٽا سُر (زير زبر پيش) رومن ۾ ڏجن ئي نہ ۽ لفظن بدران صرف اکرن جي ڊيٽابيس ٺاهجي. مثلاً

kjh 'ڪجهه'

klak 'ڪلاڪ'

shayd 'شايد'

(هن سلسلي ۾ مقتدره قومي زبان جي انفرميٽڪس شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر عطش دراني‌ءَ جو چوڻ آهي ته اهو مسئلو هو اردوءَ ۾ حل ڪري چڪا آهن ۽ اتي هو آپشن (چونڊ) ۾ لفظ جون ممڪن سڀ صورتون ڏين ٿا جيڪي ڪلڪ ڪرڻ سان سامهون اينديون. انهن مان جيڪو ان جاءِ لاءِ گهربل هوندو اهو اتي ڪلڪ ڪري رکي سگهبو)

ساڳي ڳالهه ڳُڻَن سرن لاءِ به درپيش اچي ٿي. سنڌيءَ ۾ آخري ن غني ۾ نقطو موجود آهي ان کي $\tilde{n}$ سان ڪيئن ظاهر ڪبو؟

مثال 'ڪان' ۽ 'ان' ۾ هڪڙو نون غنو آهي ۽ ٻيو حرف صحيح ۽ متحرڪ آهي.

ٻئي طرف وچ ۾ آيل ن غنو پڻ مسئلو ڪندو. مثلاً:

لفظ ڪنول kanwal ۾ اصل ۾ن غنو آهي ان ڪري $\tilde{n}$ اچڻ گهرجي، پر لکت ۾ جزم نه هئڻ جي صورت ۾ ڪمپيوٽر ان کي n جي نشاني ڏيندو.

لفظ "انب" ۾ن غنو ۽ ب ملي مِ جا اُچار ٿا ڏين، پر ڪمپيوٽر amb نه پر anb لکندو. جڏهن ته هئڻ $a\tilde{n}b$ کپي.

ٻي طرف اندر (andar) ۽ انور (Anwar) ۾ نون ساڪن آهي، پر نون غنو ڪونهي ته اهو به n سان ظاهر ٿيندو.

ان ڪري منهنجي گذارش لسانيات، خصوصاً Phonetics جي، حوالي سان رهنمائي ڪرڻ لاءِ آهي ته هو عام لکپڙهه لاءِ رومن اکر مقرر ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪن ته ساڳئي وقت ڪمپيوٽر جي ماهرن کان به سهڪار جي خواهش رکان ٿي، جيئن مٿي بيان ڪيل مسئلا حل ڪري سگهجن. في الحال پنهنجي سمجهه آهر ڪم جاري ڪري تجربا ڪري رهيا آهيون پر حتمي فيصلو ماهرن جي صلاح سان ئي حل ڪنداسين.

منهنجي نياڻي، ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي ادب جي هڪ مڃيل محقق ۽ دانشور جي حيثيت ٿي رکي، هيءَ نياڻي، دانشور بنت دانشور، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هڪ بهترين پروفيسر، قابل لطيف شناس، محقق، نقاد ۽ سنڌي لسانيات جي وڏي ڄاڻ رکندڙ آهي، سنڌي لسانيات، خاص ڪري تشريحي لسانيات ۽ اطلاقي لسانيات ۾ سندس ڄاڻ، اُنهن موضوعن جي ماهرن جي نظر ۾ اعليٰ مقام ۽ منزل رکي ٿي. سنڌي وياڪرڻ ۽ لطيف شناسي، منهنجي هن نياڻيءَ جا پسنديده موضوع آهن.

ڊاڪٽر صاحبه جو هيءُ ڪتاب، 'سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو' هڪ اهڙو معلوماتي ۽ تجزياتي مسودو آهي، جيڪو تاريخي لسانيات، تشريحي لسانيات کان سواءِ لغت نويسي ۽ لطيف شناسيءَ جهڙن اهم موضوعن تي عام پڙهندڙن، سنڌي ٻوليءَ جي اُستادن، شاگردن، توڙي لسانيات جي مختلف موضوعن جي تحقيق ڪندڙن لاءِ رهنمائي ڪندڙ مسودو چئي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن جي فهرست تي هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته ڊاڪٽر صاحبه سنڌي لسانيات ۽ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪندي پيش ايندڙ سڀني مسئلن تي قلم کنيو آهي، هن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب 'سنڌي ٻولي جو گرامر' جي جائزي وٺڻ کان سواءِ 'سنڌي گرامر جي مسئلن'، 'سنڌي ٻوليءَ جي فطري خوبين ۽ سنڌي گرامر' کان سواءِ 'سنڌي صورتخطيءَ جي ڪن مسئلن'، 'سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت سازيءَ' جي روايت، 'ٻيهڪ جي نشانين'، 'فيمينزم جي لساني پهلوءَ' ۽ 'رومن ٽرانسلٽريشن' سميت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي ٻوليءَ جهڙن موضوعن تي لسانيات جي فني نقطن کي سامهون رکي، وضاحت سان تنقيدي ۽ تحقيقي روشني وڌي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحبه سنڌي ٻوليءَ جي جنهن اهم نقطي طرف، سنڌي ٻوليءَ جي محققن، اديبن، استادن ۽ شاگردن جو ڌيان ڇڪايو آهي، اُهو نقطو آهي 'سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي جوڙجڪ، ساخت ۽ سٽاءُ'، ڇاڪاڻ ته جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي هن پهلوءَ تي گهڻي ۾ گهڻو ۽ تحقيقي توڙي تنقيدي ڪم نه ٿيندو، تيستائين دنيا جي ٻين ملڪن ۾ رهندڙ لسانيات جا ماهر، سنڌي ٻوليءَ کي هميشه 'هند- آريائي' (Indo Aryan) ٻولين مان هڪ ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي شاخ پيا ڄاڻائيندا، جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جو وجود، سنڌو ماٿر ۾، سنسڪرت جي وجود ۾ اچڻ کان صديون اڳاٽو آهي. ڊاڪٽر صاحبه جي سوچ بلڪل صحيح آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي ساخت، سٽاءَ ۽ رچنا جي مطالعي لاءِ ڊاڪٽر ٽرومپ کان وٺي سر گريئرسن، واٿن، ڪئپٽن اسٽئڪ جي گرامرن ۽ محترم واحد بخش شيخ جي سنڌي صرف و نحو جو تشريحي لسانيات جي روشنيءَ ۾ تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو نئين سر وٺڻ گهرجي.

منهنجي نظر ۾ هن ڪتاب ۾ شامل سڀني مضمونن ۾، سنڌي لسانيات، سماجي لسانيات ۽ اطلاقي لسانيات جي باري ۾، ڪيترن ئي حوالن سان تنقيدي ۽ تحقيقي بحث ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۽ سٽاءُ واري مسئلي تي سٺي روشني وڌي وئي آهي، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي اديبن، شاگردن ۽ اُستادن کي معلوماتي رهنمائي ملي ٿي.

ISBN 978-969-9098-81-9

Rs. 200/-